ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 27 جولاءِ 2026ع 12 صفرالمظفر 1448ھ صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (341)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Monday 27th July 2026

پاڪستان رياستي ادارن، فوج ۽ قومي قيادت خلاف پارٽي فنڊنگ سان هلندڙ منظم ڊجيٽل پروپيگنڊا نيٽ ورڪ بي نقاب

ڊجيٽل مارڪيٽنگ، سروسز ۽ بوٽ فارمز ذريعي گمراهه ڪندڙ معلومات ڦهلائيندڙ شخص کي گرفتار ڪيو ويو، نيٽ ورڪ جا پرڏيهي رابطا به سامهون آيا، جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي بابت مواد کي به منظم انداز ۾ هٿي ڏني وئي: عطاءُ الله تارڙ

گرفتار شخص ذريعي پاڪستان، پاڪستان جي سلامتي، حڪومت فوج ۽ ادارن خلاف مواد وائرل ڪيو پئي ويو. جوابدار کي لنڊن کان ادائگيون ڪيون پئي ويون. پورو نيٽ ورڪ بوٽ فارمز ذريعي آپريٽ ٿي رهيو هو

وڌيڪ مواد آزاد ڪشمير ۾ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي حوالي سان ملي رهيو هو اسان شروع کان ئي چئي رهيا هئاسين ته ڪشمير ڪاز کي نقصان پهچائڻ ۽ پاڪستان ۽ ڪشميري عوام وچ ۾ تعلق کي ڪمزور ڪيو پيو وڃي

سمورين سرگرمين هڪ منظم سازش جو حصو آهن ۽ اِن جو نه ته ڪشمير ڪاز سان ڪو تعلق آهي جيڪڏهن هي ڌريون واقعي ڪشمير ۽ ڪشميري ڪاز سان مخلص آهن ته پوءِ هي اجتماعي عمل جو حصو ڇو نه ٿيون بڻجن

هنن هر موقعي تي تشدد جي سياست کي هٿي ڏني، هنن پنهنجي احتجاجن دوران ڪشميري پوليس جي جوانن کي شهيد ڪيو، آزاد جمون ڪشمير ۾ امن امان جي صورتحال پيدا ڪري قانون هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ پاڪستان جنهن انداز سان ڪاميابيون حاصل ڪيون دنيا انهن جو اعتراف ڪري رهي آهي، ڀارت جي سرپرستي ۾ هلندڙ نفرت انگيز پروپيگنڊه ڪامياب نٿي ٿي سگهي

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته پاڪستان رياستي ادارن هٿياربند فوج ۽ قومي قيادت خلاف پارٽي فنڊنگ سان هلندڙ منظم ڊجيٽل پروپيگنڊه نيٽ ورڪ بي نقاب ٿيو آهي جيڪو ڊجيٽل بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪشمير جي چونڊن تي اثرانداز ٿيڻ ۽ هڪ وفاقي وزير حالتون خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: شرجيل ميمڻ

خواجه آصف جو بيان ن ليگ جي پارٽي پاليسي نه هو ته پوءِ سندس خلاف ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي

پيپلز پارٽي هميشه عوام سان گڏ بيٺي آهي. باوقار ڪشميري ڀائر ۽ ڀينرون پ پ کي ئي ووٽ ڏيندا

ڌانڌلي ۽ فراڊ ذريعي اقتدار ۾ اچڻ ن ليگ جي هميشه کان عادت رهي آهي: ميرپور ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

خيبرپختونخواهه جي گورنر پاران صدر آصف علي زرداري کي سالگرهه جي مبارڪ پيش

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، صدر مملڪت بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

چين جي ڊجيٽل صنعت جي آمدني 2025ع دوران 39.6 ٽريلين يوان رهي

بيجنگ (اي پي پي) چين جي ڊجيٽل بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۽ ترڪي پاران عسڪري ۽ دفاعي سهڪار مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان سان ترڪي ۽ ڏکڻ آفريڪا هم منصب ٽيليفونڪ رابطو ڪيو

علائقائي چيلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ گڏيل ڪوششن کي وڌائڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزادي خالد بن سلمان سان ترڪيه جي هم منصب ياسر گلر ۽ ڏکڻ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پاڪستان مالديپ سان پنهنجي پائيدار لاڳاپن کي انتهائي اهميت سان ڏسي ٿو: صدر آصف زرداري

ٻنهي ملڪن ۾ دوستي جو رشتو مضبوط ٿيڻ سان هڪٻئي کي گڏيل تعاون کي هٿي ملندي

مالديپ جي هم منصب، حڪومت ۽ عوام کي يوم آزادي تي مبارڪون پيش ڪريون ٿا: پيغام

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزُ مالديپ جي حڪومت ۽ عوام بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد زرداري هائوس ۾ فريال ٽالپر پاران اعليٰ سطحي اجلاس، مختلف تجويزن تي غور

اجلاس ۾ ڪي پي ڪي جي گورنر سميت سنڌ جي صوبائي وزيرن، اسيمبلي ميمبرن ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

ملڪ جي سياسي صورتحال ۽ پارٽي جي تنظيمي معاملن ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي غور

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي عورت ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ زرداري هائوس اسلام آباد ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ ڪي پي ڪي جي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڏکڻ چيني سمنڊ ۾ ويٽنامي جهاز کي حادثو، 25 ڄڻا گم 37 ماڻهن کي بچايو ويو

نانشا ٻيٽ ويجهو يونگ شوريف رٽ ويٽنام جو جهاز ٻڏي ويو، جهاز ۾ 62 ماڻهو سوار هئا

جهاز ۾ سوار 37 ڄڻن کي حفاظت سان بچايو ويو، گم ٿيل ماڻهن جي ڳولها لاءِ جاري

بيجنگ (اي پي پي) ڏکڻ چيني سمنڊ ۾ نانشا ٻيٽ ويجهو يونگ شوريف رٽ ويٽنام جو جهاز ٻڏي ويو جنهن کان پوءِ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي سلامتي تي ڪو به ڪاهه نه ڪنداسين، دهشتگردي جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون: وزيراعظم

ڏکڻ وزيرستان ۾ دهشتگردن جي حملي کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت، غير معمولي جرئت ۽ وقت سر ڪارروائي ساراهه جوڳي آهي

حڪومت ۽ سڄي قوم پنهنجي بهادر فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ آهي: شهباز شريف

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڏکڻ وزيرستان ۾ دهشتگردن جي حملي کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي اڄ ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ٽانڪ ۾ مارجي ويل دهشتگردن جا لاش وچ چوڪ تي رکي عبرت جو نشان بڻايو ويو

مانجهي خيل ۾ پوليس ۽ پاڪ فوج جي گڏيل چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن طرفان حملو ڪيو ويو هو

جوابي ڪارروائي ۾ فتنه الخوارج جا سمورا دهشتگرد مارجي ويا. لاش بازار ۾ آڻي چوڪ تي رکيا ويا

عوام پاران فتنه الخوارج جي مارجي ويل دهشتگردن تي سخت ڪاوڙ، بيزاري ۽ لعنت جو اظهار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) ٽانڪ ضلعي ۾ چيڪ پوسٽ تي حملي جي ناڪام ڪوشش ڪندڙ فتنه الخوارج جا دهشتگرد عبرت جو نشان بڻجي ويا. ٽانڪ جي علائقي مانجهي خيل ۾ واقع پوليس ۽ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ٽانڪ دهشتگردن جا لاش وچ چوڪ تي رکيل آهن

جرمني ۾ ننڍو نجي جهاز گهر جي ڇت تي ڪري تباهه، 2 ڄڻا فوت

برلن (اي پي پي) جرمني جي اتر اولهه بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي دوري دوران پي سي بي بهترين سهولتون فراهم ڪيون: ڏکڻ آفريقي ويمنز ڪپتان

لاهور (اي پي پي) ڏکڻ آفريقا جي ويمنز بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايٽمي توانائي ڪميشن جو اڳوڻو چيئرمين پرويز بٽ لاڏاڻو ڪري ويو

اسلام آباد (م د) پاڪستان ائٽمي توانائي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ مفاهمتي يادداشت جي عمل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي: چيني پرڏيهي وزير

شنگهائي تعاون تنظيم جي پرڏيهي وزيرن جي اجلاس جي موقعي تي وانگ يي پاران پاڪستان جي ساراهه ڪئي وئي

چين ۽ پاڪستان جا لاڳاپا هميشه وقت جي گهرجن تي پورا لهندا آهن ٿياڪڙي جي ڪوشش جي مڪمل حمايت جاري رکنداسين

ڌرين کي ٻيهر ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۽ خطي ۾ جٽادار جنگ بندي حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪندا رهنداسين

بشڪيڪ (اي پي پي) چين جي پرڏيهي وزير وانگ يي چيو آهي ته چين ۽ پاڪستان جا لاڳاپا هميشه وقت جي گهرجن تي پورا لهندا آهن چين جي ميڊيا موجب ڪرغزستان ۾ شنگهائي تعاون تنظيم جي پرڏيهي وزيرن جي اجلاس جي موقعي تي وانگ يي ان ڳالهه کي ساراهيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ مفاهمتي يادداشت بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ دهشتگردي خلاف اثرائتيون ڪارروائيون جاري، ڪيترائي ٺڪاڻا تباهه

سيڪيورٽي فورسز ڪلي ڪند عمراڻي، خڏڪوچ، مستونگ سميت مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون

آپريشن العزم ۾ دهشتگردن جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي تباهه ڪري هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ ڪيو ويو

صوبي ۾ جاري آپريشن العزم ۾ هاڻي تائين فتنه الهندستان جا 16 دهشتگرد مارجي چڪا آهن: ذريعا

اسلام آباد (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز جون انٽيليجنس بيسڊ آپريشن العزم تحت بلوچستان ۾ دهشتگردي خلاف اثرائتيون ڪارروائيون جاري آهن بلوچستان ۾ ڪلي ڪند عمراڻي، خڏڪوچ، مستونگ سميت مختلف علائقن ۾ فتنه الهندستان کي وڏي نقصان جو منهن ڏسڻو پيو سيڪيورٽي ذريعن مطابق آپريشن العزم ۾ دهشتگردن بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

FINANCIAL
FREEDOM
FOR ALL
DIGITAL WALLET
GOLD LOAN
EWA
ABHI
microfinance bank
042-111-111-562 | www.abhibank.com

ڪشمير جي وسيلن ۽ فيصلن تي ڪشميرين جو پورو حق آهي: بلاول ڀٽو زرداري

ميرپور جي رهواسين منگلا ڊيم جي تعمير لاءِ پنهنجي زمين ۽ پنهنجا گهر قربان ڪيا آهن

پاڪستان جا شهر روشن ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهرن ۽ زمينن جي قرباني ڏيندڙن کي حق ملڻ گهرجي

آزاد ڪشمير جي شهرين پاران پرڏيهه مان موڪليل ناڻي پاڪستان جي معيشت کي مضبوط ڪيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڪشمير جي وسيلن ۽ ان جي فيصلن تي ڪشميرين جو پورو حق آهي ڪشميرين کي به اهي حق ملڻ گهرجن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

RECONDUCT CCE 2024
ENSURE MERIT & TRANSPARENCY
SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION
حيدرآباد: ايس اي سي پاران ايس پي ايس سي خلاف علامتي بک هڙتال ڪري رهيا آهن

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ مينگروز جي تحفظ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي دنيا ۾ مينگروز جي تحفظ جو عالمي ڏينهن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اينٽي نارڪوٽڪس فورس جو ڪريڪ ڊائون، 3 منشيات فروش گرفتار

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) سڄي ملڪ ۾ 3 ڪامياب ڪارروائيون ڪندي 3 بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل مٿان چڙهي وئي، چاچي ۽ ڀائيٽي سميت 3 ڄڻا فوت

سپر هاءِ وي تي جمالي پل کان ايوب ڳوٺ ويندي تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو

حادثي ۾ 50 سالن جو وقار سندس نوجوان ڀائيٽو 30 سالن جو حبيب ۽ 28 سالن جو عديل سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي ايمبولينس ذريعي اسپتال نيو ويو جتي هو علاج دوران فوت ٿي ويا، ٽرڪ ڊرائيور گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سائيٽ سپر هاءِ وي انڊسٽريل ايريا پوليس ٿاڻي جي علائقي ۾ سپر هاءِ وي تي جمالي پل کان ايوب ڳوٺ ويندڙ رستي تي تيز رفتار ٽرڪ ڊرائيور کان ڪنٽرول مان نڪري وڃڻ جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

شادي لارج: شهيد نوجوان بلال احمد ڪمبوهه

ڪراچي ۾ ڪٽ سان ٻڌل نوجوان جو ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو، جاچ شروع

ڊيفنس ڪالا پل هزاره ڪالوني ۾ گهر اندر 15 سالن جي مزمل جو لاش مليو

والدين گهر کان ٻاهر ويل هئا، واقعو پراسرار لڳي رهيو آهي، جاچ ڪريون پيا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڊيفنس ڪالا پل هزاره ڪالوني ۾ گهر اندر ڪٽ سان ٻڌل نوجوان جو ڦاهو لڳل لاش مليس بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

لانڍي اسپتال ۾ 4 مهينن جي ٻار جي ار پي ڊي اسڪريننگ دوران ايڇ آءِ وي ظاهر

رپورٽ ڪانپوءِ سندس ماءُ جي به اسڪريننگ ڪئي وئي، جيڪا پڻ پازيٽو نڪتي

ٻار جي والد جو رت جو نمونو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هو اسپتال ڇڏي هليو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوٽ (سيسي) جي ڪمشنر هادي بخش ڪلهوڙي چيو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڪورنگي گودام چورنگي ڪار شو روم ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت ٿي ويو ۽ سندس لاش جناح بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلا، 6 زخمين سميت 7 جوابدار گرفتار، 3 ڄڻا فرار

مختلف علائقن مبينا پوليس مقابلن دوران ڌوهن ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هٿيار، موبائيل فون، روڪ رقم ۽ گاڏيون هٿ آيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڌاڙيلن سان مقابلي دوران ٻه اهلڪار زخمي، شهرين جي تشدد ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو

رضويه سوسائٽي جي علائقي ۾ گوليمار ويجهو مددگار ون فائيو اهلڪارن ۽ ڦورن وچ ۾ مقابلو ٿيو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پوليس جا ٻه اهلڪار سهيل ۽ امتياز زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

جوابي فائرنگ ۽ شهرين جي مبينا تشدد بعد زخمي حالت ۾ سوگهو ٿيل ڦورو اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رضويه سوسائٽي ٿاڻي جي علائقي ۾ گوليمار پٽيل واڙي اسٽريٽ ويجهو مددگار ون فائيو جي سپاهين ۽ ڦورن جي وچ ۾ پوليس مقابلي دوران مددگار ون فائيو جا ٻه پوليس اهلڪار بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بدين: پوليس ڪارروائي ۾ مارجي ويل جوابدار ٻئي طرف زخمي ٿيل اهلڪار

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پاران صدر زرداري جي سالگرهه جي موقعي شاندار تقريب منعقد

اسلام آباد ۾ منعقد ڪيل هڪ شاندار تقريب ۾ فريال ٽالپر خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

صوبائي اڳواڻن، وفاقي ۽ صوبائي وزيرن، پارليامينٽ ميمبرن ۽ پارٽي عهديدارن سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صدر آصف علي زرداري جي سالگرهه جي موقعي تي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري جون عوام، جمهوريت ۽ وفاق لاءِ خدمتون قابل قدر آهن: مراد علي شاهه

سندس قيادت ملڪ جي مستحڪم مستقبل جي ضمانت ۽ جمهوري استحڪام جي علامت آهي

’پاڪستان کپي‘ وارو پيغام اميد، اتحاد ۽ قومي يڪجهتي جي علامت بڻجي ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري کي جنم ڏڻ جون بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ چين وچ ۾ گڏيل تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي لائيوسٽاڪ جي شعبي جي ترقي لاءِ ٿيل مفاهمتي يادداشت جو جائزو ورتو

چيني وفد پاران سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ جي ڪارڪردگي ۽ جديد سهولتن جي ساراهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير لائيوسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي ملڪاڻي ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ سينيئر بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

هاري ڪانفرنس
حيدرآباد: سماجي تنظيمن پاران منعقد هاري ڪانفرنس ۾ ڊرامو پيش ڪيو پيو وڃي

پاڪستان ٽيڪس سڌارن ذريعي معيشت مستحڪم ڪرڻ ۾ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي: خرم شهزاد

مالي نظم و ضبط پرڏيهي شعبي جي مضبوطي سميت سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو

انهن سڌارن کي عالمي سطح تي به پذيرائي حاصل ٿي رهي آهي: سيمينار کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد پاڪستان ٽيڪس بار ايسوسيئيشن ۽ لاهور ٽيڪس بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

مينگروز جي بحالي بليو ايڪانامي کي هٿي وٺائڻ لاءِ اهم آهي: جنيد انوار چوڌري

پاڪستان جا مينگروز ٻيلا موسمياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن پيا

مينگروز جي تباهي سان غذائي تحفظ ۽ ماهيگيري برادري جو روزگار متاثر ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير جنيد انوار چوڌري چيو آهي ته پاڪستان جا مينگروز ٻيلا عربي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حڪومت اقتصادي ترقي لاءِ خانگي شعبي سان سهڪار جاري رکندي: جام ڪمال خان

پاڪستان ڪارپٽ مينوفيڪچررز اينڊ ايڪسپورٽرز ايسوسيئيشن جي وفد وفاقي وزير سان ملاقات ڪئي

علائقائي واپار ۾ رڪاوٽن ۽ هٿ سان ٺهيل قالينن جي صنعت کي درپيش چيلينجز بابت آگاهي

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي پاران لڳل ڌرڻي ۾ تمر جتوئي شريڪ آهي

ڪراچي ۾ حادثن سبب 5 ڄڻا فوت، فائرنگ ۾ پ پ پ ڪارڪن سميت 6 شهري زخمي

شاهه لطيف ۾ مدرسي اندر ڪم دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب مزدور نعيم ولد غلام فريد فوت ٿي ويو

گلستان جوهر، اورنگي ٽائون ۽ نيو ڪراچي جي علائقن مان ٻن اڻڄاتلن سميت ٽن ڄڻن جا لاش مليا

نارٿ ۾ پيپلز پارٽي جي آفيس تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ به ڪارڪن سهيل احمد ۽ امان زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 5 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ فائرنگ ۾ 2 پ پ پ ڪارڪن سميت 6 شهري زخمي ٿي پيا. شاهه لطيف سيڪٽر 17 بي اسڪري بٺڪ جي ويجهو بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

افغانستان فريڊم فرنٽ جا عسڪري قافلي تي راڪيٽ حملا، 7 طالبان مارجي ويا، 6 زخمي

ضلعي دوشي ۾ ڪابل کان بدخشان لاءِ وڌيڪ نفري ۽ عسڪري سامان کڻي ويندڙ قافلي تي حملا ٿيا

زيبڪ ۾ به طالبان رجيم تي حملو ڪيو ويو، بدخشان جي ضلع زيبڪ ۾ طالبان رجيم کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو

ٻن ڏينهن دوران جهڙپن ۾ طالبان رجيم جا 4 ڪمانڊر ملا شاداب مولوي گل احمدي، ملا فريد الله ۽ قاري عمري لازري مارجي ويا

اسلام آباد (اي پي پي) افغانستان ۾ طالبان رجيم خلاف مزاحمتي ڪارروائين ۾ تيزي اچي وئي آهي. تازي ڪارروائي ۾ افغانستان فريڊم فرنٽ بغلان جي ضلعي دوشي ۾ طالبان جي عسڪري قافلي تي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر، شرجيل ميمڻ ۽ ٻيا صدر زرداري جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيندي

پي سي بي قومي ٽيسٽ اسڪواڊ ۾ ٻن اهم تبديلين جو اعلان ڪري ڇڏيو

لاهور (اي پي پي) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پي سي بي ويسٽ انڊيز خلاف جاري بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ منگهوپير ويجهو گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ نوجوان فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ منگهوپير ميانوالي ڪالوني ويجهو گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ نوجوان فوت ٿي ويو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ جاري ڪاڪروچ جنتا پارٽي جي احتجاج ۾ پاڪستاني عسڪري قيادت جي تعريف

هڪ پارٽي شهري پاران پاڪستان ۽ پاڪستاني عسڪري قيادت جي نالي وڊيو پيغام جاري ڪيو ويو

وڊيو ۾ احتجاج ۾ شريڪ پارٽي شهري پاڪستان ۽ عسڪري قيادت جي حق ۾ نعرا لڳايا

پاڪستان آپريشن بنيان مرصوص ۾ موديءَ کي تاريخي شڪست ڏني آهي، وائرل وڊيو ۾ اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) نئين دهلي ۾ جاري احتجاج مان هڪ پارٽي شهري پاڪستان ۽ پاڪستاني عسڪري قيادت جي نالي هڪ وڊيو پيغام جاري ڪيو آهي وائرل وڊيو ۾ پارٽي شهري چئي رهيو آهي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري ملڪ ۾ جمهوريت، آئين ۽ وفاق کي مضبوط ڪيو آهي: شام سندر آڏواڻي

سندس دورانديش قيادت قومي مفاهمت، سياسي استحڪام ۽ عوامي ڀلائي جي علامت آهي

سندن 71 هين سالگرهه جي موقعي تي دلي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا: پيغام ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي ۽ وڏي وزيرسنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي صدر مملڪت آصف علي زرداري کي 71هين سالگرهه جي موقعي تي دلي مبارڪباد پيش ڪندي سندن قومي، جمهوري ۽ عوامي خدمتن کي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪي يو جي پاران آفاق احمد جي ريلي دوران ميڊيا سان بدسلوڪي جي سخت مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونين آف جرنلسٽس (ڪي يو جي) جي صدر اعجاز احمد، جنرل سيڪريٽري لبنيٰ جرار نقوي، نائب صدر محمد ناصر شريف، راهب ڳاهو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري جي 71هين سالگرهه، وڏي وزير ۽ صوبائي اڳواڻن پاران مبارڪباد پيش

اڳواڻن پاران سندن قومي، جمهوري ۽ عوامي خدمتن کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي

سنڌ جي قيادت صدر زرداري جي سٺي صحت، ڊگهي ڄمار لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صدر آصف علي زرداري جي 71هين سالگرهه، سنڌ جي قيادت پاران ڀرپور ڀيٽا. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد، صوبائي وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه ۽ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

هاڪي فيڊريشن پاران عمان ۾ مينز ايشين هاڪي جي 5 ايس چيمپئن شپ ۾ شاندار ڪارڪردگي تي قومي ٽيم کي مبارڪ

اسلام آباد (اي پي پي) هاڪي فيڊريشن عمان ۾ منعقد مينز ايشين هاڪي جي 5 ايس چيمپئن شپ 2026ع ۾ شاندار ڪارڪردگي تي قومي ٽيم کي مبارڪ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

افغان طالبان رجيم ۾ انساني حقن جي بدترين پامالين تي عالمي آواز اٿڻ لڳا

علائقائي امن کي داءُ تي لڳائيندڙ طالبان رجيم افغان عوام جي مستقبل کي اونداهو بڻائي ڇڏيو آهي

طالبان رجيم افغان عورتن جي تعليم، چرپر ۽ آزادي محدود ڪري ڇڏي آهي: پرڏيهي ميڊيا

عوام کي شديد ڏکيائيون درپيش آهن دنيا ان شرپسند ٽولي کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

اسلام آباد (اي پي پي) افغان طالبان رجيم ۾ انساني حقن جي بدترين پامالين تي عالمي آواز تيز ٿي ويا، علائقائي امن کي داءُ تي لڳائيندڙ طالبان رجيم جي خراب پاليسين افغان عوام جي مستقبل کي به بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڦليلي واري علائقي ۾ نالو بند ٿيڻ سبب روڊ تي پاڻي بيٺل آهي

ڪراچي ميئر چورنگي انڊر پاس عوام لاءِ کوليو ويو، افتتاح بلاول ڀٽو زرداري ڪندو: ناصر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ٽرانسپورٽرن جا مسئلا لاڳاپيل اختيارين جي سامهون آندا ويندا: گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته خطي جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي عوام بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

کي يوم آزاديءَ تي مبارڪ ڏني آهي. اڄ ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق صدر مملڪت هلندڙ سال يوم آزاديءَ کي پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي قيام جي 61 هين سالگره طور به وڌيڪ خاص قرار ڏنو. هن چيو ته اهو سنگ ميل ٻنهي ملڪن وچ ۾ 6 ڏهاڪن کان وڌيڪ قائم دوستي وارن لاڳاپن، گڏيل اعتماد ۽ ريجهي سهڪار جي عڪاسي ڪري ٿو. صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان مالديپ سان پنهنجي پائيدار لاڳاپن کي انتهائي اهميت سان ڏسي ٿو هن ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته دوستي جي رشتي ۾ مضبوط ٿيڻ سان گڏيل تعاون کي هٿي ملندي جيڪا ٻنهي ملڪن جي عوام لاءِ امن ترقي ۽ خوشحالي جو سبب بڻجندي.

بقايا 2 روزاني عبرت

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، چوڌري رياض، سنڌ جي صوبائي وزيرن قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال ۽ پارٽي جي تنظيمي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون اجلاس ۾ مجموعي سياسي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڪيترين ئي تجويزن تي غور ڪيو ويو ۽ مستقبل جي حڪمت عملي طئي ڪئي وئي.

بقايا 3 روزاني عبرت

اڄ جي صبح ڌاري 37 ڄڻن کي حفاظت سان بچايو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي شهر سانشا جي عملدارن ٻڌايو ته بچايل سمورا ماڻهو ويتنام جي ٻڏي ويل جهاز ڪوئي نگوين - 18 جا آهن جهاز ۾ مجموعي طور تي 62 ماڻهو سوار هئا. عملدارن ٻڌايو ته ڇنڇر جي شام تي چيني ٽرانسپورٽ واري وزارت جي نانهائي ريسڪيو بيورو جي امدادي جهاز نانهائي جيو 115 سمنڊ ۾ راڪيٽ پيراشوٽ ذريعي موڪليل هنگامي سگنل ڏٺو جنهن ڪانپوءِ امدادي ڪارروائيون شروع ڪيون ويون سانشا ميري ٽائيم سرچ اينڊ ريسڪيو عملدارن مطابق ڪوئي نگوين - 18 ويتنام ۾ رجسٽرڊ جهاز آهي جنهن جي ڊيگهه 69.9 ميٽر ۽ مجموعي وزن 999 ٽن آهي عملدارن ٻڌايو ته گم ٿيل ماڻهن جي ڳولها لاءِ امدادي ڪارروائيون جاري آهن

بقايا 4 روزاني عبرت

مارڪيٽنگ سروسز ۽ بوٽ فارمز ذريعي گمراهه ڪندڙ معلومات پکيڙي رهيو هو گرفتار شخص کان حاصل ڪيل ڄاڻ ڊجيٽل رڪارڊ ۽ فني شاهدين سان ان نيٽ ورڪ جا پرڏيهي رابطا به سامهون آيا. جڏهن ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي بابت مواد کي به منظم انداز ۾ هٿي ڏني وئي اڄ ڏينهن هتي خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي سيڪيورٽي ادارن ڪجهه وقت اڳ ڊجيٽل مارڪيٽنگ سروسز فراهم ڪندڙ هڪ شخص کي گرفتار ڪيو جاچ دوران سڌ پئي ته هي شخص سوشل ميڊيا تي ڊجيٽل مارڪيٽنگ سروسز فراهم ڪري رهيو هو جنهن جا پيرا انڊيا سان ملن ٿا. ان شخص ذريعي مواد کي پاڪستان ۾ وائرل ڪرڻ لاءِ انڊيا کان ادائگيون ڪيون پئي ويون گرفتار شخص کان معلومات تائين رسائي حاصل ڪئي ته خبر پئي ته مس انفارميشن جو پورو نيٽ ورڪ بوٽ فارمز ذريعي آپريٽ ٿي رهيو هو جنهن ذريعي پاڪستان پاڪستان جي سلامتي، حڪومت فوج ۽ ادارن خلاف مواد وائرل ڪيو پئي ويو ان شخص جاچ دوران انڪشاف ڪيو ته ان کي وڌيڪ مواد آزاد ڪشمير ۾ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي حوالي سان ملي رهيو هو عطاالله تارڙ چيو ته اسان شروع کان ئي چئي رهيا هئاسين ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جو مقصد ڪشمير ڪاز کي نقصان پهچائڻ ۽ پاڪستان ۽ ڪشميري عوام وچ ۾ تعلق کي ڪمزور ڪرڻ آهي هن چيو ته هي سموريون سرگرميون هڪ منظم سازش جو حصو آهن ۽ ان جو نه ته ڪشمير ڪاز سان ڪو تعلق آهي نه ئي ڪشميري عوام جي مفادن سان هن چيو ته جيڪڏهن هي ڌريون واقع ڪشمير ۽ ڪشميري ڪاز سان مخلص آهن ته پوءِ هي اجتماعي عمل جو حصو ڇو نه ٿيون بڻجن چونڊن ۾ حصو ڇو نٿا وٺن ۽ عوام جي حقن لاءِ جمهوري ۽ آئيني طريقي سان آواز ڇو نٿا اٿارين؟ هن چيو ته انهن جي سرگرمين ۾ توڙي پناهگيرن جي سيٽن جو معاملو هجي يا پرتشدد احتجاج هنن هر موقعي تي تشدد جي سياست کي هٿي ڏني هنن پنهنجي احتجاجن دوران ڪشميري پوليس جي جوانن کي شهيد ڪيس آزاد جمون ڪشمير ۾ امن امان جي صورتحال پيدا ڪئي جعلا بندي ڪئي ۽ روڊ بند ڪري قانون هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي وفاقي وزير چيو ته شروع کان ئي هڪ سازش جو حصو رهيا جنهن جا پيرا ڀارت سان ملن ٿا ان جون ترديد نه ٿيڻ جوڳيون شاهديون موجود آهن هن چيو ته جنهن انداز ۾ هن گروه هٿيارن ۽ ڏنڊن سان ليس ٿي تحريڪ شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اها نه ڪشميري عوام جي مفاد ۾ ٿي ۽ نه ئي ان جو ڪشمير ڪاز سان ڪو تعلق هو هن چيو ته ان سازشي ڌرين جو مقصد آزاد جمون ڪشمير ۾ اهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ هو جنهن سان ڪشميري عوام کي نقصان پهچي ۽ پاڪستان ۽ ڪشمير وچ ۾ مضبوط رشتي کي متاثر ڪري سگهجي. عطاالله تارڙ چيو ته اڄ سياسي پارٽيون ڪشمير ۾ وڏا وڏا عوامي اجتماع ۽ جلسا ڪري رهيون آهن جن ۾ عوام جو وڏو انگ شرڪت ڪري رهيو آهي انهن جلسن ۽ اجتماعن ۾ ڪشميري عوام شرڪت ڪري سازشي سياست کي رد ۽ تشدد تي ٻڌل ترڙ عمل کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته هزارن جي تعداد ۾ عوام جي انهن اجتماعن ۽ جلسن ۾ شرڪت ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته پاڪستان ۽ ڪشميري عوام جو رشتو مضبوط ۽ اٽوٽ آهي جنهن کي ڪمزور نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي توڙي سگهجي ٿو هن چيو ته اسان ڀهرين کان ئي چوندا پيا اچون ته انهن سازشي ڌرين کي ڀارت جي فنڊنگ حاصل آهي هاڻي ان حوالي سان شاهديون سامهون اچي ويون آهن هن چيو ته ڊجيٽل مارڪيٽنگ ذريعي سوشل ميڊيا تي هلائي ويندڙ مهم پٺيان ڀارت جا مقصد واضح آهن ڀارت چاهي ٿو ته آزاد جمون ڪشمير ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿئي ۽ بدامني پيدا ڪئي وڃي هن چيو ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي بابت سوشل ميڊيا تي هلايل مواد فني ڊيٽا ذريعي تجزيو ڪيو ويو جنهن سان اها ڳالهه سامهون آئي ته هن مهم پٺيان منظم سرگرميون موجود آهن هن چيو ته هي سازشي ڌريون اڄ پوري قوم کي جواب ڏين هي دشمن کان فنڊنگ وٺي پاڪستان پاڪ فوج ۽ قومي قيادت خلاف نفرت تي ٻڌل مس انفارميشن مهم هلائي رهيون هيون سنڌن گٺ جوڙ سامهون اچي ويو ڀارت مان ٿيندڙ فنڊنگ وائکي ٿي وئي آهي وفاقي وزير چيو ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي هاڻي ڪنهن حيثيت سان ڪشميري عوام جي حقن جي ڳالهه ڪندي جڏهن ته انهن جا سمورا پيرا ڀارت سان ملن ٿا. وفاقي وزير ان موقعي تي هڪ ويڊيو پيش ڪندي چيو ته ان معاملي بابت سموريون شاهديون حاصل ڪيون ويون آهن هن چيو ته گرفتار ٿيل شخص ڊجيٽل مارڪيٽنگ سروسز ۽ سوشل ميڊيا تي مواد پکيڙڻ جو ماهر آهي هي شخص ڪنهن به مواد کي وائرل ڪرڻ لاءِ مارڪيٽنگ سروسز فراهم ڪري رهيو هو هن چيو ته ان طريقيڪار کي استعمال ڪندي پاڪستان مخالف مهم هلائي ويندي هئي وفاقي وزير چيو ته سفارتي محاذ ۽ حق جي ويڙهه ۾ الله تعاليٰ پاڪستان کي عزت ڏني وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ پاڪستان جنهن انداز سان ڪاميابيون حاصل ڪيون دنيا انهن جو اعتراف ڪري رهي آهي عالمي سطح تي اها ڳالهه به تسليم ڪئي پئي وڃي ته پاڪستان سفارتي ميدان ۽ ٻين محاذن تي نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن جنهن تي هر پاڪستاني کي فخر آهي پر هي ڪاميابيون اسان جي دشمن کي هضم نه ٿي رهيون آهن ان لاءِ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جهڙن معاملن کي هٿي ڏني وئي پرڏيهي فنڊنگ سان پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي عطاالله تارڙ چيو ته پاڪستان کي ڪو به ڪمزور نٿو ڪري سگهجي الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان هي ملڪ هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌيڪ مضبوط ٿيندي ترقي ۽ خوشحالي ان جو مقدر بڻجندي هن چيو ته پاڪستان ڪي سفارتي محاذ تي مليل ڪاميابين تي پوري قوم جشن ملهايو جڏهن ته حق جي ويڙهه جي موقعي تي پوري قوم متحد رهي هن چيو ته ڀارت جي سرپرستي ۾ هلندڙ نفرت انگيز پروپيگنڊه ڪامياب نٿي ٿي سگهي حڪومت هٿيارٻند فوج ۽ سيڪيورٽي ادارا اهڙين مهمن کي بي نقاب ڪندا رهندا. وفاقي وزير حراست هيٺ شخص ۽ ڀارتي آپريٽرز وچ ۾ واٽس ايپ تي ڳالهه ٻولهه جو حوالو ڏيندي چيو ته ان ڳالهه ٻولهه ۾ ويوز جو انگ، ادائگيون ۽ اڪائونٽ تفصيلن جي حوالي سان ڳالهيون موجود آهن. هن چيو ته جاچ ۾ اها ڳالهه به سامهون آئي ته مالي ڏي وٺ کي ننڍي ننڍي رقم ۾ ورهائي منتقل ڪيو ويو ته جيئن پاڪستان جي مالياتي نگراني جي نظام کان بچي سگهجي وڏي رقم هڪ ئي ڀيرو منتقل نه ڪئي وئي پر مختلف مرحلن ۾ ادائگيون ڪيون ويون هن چيو ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي بابت مواد پاڪستان جي هٿيارٻند فوج خلاف مواد ۽ ٻين پاڪستان مخالف پوسٽن کي پروموٽ ڪيو ويو انهن پوسٽن پٺيان ٽرول فارمز ۽ اڪائونٽس ڀارت جي فنڊنگ تي آپريٽ ٿي رهيا آهن اهڙي طرح جي ڊجيٽل مارڪيٽنگ سروسز ورتي ويندي آهي هن چيو ته اهڙيون ڊجيٽل مارڪيٽنگ سروسز جي حاصلات جي معاملي جي به جاچ جاري آهي جڏهن ته ڊجيٽل ادائگين جي گيٽ ويز تي به حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن جي مڪمل نظر آهي جن ذريعي فنڊنگ جي ذريعن جو سراغ لڳائي ڪين بي نقاب ڪيو ويندو وفاقي وزير چيو ته هن مهم ۾ صرف رياست مخالف پروپيگنڊه ئي نه ڪئي وئي پر فرقيواريت کي به هٿي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هن چيو ته جاچ ۾ هٿيارٻند فوج خلاف ڪيترين ئي اهڙين پوسٽن جو به جائزو ورتو پيو وڃي جن کي منظم انداز ۾ پکيڙيو ويو هن چيو ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي سازش جو مقصد فرقيواريت ۽ تشدد کي هٿي ڏيڻ ۽ پاڪستان ۾ عوام ۽ هٿيارٻند فوج وچ ۾ مضبوط تعلق کي مس انفارميشن ذريعي متاثر ڪرڻ آهي جنهن جي ڪنهن به صورت ۾ اجازت نه ڏني ويندي هن چيو ته پروپيگنڊه لاءِ استعمال ٿيل سوشل ميڊيا اڪائونٽس پٺيان منظم بوٽ نيٽ ورڪز ڪم ڪري رهيا آهن جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن ذريعي ڀارت سان ڳنڍيل هئا. هن چيو ته وي پي اين جي استعمال سان اصل هنڌ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جڏهن ته جنهن ڊوائيز تي وي پي اين انسٽال ڪيو ويو ۽ جنهن ذريعي پوسٽون ڪيون ويون اهي انڊيا بيسڊ آهن هن چيو ته اها نشاندهي ٿي وڃي ٿي ته فلاڻو ڊوائيز وي پي اين لڳايو هو ۽ ان ڊوائيز ذريعي هي معاملو انجام ڏنو ويو هن چيو ته اهڙين ڪيترن ئي اڪائونٽس جي نشاندهي ٿي آهي جن جو تعلق ڀارت سان آهي عطاالله تارڙ چيو ته ان معاملي تي سختي سان نظر آهي فني طريقي سان اهڙين مهمن جو مقابلو ڪيو پيو وڃي هن چيو ته وڌيڪ اهڙيون پوسٽون به سامهون آيون آهن جن ۾ پاڪستان هٿيارٻند فوج ۽ رياستي ادارن خلاف مواد پکيڙيو ويو ۽ ماڻهن کي ڇيڙائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هي سمورو مواد جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي بابت آهي ان لاءِ هي واضح ٿي چڪو آهي ته هن ڪميٽي جا پرڏيهي رابطن ۽ فنڊنگ بابت خدشا درست هئا. هن چيو ته اهڙيون بيشمار پوسٽون موجود آهن جن ذريعي گمراهه ڪندڙ ڄاڻ منظم نظام هلايو ويو وفاقي وزير چيو ته گرفتار شخص کان جاچ جاري آهي ۽ وڌيڪ اهم مواد به حاصل ڪيو ويو آهي جنهن کي مناسب وقت تي قوم آڏو پيش ڪيو ويندو هن چيو ته جاچ ۾ مصنوعي ذهانت سان تيار ڪيل تصويرن ٻين ملڪن ۽ علائقن جون پراڻيون ويڊيوز کي ڪشمير سان ڳنڍي پيش ڪرڻ ۽ فرقيواريت کي هٿي ڏيڻ جون شاهديون به سامهون آيون آهن. هن چيو ته مس انفارميشن جو مقابلو ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي ۽ هي ذميواري اڳينده به موثر انداز ۾ ادا ڪئي ويندي. وفاقي وزير چيو ته دنيا پاڪستان کي هڪ پرامن ملڪن ۽ امن جي علمبردار طور ڏسي رهي آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اڳواڻي ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي انٿڪ محنت جي نتيجي ۾ پاڪستان کي عالمي سطح تي عزت ۽ وقار حاصل ٿيو آهي ان جو هر قيمت تي تحفظ ڪيو ويندو ۽ پاڪستان وڌيڪ ترقي ڏانهن گامزن رهندو

بقايا 5 روزاني عبرت

آهي ته ڪشمير جو فيصلو ڪشميري عوام پاڻ ڪندا. ڪشمير جي تقدير جو فيصلو نه سنڌ ڪندي نه پنجاب، پر اهو حق صرف ڪشميري عوام جو آهي ميرپور آزاد ڪشمير ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪجهه ماڻهن پنهنجي بيانن ذريعي ڪشميرين جي توهين ڪئي جڏهن ته هڪ وفاقي وزير حالتون خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي واضح ڪيو وڃي ته خواجه آصف جو بيان مسلم ليگ (ن) جي پارٽي پاليسي هو يا نه؟ جيڪڏهن اهو پارٽي پاليسي نه هو ته پوءِ سنڌس خلاف ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي؟ هن چيو ته آزاد ڪشمير ۾ سياسي چونڊون ٿي رهيون آهن اسان چونڊ مهم جي مدت ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪشمير پهتا آهيون جيئن چونڊن ۾ ڪنهن به قسم جي ڌانڌلي نه ٿي سگهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪشمير جي چونڊن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ وفاقي وزير چونڊ مهم دوران لڳاتار ڪشمير ۾ موجود رهيا. هن چيو ته چونڊن کان ٻه ڏينهن اڳ ڪشمير ۾ بسن جي نمائش ڪئي وئي بسن جي نمائش ذريعي ڪشميري عوام کي خريد نٿو ڪري سگهجي ڇا ڪشمير ۾ بسون موڪلي اليڪشن ضابطي اخلاق جي ڀڃڪڙي نه ڪئي وئي؟ چونڊ ضابطي اخلاق جي ڀڃڪڙي تي اليڪشن ڪميشن جي خاموشي افسوسناڪ آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقابلي ۾ ٻين جماعتن جا اڳواڻ ڏکين حالتن ۾ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويندا آهن جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوام سان گڏ بيٺي آهي هن چيو ته باوقار ڪشميري ڀائر ۽ ڀينرون پاڪستان پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏيندا هن وڌيڪ چيو ته ڌانڌلي ۽ فراڊ ذريعي اقتدار ۾ اچڻ مسلم ليگ (ن) جي هميشه کان عادت رهي آهي جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي جمهوري جدوجهد تي يقين رکي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته بلاول ڀٽو زرداري، پرڏيهي وزير جي حيثيت ۾ ڪشمير جو ڪيس عالمي سطح تي انتهائي مؤثر نموني پيش ڪيو ۽ عالمي فورمن تي ڪشميري عوام جي حق خودارادئيت جي ڀرپور وڪالت ڪئي.

بقايا 6 روزاني عبرت

آصف علي زرداري کي سالگرهه جي مبارڪ پيش ڪندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي پيغام ۾ گورنر چيو ته صدر آصف علي زرداري هڪ مدبر تجربيڪار ۽ مفاهمت جي سياست تي يقين رکندڙ اڳواڻ آهي جنهن هر دور ۾ جمهوريت جي استحڪام آئين جي بالادستي ۽ وفاق جي مضبوطي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو سنڌس سياسي بصيرت ۽ قومي يڪجهتي لاءِ خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون هن چيو ته صدر مملڪت جي قيادت ۾ ملڪ جمهوري استحڪام آئيني ادارن جي مضبوطي ۽ قومي هم آهنگي طرف اڳڀرائي ڪندو هن چيو ته پ پ قيادت، ڪارڪنن ۽ عوام پاران صدر مملڪت جي سالگرهه تي سنڌس لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيون ٿا.

بقايا 7 روزاني عبرت

صنعت جي آمدني 2025ع دوران 39.6 ٽريلين يوان رهي سي جي ٽي اين اسٽيٽ انٽرنيٽ انفارميشن آفيس طرفان جاري ڪيل نيشنل انفارميٽائيزيشن ڊولپمينٽ رپورٽ (2025ع) جي حوالي سان ٻڌايو ته 2025ع ۾ چين جي ڊجيٽل معيشت جي بنيادي شعبن ۾ اضافي قدر جي ڊي پي جي 10.5 سيڪڙو کان وڌيڪ تائين پهچي وئي. ان دوران چين جي ڊجيٽل صنعت جي مجموعي آمدني 39.6 ٽريلين يوان رهي، جيڪا گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 8.8 سيڪڙو وڌيڪ آهي چين ۾ شهرين جي ڊجيٽل کپت جو ڪاٿو 25.3 ٽريلين يوان تائين پهچي ويو جنهن ۾ ساليانو بنيادن تي 8.7 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 8 روزاني عبرت

آفريڪا جي هم منصب انجي موتسيڪجا ٽيليفون تي رابطو ڪيس جنهن دوران دفاعي سهڪار کي مضبوط بڻائڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون ميڊيا رپورٽن موجب ڏکڻ آفريڪي هم منصب سان رابطي ۾ سعودي عرب ۽ ڏکڻ آفريڪا وچ ۾ عسڪري ۽ دفاعي سهڪار جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته عالمي امن ۽ سلامتي کي برقرار رکڻ لاءِ علائقائي چيلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ گڏيل ڪوشش کي وڌائڻ وارن طريقن تي ڳالهيون ڪيون ويون. سعودي عرب ۽ ترڪيه جي دفاعي وزيرن ٻنهي ملڪن وچ ۾ عسڪري ۽ دفاعي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ انهن کي هٿي وڌائڻ وارن طريقن تي ڳالهيون ڪيون جڏهن ته علائقائي ۽ عالمي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 9 روزاني عبرت

ونگ مان جاري بيان مطابق وزيراعظم ڏکڻ وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي چيڪ پوسٽ تي ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي بزدلاڻي حملي کي ناڪام بڻائڻ ۽ 4 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت، غير معمولي جرئت ۽ وقت سر ڪارروائي کي ساراهيندي چيو ته اسان جي بهادر جوانن دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪيو آهي ته پاڪستان جي سلامتي تي ڪو به ڏاهر نه ڪنداسين هن چيو ته حڪومت ۽ سڄي قوم پنهنجي بهادر فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ آهي. حڪومت ۽ سيڪيورٽي فورسز آپريشن عزم استحڪام تحت ملڪ مان دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي تائين پنهنجون ڪارروائيون پوري قوت سان جاري رکندا.

بقايا 10 روزاني عبرت

پاڪ فوج جي گڏيل چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن طرفان حملو ڪيو ويو هو سيڪيورٽي فورسز وقت سر ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪندي حملو ناڪام بڻايو ۽ فتنه الخوارج جا سمورا دهشتگرد مارجي ويا. ٽانڪ جي مقامي بازار ۾ مارجي ويل حملي آورن جا لاش ٽنگي وڃڻ تي شهرين طرفان انهن تي نفرت جو اظهار ڪيو ويو ٽانڪ جي عوام فتنه الخوارج جي مارجي ويل دهشتگردن تي سخت ڪاوڙ بيزاري ۽ لعنت جو اظهار ڪيو مسلسل بد امني ۽ تشدد کان متاثر مقامي آبادي هاڻي اهڙن عنصرن خلاف واضح طور تي پنهنجي سخت ڪاوڙ ۽ بيزاري جو اظهار ڪري رهي آهي عوام طرفان اهو رد عمل ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال کي خراب ڪندڙ عنصرن لاءِ هڪ واضح ثبوت ۽ عبرتناڪ پيغام جي حيثيت رکي ٿو

بقايا 11 روزاني عبرت

علائقي ۾ ننڍو نجي جهاز رهائشي گهر جي ڇت تي ڪري تباهه ٿي ويو جنهن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس ٻڌايو ته جهاز اولڊن برگ ويجهو واقع علائقي ۾ رهائشي گهر جي ڇت سان ٽڪرائجي تباهه ٿي ويو حادثي دوران جهاز ۾ سوار 2 ڄڻا فوت ٿي ويا عملدارن حادثي جا سبب ڄاڻڻ لاءِ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

انڊر 19 ٽيم جي ڪپتان ميڪي وين ورسٽ پاڪستان جي ڪامياب دوري جي پڄاڻي تي پي سي بي جي مهمان نوازي جي واکاڻ ڪندي چيو آهي ته اسان کي بهترين ماحول ۽ سهولتون فراهم ڪيون ويون. جنهن تي پي سي بي جي ٿورائتي آهيان. پي سي بي ڊجيٽل سان ڳالهائيندي هن چيو ته سنڌس ٽيم کي پنجن ميچن جي ٽي 20 سيريز ۾ ڪاميابي تي تمام گهڻي خوشي آهي ڇاڪاڻ ته ان ڪاميابي لاءِ رانديگرن تمام گهڻي محنت ڪئي هئي هن وڌيڪ چيو ته ڪيترن ئي رانديگرن جو عالمي ڪرڪيٽ ۾ اهو پهريون تجربو هو ان لاءِ سيريز کين هميشه ياد رهندو هن وڌيڪ چيو ته انڊر 19 رانديگرن لاءِ نائيٽ ميچون منعقد ڪرڻ هڪ بهترين قدم آهي جنهن سان نوجوان رانديگرن کي مستقبل ۾ وڏين ميچن لاءِ بهترين تياري جو موقعو ملندو

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪميشن جي اڳوڻي چيئرمين پرويز ڀٽ 84 ورهين جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو پاڪستان ائٽمي توانائي ڪميشن جي ترجمان موجب اڳوڻو چيئرمين پرويز ڀٽ 84 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪري ويو هو پاڪستان جي اسٽريٽجڪ ۽ ائٽمي پروگرام جي باني شخصيتن مان هڪ هو ترجمان موجب پرويز ڀٽ 2001ع کان 2006ع تائين پاڪستان ائٽمي توانائي ڪميشن جو چيئرمين رهيو سنڌس قيادت ۾ پاڪستان جي ائٽمي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي پروگرام کي نئين رخ ۽ ترقي ملي. پي اي سي جي ترجمان چيو ته پاڪستان هڪ ممتاز سائنسدان انجنيئر ۽ قومي معمار کان محروم ٿي ويو آهي پرويز ڀٽ جون قومي سائنسي ۽ ائٽمي شعبن ۾ خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون

بقايا 14 روزاني عبرت

جي عمل ۾ پاڪستان اهم ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو ته چين پاڪستان جي ثالثي جي ڪوشش جي مڪمل حمايت جاري رکندو ۽ سمورن لاڳاپيل ڌرين کي ٻيهر ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۽ خطي ۾ جنگبندي حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش ڪندو رهندو

بقايا 15 روزاني عبرت

جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن ۽ رهائشگاهن کي تباهه ڪري هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ ڪيو ويو بلوچستان ۾ جاري آپريشن العزم ۾ هاڻي تائين فتنه الهندستان جا 16 دهشتگرد مارجي چڪا آهن بلوچستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ امن جي قيام تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون مسلسل جاري رهنديون

بقايا 16 روزاني عبرت

جيڪي پاڪستاني شهرين کي حاصل آهن ميرپور جي شهرين پاڪستان جا شهر روشن ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهرن ۽ زمينن جي قرباني ڏني اڄ تي پنهنجي ويڊيو پيغام ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ميرپور جي رهواسين منگلا ڊيم جي تعمير لاءِ پنهنجي زمين ۽ پنهنجا گهر قربان ڪيا، انهن قربانين عيوض پاڪستان جا شهر روشن ٿين ٿا. ميرپور جي شهرين پاران پرڏيهه مان موڪليل ناڻي پاڪستان جي معيشت کي مضبوط ڪيو آهي پاڪستان کي جڏهن به ضرورت پئي ته ميرپور واسين اڳتي وڌي پنهنجو قرض نڀايو هن چيو ته هي چمن ميرپور واسين جو به آهي ۽ ان تي سنڌن پورو حق آهي ڪشمير جي وسيلن انهن جي مستقبل ۽ انهن جي فيصلن تي ڪشميرين جو پورو حق آهي.

بقايا 17 روزاني عبرت

ملهايو ويو ان ڏينهن ملهائڻ جو مقصد مينگروز جي قيمتي ٻيلن جي اهميت ۽ انهن جي تحفظ جي حوالي سان شعور اجاگر ڪرڻ آهي ان موقعي تي پوري دنيا سامونڊي ماحولياتي نظام جي تحفظ جي عزم کي ورجائي ٿي واضح رهي مينگروز جا ٻيلا قدرتي آفتن دوران شهرن جو دفاع ڪرڻ جي صلاحيت به رکن ٿا. پاڪستان جي مينگروز جي ٻيلن جي ايراضي 2016ع ۾ هڪ لک 33 هزار 816 چورس ڪلوميٽر هئي جيڪا 2020ع ۾ هڪ لک 57 هزار 357 چورس ڪلوميٽرن تائين وڌي وئي ماحوليات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ماحولياتي تباهي کان بچڻ لاءِ ٻيلن جو تحفظ ضروري آهي مينگروز جي تحفظ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سڄي ملڪ ۾ سرڪاري، نجي ماحولياتي ادارن ۽ تنظيمن جي انتظام هيٺ مختلف تقريبون ڪرايون ويون ۽ مينگروز جي ٻيلن جي اهميت باري ۾ عوامي شعور اجاگر ڪيو ويو

بقايا 18 روزاني عبرت

منشيات فروشن کي گرفتار ڪري 36.8 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪري ورتي جنهن جي ماليت 3.3 ملين روپين کان وڌيڪ آهي. اي اين ايف ترجمان مطابق عالمي منشيات جي اسمگلنگ کي نشانو بڻائيندڙ ڪارروائي ڪراچي ۾ شاهراهه فيصل تي واقع ڪوريئر ڪمپني جي آفيس ۾ ڪئي وئي عملدارن آسٽريليا ويندڙ هڪ پارسل کي روڪيو ۽ جوتن جي هڪ جوڙي ۾ لڪايل 210 گرام آفيم هٿ ڪئي. ڪالا شاهه ڪاڪو ٽول پلازه ويجهو هڪ ٻئي ڪارروائي ۾ هڪ گاڏي کي روڪيو ويو ۽ 16.8 ڪلوگرام چرس ۽ 3 ڪلو ڪرسٽل ميٿ (آئيس) هٿ ڪئي وئي ڪارروائي دوران 3 منشيات فروش گرفتار ڪيا ويا. ان کان علاوه مانسهره ۾ بالاڪوٽ روڊ ويجهو هڪ موٽر سائيڪل مان 16.8 ڪلوگرام چرس هٿ ڪئي وئي ترجمان مطابق گرفتار جوابدارن خلاف منشيات جي خاتمي واري ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سان ٽڪرائجي وئي موٽرسائيڪل تي سوار ٽي ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا. خوفناڪ حادثي ۾ سخت زخمي ٿيندڙ ماڻهن کي فلاحي تنظيمن جي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد سول اسپتال منتقل ڪيو ويو خوفناڪ حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس به موقعي تي پهچي وئي حادثي ۾ سخت زخمي ٿيندڙ ٽي ماڻهو علاج دوران فوت ٿي ويا. فوت ٿيندڙن جي سڃاڻپ 30 سالن جي حبيب پٽ اقبال 50 سالن جي وقار پٽ سليم ۽ 28 سالن جي عديل پٽ غلام مصطفيٰ طور ٿي آهي حادثي ۾ فوت ٿيندڙ 50 سالن جي وقار ۽ 35 سالن جي حبيب چاچو ۽ ڀائيٽيو هئا ۽ احسن آباد جا رهواسي هئا ۽ فرنيچر ڊاهڻ جو ڪم ڪندا هئا. فوت ٿيل حبيب شادي شده هو جڏهن ته فوت ٿيل وقار ٻن ڌيئرن ۽ هڪ پٽ جو پيءُ هو حادثي ۾ فوت ٿيل ماڻهو ڪم تي وڃي رهيا هئا ته خوفناڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويا. ايس ايڇ او سائيٽ سپر هاءِ وي چوڌري محمد نواز موجب حادثو سپر هاءِ وي تي جمالي پل کان ايوب ڳوٺ ويندي يو ٽرن تي پيش آيو هن چيو ته يو ٽرن وٺڻ دوران تيز رفتار ٽرڪ جي بريڪ فيل ٿي وئي، جنهن سبب ٽرڪ موٽرسائيڪل سوارن مٿان چڙهي وئي هن چيو ته حادثي کان فوري بعد پوليس ڪارروائي ڪندي ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي، ڊرائيور شهباز پٽ عبدالخالق کي گرفتار ڪيس گرفتار ٽرڪ ڊرائيور جي خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

بقايا 20 روزاني عبرت

جنهن کي ڪٽ سان ٻڌل هيو واقعي ۾ پر اسراريت آهي جنهن جي جاچ ڪئي پئي وڃي. فوت ٿيل نوجوان گهر ۾ اڪيلو هو جڏهن سنڌس والدين ٻاهر کان گهر آيا ۽ پنهنجي پٽ جي لاش کي ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو ايس ايڇ او ڊيفنس چيو ته متوفي جي سڃاڻپ 15 سالن جي مزمل جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته پوليس فوري طور تي ڪرائم سين يونٽ کي فون ڪيو ۽ واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪرڻ کان پوءِ لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو هن چيو ته نوجوان جي جسم تي ظاهري طور تي ڪنهن به زخم يا تشدد جا نشان نه هئا. جڏهن ته واقعي ۾ ڪجهه راز آهي جنهن جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي متوفي جا والدين گهر کان ٻاهر ويا هئا ۽ جڏهن اهي واپس آيا ته انهن پنهنجي پٽ جو لاش ڪٽ جي پايي سان ٻڌل هو رسي سان ڳچيءَ ۾ ڦندو ٻڌل لاش مليس جڏهن ته پوليس واقعي جي جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

آهي ته سيسي جي انتظام هيٺ هلندڙ سيني اسپتالن ۾ ايڇ آءِ وي اسڪريننگ جو عمل جاري آهي اسپتالن جي او پي ڊي ۽ داخل مريضن خاص طور تي ٻارن جي ايڇ آءِ وي اسڪريننگ ڪئي پئي وڃي. هن ٻڌايو ته لانڍي اسپتال ۾ آندل 4 مهينن جي ٻار جي او پي ڊي اسڪريننگ دوران ايڇ آءِ وي پازيٽو رپورٽ آئي جنهن ڪانپوءِ سنڌس ماءُ جي به اسڪريننگ ڪئي وئي جيڪا پڻ پازيٽو نڪتي جڏهن ٻار جي والد جو رت جو نمونو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هو ٽيسٽ ڪرائڻ کان سواءِ اسپتال ڇڏي هليو ويو هادي بخش ڪلهوڙي چيو ته هن وقت سنڌ جي صحت کاتي ۽ محنت کاتي پاران نه رڳو سيسي جي اسپتالن پر صوبي جي سمورن سرڪاري اسپتالن ۾ به ايڇ آءِ وي اسڪريننگ جاري آهي هن وڌيڪ چيو ته لانڍي اسپتال ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ 2 هزار ماڻهن جي اسڪريننگ دوران هيل تائين 10 ڄڻن ۾ ايڇ آءِ وي جي تصديق ٿي آهي جڏهن ته وليڪا اسپتال ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ 10 هزار ماڻهن جي اسڪريننگ مان هيل تائين 120 ٻارن ۽ بالغن ۾ ايڇ آءِ وي پازيٽو هجڻ جي تصديق ٿي چڪي آهي ڪمشنر سيسي چيو ته اداري جي انتظام هيٺ هلندڙ سيني اسپتالن ۽ ڊسپينسرين ۾ او پي ڊي ۽ داخل مريضن کي سموريون صحت جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن جن ٻارن ۾ ايڇ آءِ وي جي تصديق ٿي آهي انهن ۽ سنڌن خاندان جو ڊيٽا پڻ گڏ ڪيو پيو وڃي ته جيئن کين مڪمل علاج ۽ فلاح و بهبود جون سهولتون فراهم ڪري سگهجن هادي بخش ڪلهوڙي وڌيڪ چيو ته سيسي جي سيني اسپتالن ۾ جنوري 2025ع کان هيل تائين او پي ڊي ۽ داخل مريضن جو رڪارڊ پڻ گڏ ڪيو پيو وڃي. ان عرصي دوران جيڪڏهن ڪنهن مريض ۾ ايڇ آءِ وي پازيٽو هجڻ جي تصديق ٿي آهي ته ان جا سبب ۽ ذميوارن جو تعين ڪرڻ لاءِ جاچ پڻ جاري آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران ڇهن زخمي ملزمن سميت 7 ملزمن کي گرفتار ڪيس جڏهن ته ٻه ملزم فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. گرفتار ملزمن جي قبضي مان هٿيار گولا بارود، هڪ موٽرسائيڪل هڪ چوري ٿيل موبائل فون ۽ نقدي هٿ ڪئي وئي ڏکڻ ضلعي پوليس جي ترجمان موجب جڏهن موٽرسائيڪل تي سوار ملزمن کي آرام باغ ٿاڻي جي حد ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ويجهو گشت دوران روڪڻ جو اشارو ڪيو ويو ته انهن پوليس تي فائرنگ ڪئي جوابي فائرنگ دوران ٻن ملزمن کي گرفتار ڪيو ويو جن ۾ هڪ زخمي به شامل آهي زخمي ملزم جي سڃاڻپ سليم الدين پٽ فهيم الدين جي نالي سان ٿي. جڏهن ته سنڌس ساٿي جي سڃاڻپ مشتاق پٽ تاوا جي نالي سان ٿي جوابدارن جي قبضي مان ٻه 30 بور پسٽول گولا بارود ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي ۽ زخمي ملزم کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻئي ملزم کي پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ويو ۽ سنڌس ڪرمنل رڪارڊ جي جاچ ڪئي وئي. ٻئي طرف جڏهن بوٽ بيسن پوليس چائنا پورٽ ويجهو گشت دوران هڪ شڪي موٽرسائيڪل سوار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن پوليس تي به فائرنگ ڪئي پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ آصف قريشي ولد منور کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جوابدار وٽان 30 بور پسٽول گوليون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي پوليس موجب جوابدار جو اڳوڻو رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي ان دوران لياقت آباد پوليس سنڌي هوٽل آخري بس اسٽاپ لياري ايڪسپريس وي ويجهو پوليس مقابلي کان پوءِ زبير ولد بشير ۽ عمران ولد زبير کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو پوليس موجب جوابدارن جي قبضي مان هڪ موٽرولا موبائل فون، هڪ پرس ۽ 700 رپيا نقد هٿ ڪيا ويا. شروعاتي جاچ دوران جوابدارن انڪشاف ڪيو ته اهي فيڊرل بي ايريا سميت مختلف علائقن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث آهن ضلعي سينٽرل پوليس جي ترجمان چيو ته ٻنهي جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن نيو ڪراچي پوليس سيڪٽر I-11 ٽائون آفيس جي ويجهو گشت دوران شڪي موٽرسائيڪل سوارن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ملزمن فائرنگ ڪري ڏني. جوابي ڪارروائي ۾ غلام قادر عرف وارث ولد ايوب کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سنڌس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو گرفتار ٿيل ملزم جي قبضي مان 30 بور پسٽول به زنده رائونڊ ۽ 70 سي سي هونڊا موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي پوليس ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته فرار ٿيل ملزم جي ڳولا جاري آهي ساڳئي طرح فيڊرل بي انڊسٽريل ايريا پوليس شاهراهه پاڪستان بلاڪ 21 تي لياري ندي پل جي ويجهو مبينا مقابلي ڪانپوءِ سبطين علي ولد مريد حسين نالي ملزم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيس جڏهن ته سنڌس ساٿي فرار ٿي ويو پوليس موجب گرفتار ٿيل ملزم جي قبضي مان هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو آهي زخمي ملزم کي طبي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته سنڌس ڪرمنل رڪارڊ ۽ فرار ٿيل ساٿي جي ڳولا جاري آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

اسپتال پهچايو ويو ريسڪيو عملدارن چيو ته فوت ٿيل جي فوري طور تي سڃاڻپ نه ٿي سگهي جڏهن ته سنڌس عمر لڳ ڀڳ 25 سال ٻڌائي پئي وڃي ايس ايڇ او ڪورنگي انڊسٽريل ايريا حڪم داد چيو ته شروعاتي معلومات موجب حادثو هڪ ٽريلر سان پيش آيو جنهن جو ڊرائيور ٽريلر سميت موقعي تان فرار ٿي ويو بهرحال پوليس حادثي جي وڌيڪ جاچ ڪندي فوت ٿيل جي سڃاڻپ ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

ڪانسٽيبل سهيل ۽ ڪانسٽيبل امتياز زخمي ٿي پيا، جڏهن ته پوليس جي جوابي فائرنگ ۽ شهرين جي مبينا تشدد سبب هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سنڌس هڪ ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو زخمي پوليس مددگار 15 جي سپاهين مان هڪ کي سيني ۾ گولي لڳي جڏهن ته ٻئي سپاهي کي ڪلهي ۾ گولي لڳي جنهن جو علاج جاري آهي اطلاع ملڻ تي رضويه سوسائٽي پوليس ٿاڻي جي پوليس فوري طور تي موقعي تي پهچي زخمي پوليس اهلڪارن کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو زخمي جوابدار کي به علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جيڪو علاج دوران فوت ٿي ويو پوليس موجب فرار ٿيل جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي جڏهن ته علاج دوران فوت ٿيل جوابدار جي سڃاڻپ ۽ ٻيون تفصيلون حاصل ڪيون پيون وڃن آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو مددگار 15 جي سپاهين جي تعريف ڪئي جن پوليس مقابلي ۾ بهادري جو مظاهرو ڪيو هن زخمي ڪانسٽيبل سهيل ۽ امتياز جي جلد صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آءِ جي سنڌ ٻنهي اهلڪارن لاءِ سي سي فرسٽ ۽ نقد انعام جو اعلان ڪيو آءِ جي سنڌ زخمي پوليس اهلڪارن کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ان دوران سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايس ايس پي سينٽرل کان واقعي جي فوري ۽ تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي آهي سنڌ جي گهرو وزير زخمي پوليس اهلڪارن کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي سنڌ جي گهرو وزير جو چوڻ آهي ته پوليس اهلڪارن تي حملو رياست جي رٽ کي چيلينج ڪرڻ جي برابر آهي ملوث عنصرن کي هر صورت ۾ قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي سنڌ جي گهرو وزير هدايتون جاري ڪيون آهن ته جوابدارن خلاف غير جانبدار ۽ اثرائتي قانوني ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته واقعي ۾ زخمي ٿيل پوليس اهلڪارن جي بهادري ساراهه جوڳي آهي. سنڌ جي گهرو وزير زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته سنڌ حڪومت پوليس فورس سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

مدرسي ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ مزدور نعيم ولد غلام فريد فوت ٿي ويو بلال ڪالوني ٿاڻي جي حد نيو ڪراچي پاور هائوس چورنگي جي ويجهو روڊ حادثي ۾ زخمي 70 سالن جو پيرسن محمد انيس ولد محمد يوسف خانگي اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو گلستان جوهر ٿاڻي جي حد گلستان جوهر بلاڪ 10 ڪامران چورنگي ويجهو روڊ جي ڪناري تان 35 سالن جي اصغر ولد رحيم بخش جو لاش مليو اورنگي ٽائون ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون نمبر 5 پل جي هيٺان 40 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو نيو ڪراچي نمبر 5 جامع مسجد اقصيٰ جي ويجهو روڊ ڪناري تان 35 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش هٿ. نارٿ ڪراچي سيڪٽر 5 بي 2 ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي آفيس تي فائرنگ ۾ ٻه ماڻهو زخمي ٿي پيا ايڌي عملدارن موجب فائرنگ جو واقعو خواجه اجمير نگري ٿاڻي جي حد ۾ قادريه اسڪول جي ويجهو پيش آيو جتي ٻن زخمين کي فوري طور تي ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس ٻڌايو ته زخمين جي سڃاڻپ 25 سالن جي سهيل احمد ولد احمد ۽ 40 سالن جي امان ولد نديم طور ڪئي وئي آهي. ايس ايڇ او اجمير نگري ٿاڻي فرخ هاشمي موجب موٽرسائيڪل سوار فائرنگ ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويا، جڏهن ته فائرنگ جي واقعي کي ذاتي تڪرار جو نتيجو قرار ڏنو پيو وڃي هن چيو ته اکين ڏٺن شاهدن به فائرنگ ۾ ملوث شخص جي سڃاڻپ ڪئي آهي جڏهن ته جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن پوليس عملدارن موجب مقامي پي پي عملدارن اڃا تائين واقعي جي نوعيت ۽ پس منظر بابت پوليس کي ڪو به واضح موقف ڏيڻ کان پاسو ڪيو آهي پوليس چيو ته جاچ جاري آهي، سڀني پهلوئن کي نظر ۾ رکندي بن قاسم ٽائون ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم هٿيارٻندن رڪشا تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 3 رڪشا سوار زخمي ٿي پيا، جن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو تفصيل موجب زخمين جي سڃاڻپ 16 سالن جي رستم علي پٽ محمد اعجاز 20 سالن جي عرفان پٽ عارف ۽ 45 سالن جي منٺار پٽ بنگل خان طور ٿي آهي ايس ايڇ او بن قاسم فيصل رفيق موجب زخمي مزدور آهن ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار چار هٿيارٻند جوابدارن انهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي رڪشا ڊرائيور هڪ موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيس جنهن سبب موٽرسائيڪل سوار جوابدار ڪري پيا، جڏهن ته ٻئي موٽرسائيڪل تي سوار هٿيارٻند جوابدارن رڪشا تي فائرنگ ڪئي واقعو ڦرلٽ جي مزاحمت دوران پيش آيو يا ذاتي دشمني جو نتيجو آهي جاچ جاري آهي ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب فائرنگ جو واقعو اسٽيل مل پل جي ويجهو پيش آيو ۽ فائرنگ موٽرسائيڪلن تي سوار نامعلوم هٿيارٻند ملزمن ڪئي نتيجي ۾ 3 ماڻهو زخمي ٿيا، پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. ڪورنگي صنعتي ايريا ٿاڻي جي حد ڪورنگي دارالعلوم سوسائٽي جي ويجهو گهر نمبر ايس /سي 94 ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ عبدالوهاب ولد عبدالغفار زخمي ٿيو

بقايا 26 روزاني عبرت

وزير جام ڪمال خان سان پاڪستان ڪارپيٽ مينوفيڪچررز اينڊ ايڪسپورٽرز ايسوسي ايشن (پي سي ايم اي اي) جي اعليٰ سطحي وفد ملاقات ڪئي جنهن دوران وفاقي وزير کي علائقائي واپار ۾ رڪاوٽن، عالمي سپلاءِ چين جي ڏکيائين ۽ هٿ سان ٺهيل قالينن جي صنعت کي درپيش چيلينجز بابت آگاهه ڪيو ويو پي سي ايم اي اي جي جاري ڪيل بيان موجب وفد ۾ ايسوسي ايشن جا اعليٰ عهديدار موجود هئا. وفد وفاقي وزير کي هلندڙ سال آڪٽوبر ۾ شيڊول هٿ سان ٺهيل قالينن جي 42 هين عالمي نمائش لاءِ فنڊ جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته پرڏيهي خريدارن کي هاسپيٽلٽي پيڪيج جي آڇ ۽ روانگي واپار کي هٿي وڌائڻ لاءِ اڳڀرائي تمام گهڻي ضروري آهي وفد وفاقي وزير کي هٿ سان ٺهيل قالينن جي صنعت جي سپلاءِ چين کي بحال رکڻ لاءِ خام (ڪچي) اُن جي برآمد تي پابندي لاڳو ڪرڻ ۽ عالمي نمائشن ۾ ننڍين ۽ وچولي طبقي جي ڪاروباري ادارن جي وڌ کان وڌ شرڪت جي حوصلا افزائي لاءِ سبسڊي جي موجوده شرح 50/50 کي 20/80 ڪرڻ جا مطالبا پڻ پيش ڪيا. ملاقات دوران عالمي مارڪيٽن تائين بهتر پهچ لاءِ واپاري رابطن لاجسٽڪ سهولتن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي موقعن تي پڻ ڳالهيون ڪيون ويون جام ڪمال خان چيو ته حڪومت خانگي شعبي سان ويجهو سهڪار جاري رکندي ته جيئن واپار جي رستي ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪري سگهجي. وفد وفاقي وزير کي هٿ سان ٺهيل قالينن جي 42 هين نمائش جي افتتاح جي پڻ دعوت ڏني جيڪا هن قبول ڪئي.

بقايا 27 روزاني عبرت

سمنڊ جي سامونڊي تحفظ، ماهيگيري کي هٿي وڌائڻ موسمياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن انهن جي تحفظ ۽ بحالي لاءِ اجتماعي ڪوششون اڻٽر آهن سامونڊي معاملن واري وزارت پاران مينگروز جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي جاري بيان ۾ هن چيو ته ملڪ جا مينگروز ماحولياتي تحفظ سان گڏوگڏ بليو اڪانامي کي هٿي وڌائڻ جو به اهم ذريعو آهن جن جي معاشي صلاحيت مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي ضرورت آهي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ دنيا جو سڀ کان وڏو خشڪ آبهوا وارو مينگروز ٻيلو موجود آهي جيڪو اڪثر سنڌ جي انڊس ڊيلٽا ۾ پکڙيل آهي، جڏهن ته بلوچستان ۾ به ان جي ننڍي ايراضي موجود آهي هن ٻڌايو ته پاڪستان هن وقت مينگروز جي ايراضي جي لحاظ کان دنيا ۾ تقريبن ستين نمبر تي آهي جڏهن ته مسلسل بحالي ۽ وڻڪاري ذريعي چوٿين يا پنجين نمبر تائين پهچي سگهي ٿو هن چيو ته خبردار ڪيو ته مينگروز جي تباهي سان غذائي تحفظ ۽ ماهيگيري برادري جو روزگار متاثر ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته هي ٻيلا سڄي جهينگي، ڪيڪڙي ۽ ٻي آبي جيوت جي واڌ ويجهه ۽ پرورش جا قدرتي مرڪز آهن جن تي ماهيگيري ۽ ايرنڊڙ آبي زراعت جو دارومدار آهي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي مينگروز ڪاربن مارڪيٽ، ڪاربن ڪريڊٽس جي قيمتن ۽ گاڏيلي جي لحاظ کان اندازن ساليانو 2 ڪروڙ کان 5 ڪروڙ ڊالر تائين آمدني پيدا ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته بلوچستان ۾ تقريبن 4 هزار 58 هيڪٽر ايراضي تي پکڙيل مينگروز به ملڪ جي ڪاربن مارڪيٽ جي حڪمت عملي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن هن چيو ته مينگروز خشڪي جي عام وڻن جي ڀيٽ ۾ تقريبن چار ڀيرا وڌيڪ ڪاربن جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو هن ماضيءَ ۾ حدخلين، گدلاڻ ۽ سنڌو درياهه جي پاڻي جي وهڪري ۾ گهٽتائي سبب مينگروز کي پهتل نقصان جو ذڪر ڪندي چيو ته ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۽ صوبائي ادارا ان جي بحالي لاءِ مختلف قدم کڻي رهيا آهن. هن ٻڌايو ته ڪراچي پورٽ ٽرسٽ قبضي خورن کان مينگروز جا ڪجهه علائقا خالي ڪرايا جڏهن ته مائي ڪولاچي روڊ ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن ۾ وڻڪاري مهم شروع ڪرڻ سان گڏوگڏ هفتيوار صفائي مهم جاري آهي وفاقي وزير چيو ته ڪي پي ٽي ماحولياتي ڪارڪن الماس ڪاسماڻي کي سامونڊي مينگروز جي بحالي لاءِ سفير پڻ مقرر ڪيو آهي جنهن هن وقت تائين 4 هزار مينگروز ٻوٽن جي بحالي ۾ ڪردار ادا ڪيو ۽ وڌيڪ هڪ لک ٻوٽا لڳائڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي هن مينگروز جي تحفظ لاءِ عوامي شعور اجاگر ڪرڻ، حدخلين خلاف قانون تي سختي سان عملدرآمد ۽ بليو اڪانامي جي منصوبن ۾ سرڪاري ۽ نجي شعبي جي سيڙپڪاري وڌائڻ تي زور ڏيندو وفاقي وزير چيو ته مينگروز جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سمورا لاڳاپيل ادارا ۽ حصيدار پنهنجي واعدن کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪن ته جيئن سامونڊي ماحولياتي نظام جو تحفظ ان سان واڳيل معيشت کي مضبوط بڻائي سگهي.

بقايا 28 روزاني عبرت

بار ايسوسيئيشن جي سهڪار سان رٿيل 4 ڏينهن واري قومي ٽيڪس سيمينار کي خطاب دوران پاڪستان جي سڌاراجاتي ايجنڊا، مالي سال 27-2026ع جي بجيٽ جي ترجيحن ۽ نئين ٽيڪس آپريٽنگ ماڊل کي اجاگر ڪيو فنانس ڊويزن طرفان اڄ ڏينهن جاري بيان موجب پنهنجي خطاب ۾ پاڪستان جي بهتر ٿيندڙ معاشي صورتحال حڪومت جي جاري سڌاراجاتي ايجنڊا، مالي سال 27-2026ع جي بجيٽ جي ترجيحن ۽ نئين ٽيڪس آپريٽنگ ماڊل لاڳو ڪرڻ تي تفصيلي خيالن جو اظهار ڪيو صلاحڪار چيو ته پاڪستان ذميوار مالي نظم و ضبط ۽ مشڪل پر اڻٽر ساختي سڌارن ذريعي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۾ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي مالي نظم و ضبط پرڏيهي شعبي جي مضبوطي، بهتر قرضن جي نظم و نسق ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد جي بحالي پاڪستان کي معاشي استحڪام سان پائيدار ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ ترقي طرف گامزن ڪيو آهي هن چيو ته انهن سڌارن کي عالمي سطح تي به پذيرائي حاصل ٿي رهي آهي، جنهن جو اظهار پاڪستان جي بهتر ٿيندڙ خودمختيار ڪريڊٽ ريٽنگ، آءِ ايم ايف پروگرام جي ڪامياب جائزن عالمي سيڙپڪار مارڪيٽن تائين بهتر رسائي سيڙپڪارن جي وڌندڙ اعتماد ۽ عالمي مالياتي ادارن جي مثبت رائين سان ٿئي ٿو جيڪي پاڪستان جي مضبوط ٿيندڙ معاشي بنيادن جي عڪاسي ڪن ٿا. مالي سال 27-2026ع جي بجيٽ تي روشني وجهندي هن چيو ته هي هڪ متوازن ذميوار ۽ ترقي دوست بجيٽ آهي. جنهن جو مقصد سيڙپڪاري، روانگي واپار صنعتي ترقي ۽ روزگار جي موقعن کي هٿي ڏيڻ آهي. جڏهن ته مالياتي نظم و ضبط کي برقرار رکيو ويو آهي هن چيو ته بجيٽ ۾ پگهاردار طبقي کي نمايان رليف ڏنو ويو آهي ڪاروباري برادري ۽ روانگي واپار ڪندڙن جي حوصلي افزائي لاءِ قدم کنيا ويا آهن ٽيرف سڌارا متعارف ڪرايا ويا آهن معيشت جي دستاويزي شڪل کي هٿي ڏني وئي آهي حڪومت هڪ ڀيرو ٻيهر ان عزم کي ورجايو آهي ته ٽيڪس جو دائرو ڪار وڌايو ويندو ۽ اڳ کان ٽيڪس ادا ڪندڙن تي وڌيڪ بار نه وڌو ويندو هن حڪومت جي وسيع تر سڌاراجاتي ايجنڊا تي به روشني وڌي جنهن ۾ ٽيڪس انتظاميه عوامي قرضن جو موثر انتظام نجڪاري، سرڪاري ادارن جي سڌارن پينشن سڌارن توانائي جي شعبي ۾ سڌارن ڊجيٽل پاڪستان قدمن سيڙپڪار مارڪيٽن جي ترقي ۽ مالياتي سهولتن تائين رسائي ۾ بهتري شامل آهي. هن چيو ته انهن سڌارن جو مقصد ادارن کي مضبوط بڻائڻ گورننس کي بهتر بڻائڻ پيداواري صلاحيت ۾ واڌ ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري لاءِ وڌيڪ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

سياستدان ۽ سينيٽر سليم مانڊوي والا ۽ چين جي ماڊرن بائيولاجي گروپ جي وفد جي اعزاز ۾ منعقد ٿيل مانجهاندي ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ سيڪريٽري لائيوسٽاڪ ۽ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ڊاڪٽر نذير حسين ڪلهوڙو سميت ٻيا لاڳاپيل اختيارين پڻ شريڪ هئا. مانجهاندي جي موقعي تي لائيوسٽاڪ ۽ فشريز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ ۽ چيني ڌر جي وچ ۾ سنڌ ۾ لائيوسٽاڪ جي شعبي جي ترقي لاءِ طئي ٿيل مفاهمتي ياداشت (MoU) تي عملدرآمد ۽ ان سلسلي ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو چيني وفد پنهنجي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ڪراچي جي دوري جي حوالي سان بريفنگ ڏيندي اداري جي ڪارڪردگي، جديد سهولتن ۽ ٽيڪنيڪي صلاحيتن کي انتهائي متاثر ڪندڙ ۽ تعريف جوڳو قرار ڏنو صوبائي وزير لائيوسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي ملڪاڻي محڪمي پاران مالوندن کي مفت فراهم ڪيون ويندڙ مختلف خدمتن ۽ سهولتن جي حوالي سان وفد کي آگاهه ڪيو هن سنڌ ۾ لائيوسٽاڪ جي شعبي جي ترقي، جانورن جي صحت جي تحفظ ۽ بيمارين جي روڪٿام لاءِ محڪمي پاران مستقبل جي ويڪسينيشن پلان تي پڻ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ان موقعي تي سنڌ ۾ لائيوسٽاڪ جي شعبي جي ترقي، جديد ٽيڪنالاجي جي فروغ ۽ سنڌ حڪومت ۽ چين جي وچ ۾ گڏيل تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 30 روزاني عبرت

واڌايون صدر آصف علي زرداري جون عوام جمهوريت ۽ وفاق لاءِ خدمتون انتهائي قابل قدر آهن وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري جي اڳواڻي ملڪ ۾ جمهوري استحڪام جي علامت آهي وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صدر آصف علي زرداري جي قيادت پاڪستان جي روشن ۽ مستحڪم مستقبل جي ضمانت آهي وڏو وزير سيد مراد علي شاهه آصف علي زرداري سدائين جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي بالادستي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي وڏو وزير سيد مراد علي شاهه هر آزمائش ۾ صدر آصف علي زرداري صبر ڏاهپ ۽ مفاهمت جو رستو اختيار ڪيو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صدر آصف علي زرداري جي اڳواڻي جمهوري ۽ آئيني عمل کي نئين واٽ ڏني مفاهمتي سياست ذريعي آصف علي زرداري قومي سياست ۾ توازن پيدا ڪيو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته آصف علي زرداري جو "پاڪستان کپي" وارو پيغام اميد اتحاد ۽ قومي يڪجهتي جي علامت بڻجي ويو آهي. وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اسان کي فخر آهي ته اسين آصف علي زرداري جي قيادت ۾ ترقي ۽ عوامي خدمت جي سفر کي اڳتي وڌائي رهيا آهيون سيد مراد علي شاهه پاران صدر آصف علي زرداري لاءِ نيڪ خواهشن ۽ وڌيڪ ڪاميابين جو اظهار ڏني سائين صدر آصف علي زرداري کي صحت، سلامتي، ڊگهي ڄمار ۽ قومي خدمت جا وڌيڪ موقعا عطا فرمائي، وڏي وزير پاران صدر آصف علي زرداريءَ جي ملڪي ترقي، جمهوري استحڪام ۽ عوامي خدمت لاءِ ڪيل ڪوششن کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا 31 روزاني عبرت

ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اسلام آباد ۾ هڪ شاندار تقريب جو انعقاد ڪيس جنهن ۾ محترمه فريال ٽالپر خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي ۽ صوبائي اڳواڻن، وفاقي ۽ صوبائي وزيرن، پارليامينٽ ميمبرن ۽ پارٽي عهديدارن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي فريال ٽالپر سينيٽر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ ٻين معزز شرڪت ڪندڙن صدر آصف علي زرداري جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيو ۽ سنڌس صحت، ڊگهي عمر قومي سلامتي، جمهوريت جي استحڪام ۽ ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون. تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ نديم افضل چن، پ پ سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو، سنڌ جو گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا، وزير محنت واري صوبائي سعيد غني ثقافت ۽ سياحت واري صوبائي وزير ذوالفقار علي شاهه صنعت واري وزير جام اڪرام الله ڌاريجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي آبپاشي ۽ منصوبابندي واري صوبائي وزير جام خان شورو تعليم وارو وزير سيد سردار شاهه بابل خان ڀيو رياض شاهه شيرازي، قومي اسيمبلي جي ميمبرن آغا رفيع الله ۽ عبدالقادر پٽيل سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن قاسم سراج سومرو، امداد پتافي صلاح الدين جونيجو ممتاز چانگ، علي احمد جان ارباب لطف الله عاجز ڌامراهه سينيٽر روبينا خالد، سينيٽر نديم ڀٽو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي محترمه فريال ٽالپر چيو ته 18 هين آئيني ترميم اين ايف سي ايوارڊ، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي)، سرحد کي خيبر پختونخوا کي نالو ڏيڻ ۽ گلگت بلتستان لاءِ آئيني انتظامي حقن جي طرف پيش رفت صدر آصف علي زرداري جون تاريخي ڪاميابيون آهن جن وفاق کي مضبوط ڪرڻ جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ ۽ عوام جي حقن کي يقيني بڻائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته قيد ۽ بند جي سختين جي باوجود، صدر آصف علي زرداري ڪڏهن به پنهنجي جمهوري اصولن تي سمجهوتو نه ڪيو هن هميشه مشڪل ترين سياسي حالتن ۾ مفاهمت، رواداري ۽ جمهوري قدرن کي فروغ ڏنو ۽ هر موقعي تي قومي مفاد کي ترجيح ڏني محترمه فريال ٽالپر چيو ته صدر آصف علي زرداري جي سياسي بصيرت، دانشمندي ۽ دور انديشي قيادت ملڪ کي ڪيترن ئي قومي بحرانن مان ڪڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن لاءِ پوري قوم کين خراج تحسين پيش ڪري ٿي تقريب ۾ ڳالهائيندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي جمهوري مشن کي وڌيڪ اڳتي وڌائيندي رهندي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ جمهوري ادارا وڌيڪ مضبوط ٿيندا ۽ پاڪستان ترقي، استحڪام، قومي اتحاد ۽ خوشحالي جي رستي تي تيزي سان اڳتي وڌندو

بقايا 32 روزاني عبرت

راڪيٽ حملو ڪيس جيڪو ڪابل کان بدخشان لاءِ وڌيڪ نفري ۽ عسڪري سامان کڻي وڃي رهيو هو حملي ۾ 7 طالبان مارجي ويا ۽ 6 زخمي ٿي پيا. افغانستان فريڊم فرنٽ جي سوشل ميڊيا تي جاري بيان موجب ڪارروائي ۾ اي ايف ايف جي ڪنهن به ويڙهاڪ کي نقصان نه پهتو ميڊيا رپورٽن موجب بغلان کان پوءِ زيبڪ ۾ به طالبان رجيم تي حملو ڪيو ويو بدخشان جي ضلع زيبڪ ۾ طالبان رجيم کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو گذريل ٻن ڏينهن دوران جهڙپن ۾ طالبان رجيم جا 4 ڪمانڊر مارجي ويا آهن مارجي ويلن ۾ شدگان ۾ زيبڪ يونٽ جو ڪمانڊر ملا شاداب به شامل آهي جڏهن ته مولوي گل احمدي، ملا فريد الله ۽ قاري عمري لاڙي به مارجي ويا. ٽئي مارجي ويل ڪمانڊر ضلع زيبڪ جي بارڊر ڪمپنين جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا.

بقايا 33 روزاني عبرت

ٽيسٽ سيريز ۽ ان کان پوءِ انگلينڊ جي دوري لاءِ قومي ٽيسٽ اسڪواڊ ۾ ٻن اهم تبديلين جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پي سي بي جي ترجمان موجب اوپننگ بيٽر عبدالله فضل زخمي ٿيڻ سبب ٽيسٽ سيريز کان ٻاهر ٿي ويو جنهن کان پوءِ ان جي جاءِ تي عبدالله شفيق کي متبادل طور اسڪواڊ ۾ شامل ڪيو ويو آهي بورڊ بيٽنگ لائين اپ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ سعود شڪيل کي به اضافي متبادل رانديگر طور ٽيم ۾ شامل ڪري ورتو آهي ته جيئن ضرورت پوڻ تي ٽيم کي بهتر آپشنز موجود هجن پاڪستاني ٽيم ويسٽ انڊيز خلاف 2 ٽيسٽ ميچن جي سيريز مڪمل ڪرڻ کان پوءِ انگلينڊ جو دورو ڪندي جتي هوءَ 3 ٽيسٽ ميچن جي سيريز کيڏندي ۽ هي سيريز آءِ سي سي ورلڊ ٽيسٽ چيمپيئن شپ جو حصو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

سنڌس لاش کي ڇيپا ايمبولينس ۾ عباسي شهيد اسپتال پهچايو ويو ريسڪيو عملدارن چيو ته فوت ٿيل جي سڃاڻپ 26 سالن جي خواجه محمد پٽ شيرين خان جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته فوت ٿيل جي ڀاءُ چيو ته تيز هوائن سبب گهر جي ٽئين نهيل ڀت سنڌس ڀاءُ تي ڪري پئي، جيڪا موتمار ثابت ٿي جڏهن ته پوليس قانوني ڪارروائي ڪرڻ کان پوءِ فوت ٿيل جي لاش کي وارثن جي حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 35 روزاني عبرت

ته ڪاڪروچ جنتا پارٽي جي احتجاج ۾ شريڪ شاگرد پاڪستاني عسڪري قيادت سان محبت ڪن ٿا. ڀارتي شاگرد چيو ته پاڪستان بنيان مرصوص ۾ موديءَ کي تاريخي شڪست ڏني وائرل وڊيو ۾ ڀارتي شهري مودي حڪومت جي ڏاڍ واري رويي تي سخت ڪاوڙ ۾ ڏٺا ويا. ڪاڪروچ جنتا پارٽي جي احتجاج ۾ شريڪ ڀارتي شهري پاڪستان ۽ پاڪستاني عسڪري قيادت جي حق ۾ نعرا لڳايا. ڀارت مان بلند ٿيندڙ اهي آواز پاڪستاني عسڪري قيادت جي شاندار ڪارڪردگي ۽ صلاحيتن جو واضح ثبوت آهن

بقايا 36 روزاني عبرت

ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي آهي پنهنجي پيغام ۾ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته صدر آصف علي زرداري ملڪ ۾ جمهوريت، آئين، وفاق ۽ عوامي خدمت جي سياست کي هميشه مضبوط ڪيو آهي. هن چيو ته آصف علي زرداري جي دور انديش قيادت قومي مفاهمت، سياسي استحڪام ۽ عوامي ڀلائي جي علامت آهي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته 18هين آئيني ترميم صوبن جي خودمختياري، ستين اين ايف سي ايوارڊ ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جهڙا تاريخي قدم صدر آصف علي زرداري جي عوام دوست سوچ جو ثبوت آهن هن وڌيڪ چيو ته آصف علي زرداري هميشه اقليتن جي حقن، مذهبي هم آهنگي، برابري ۽ سماجي انصاف لاءِ واضح موقف اختيار ڪيس جيڪو پاڪستان جي سمورن شهرين لاءِ احترام ۽ اعتماد جو سبب بڻيو. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي صدر آصف علي زرداري جي سٺي صحت، ڊگهي ڄمار ۽ ملڪ ۽ عوام جي وڌيڪ خدمت لاءِ نيڪ تمنائن جو پڻ اظهار ڪيو.

بقايا 37 روزاني عبرت

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه صدر مملڪت آصف علي زرداري کي 71هين سالگرهه جي موقعي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪندي سنڌن قومي، جمهوري ۽ عوامي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي آهي اڳواڻن پنهنجي الڳ الڳ پيغامن ۾ چيو ته آصف علي زرداري جمهوريت، آئين وفاق ۽ عوامي خدمت لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي هنن چيو ته 18هين آئيني ترميم ستين اين ايف سي ايوارڊ، بلوچستان حقن وارو پيڪيج، خيبر پختونخوا جي سڃاڻپ، گلگت بلتستان جي بااختيار حيثيت ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جهڙا قدم ملڪ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جا اهم سنگ ميل آهن وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته صدر آصف علي زرداري جي قيادت ملڪ ۾ جمهوري استحڪام قومي يڪجهتي ۽ روشن مستقبل جي ضمانت آهي. هن چيو ته "پاڪستان کپي" جو پيغام اميد، اتحاد ۽ مفاهمت جي علامت بڻجي چڪو آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صدر آصف علي زرداري عوامي ڀلائي قومي مفاهمت ۽ جمهوري استحڪام جي علامت آهن. جڏهن ته سعديه جاويد سنڌن سياسي بصيرت، جمهوريت لاءِ قربانين ۽ پارليامينٽ کي مضبوط بڻائڻ واري ڪردار کي ساراهيو سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته آصف علي زرداري سنڌ جي ڌرتيءَ جو عظيم سپوت، امن رواداري ۽ ثقافتي ورثي جي تحفظ جو حامي اڳواڻ آهي. جڏهن ته سيد اويس قادر شاهه چيو ته صدر آصف علي زرداري جي جمهوريت، آئين پارليامينٽ ۽ وفاق پاڪستان لاءِ خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. سنڌ جي قيادت صدر آصف علي زرداري جي سٺي صحت، ڊگهي ڄمار ۽ ملڪ ۽ عوام جي وڌيڪ خدمت لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار پڻ ڪيو

بقايا 38 روزاني عبرت

خزانچي ياسر محمود، جوائنٽ سيڪريٽريز طلحه هاشمي روبينا ياسمين ۽ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبرن ايم ڪيو ايم حقيقي جي چيئرمين آفاق احمد پاران ريلي دوران ميڊيا سان بدسلوڪي جي سخت مذمت ڪئي آهي ڪي يو جي جي عهديدارن چيو ته ميڊيا 24 جولاءِ تي آفاق پاران جلسي جي ڪوريج لاءِ درخواست تي ميڊيا اتي موجود هئي جنهن کان پوءِ ميڊيا ۽ ڪئميرامين سان اهڙو رويو ناقابل برداشت ۽ سمجهه کان ٻاهر آهي جڏهن توهان پاڻ چئي رهيا آهيو ته ميڊيا مالڪ توهان جي ريلي جي ڪوريج نشر نه ڪندا آهن پر ايجنسين کي فوٽيج ڏيندا آهن. ته پوءِ توهان جو انفارميشن ڊپارٽمينٽ ڪوريج جي درخواست ڇو ڪندو آهي؟ هن چيو ته آفاق احمد جو رويو انتهائي نامناسب هو جنهن لاءِ هن کي معافي وٺڻ گهرجي ۽ جڏهن توهان کي خبر آهي ته توهان جي فوٽيج ايجنسين کي ڏني وئي آهي، ته توهان کي ميڊيا کان ڪوريج جي درخواست نه ڪرڻ گهرجي بس مالڪن کي به اهڙي سنگين الزام کان پوءِ ڪنهن کي به ڪوريج لاءِ اتي نه موڪلڻ گهرجي.

بقايا 39 روزاني عبرت

پيش ڪئي آهي جتي ٽيم سلور ميڊل حاصل ڪيو ۽ ايف آءِ ايڇ هاڪي جي 5 ايس ورلڊ ڪپ 2026ع لاءِ ڪواليفاءِ ڪيو پي ايڇ ايف جي صدر محي الدين احمد وانءِ تاريخي ڪاميابي تي قومي ٽيم کي مبارڪ ڏيندي چيو ته سلور ميڊل حاصل ڪرڻ ورلڊ ڪپ 2026ع لاءِ ڪواليفاءِ ڪرڻ ۽ پليئر آف دي ٽورنامينٽ جو ايوارڊ حاصل ڪرڻ پاڪستان جي هاڪي جي بحالي ۾ اهم سنگ ميل آهي. هن ان اميد جو اظهار ڪيو ته لڳاتار محنت، پيشيوراڻي ڪوچنگ ۽ لڳاتار سهڪار سان پاڪستان عالمي سطح تي وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪندو رهندو واضح رهي ته ان شاندار ڪاميابي جي نتيجي ۾ پاڪستان ايف آءِ ايڇ هاڪي 5 ايس ورلڊ ڪپ 2026ع ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي آهي جتي گرين شرٽس عالمي اسٽيج تي پاڪستان ۽ ايشيا جي نمائندگي ڪندا.

بقايا 40 روزاني عبرت

اونداهو بڻائي ڇڏيو آهي غير قانوني طور طالبان جي اقتدار جي 5 سال ڪانپوءِ به افغانستان سنگين انساني بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق طالبان رجيم افغان عورتن جي تعليم چهري ۽ آزادي محدود ڪري ڇڏي آهي افغان طالبان رجيم ۾ بک جو بحران لکين افغانين کي متاثر ڪري رهيو آهي رپورٽ مطابق افغان عوام کي طبي سهولتن جي کوٽ سبب شديد ڏکيائيون درپيش آهن افغان طالبان رجيم خلاف وڌندڙ عالمي آوازن مان ظاهر ٿئي ٿو ته دنيا هاڻي ان شرپسند ٽولي کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

بقايا 41 روزاني عبرت

اڄ ڏينهن گلستان جوهر ۾ منور چورنگي انڊر پاس جو افتتاح ڪيو آهي، جنهن ڪانپوءِ اها عوامي آمد رفت لاءِ کوليو ويو. افتتاحي تقريب ۾ چونڊيل عوامي نمائندن اعليٰ سرڪاري عملدارن، ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جي آفيسرن انجنيئرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شهر جي مصروف ترين واپاري ۽ رهائشي علائقن کي پاڻ ۾ ملائيندڙ هن اهم رٿا جي مڪمل ٿيڻ سان ٽريفڪ جي رواني ۾ نمايان بهتري ۽ شهرين جي سفري وقت ۾ گهٽتائي جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي. منور چورنگي انڊر پاس لڳ ڀڳ 500 ميٽر ڊگهو آهي جڏهن ته ٻنهي طرفن واري ٽريفڪ لاءِ ان جي ويڪر 24 فوٽ رکي وئي آهي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي هن رٿا کي 16 مهينن جي عرصي ۾ مڪمل ڪيس جنهن تي لڳ ڀڳ 2 ارب رپيا خرچ آيو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته منور چورنگي انڊر پاس عوام لاءِ کولي ڇڏيو ويو آهي. جڏهن ته هن رٿا جو باضابطا افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪندا. هن چيو ته ڪراچي جي رانديگرن جي ميدانن تي قائم غيرقانوني شادي هالن جو خاتمو پڻ موجوده شهري انتظاميا جي اهم ڪاميابي آهي جيئن عوام کي بهتر راندين جون سهولتون فراهم ڪري سگهجن ناصر حسين شاهه چيو ته جيڪڏهن ڪراچي واقعي رهڻ جي قابل شهر نه هجي ها ته ملڪ جي مختلف حصن مان لکين ماڻهو روزگار، تعليم ۽ بهتر مستقبل جي اميد سان هتي نه اچن ها. ان موقعي تي ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب خطاب ڪندي چيو ته اسان کي پنهنجي ڪارڪردگي تي مطمئن ٿي ويهي نه رهڻو آهي پر وڌيڪ محنت سان اڳتي وڌڻو آهي. ڇو ته اسان جو يقين آهي ته "حرڪت ۾ برڪت آهي." هن ٻڌايو ته منور چورنگي انڊر پاس جي تڪميل لاءِ 24 مهينن جو وقت مقرر ڪيو ويو هو پر مؤثر رٿابندي، لاڳيتي نگراني ۽ لاڳاپيل ادارن جي ڏينهن رات محنت سبب منصوبو مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪيو ويو جيڪو عوام سان ڪيل واعدن جي عملي تڪميل جو واضح ثبوت آهي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي جي مختلف ضلعن ۾ روڊن فلاءِ اوورن انڊر پاسن پارڪن، راندين جي ميدانن ۽ ٻين شهري سهولتن جي منصوبن تي تيزي سان ڪم جاري آهي جڏهن ته انڊسٽريل پارڪ جو افتتاح پڻ جلد پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪندو. هن چيو ته ايندڙ هڪ سال دوران ڪراچي ۾ ترقياتي ڪمن جي رفتار وڌيڪ تيز ٿيندي ۽ شهري شهر ۾ واضح تبديلي محسوس ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته ڊسڪو بيڪري چورنگي تي ٽريفڪ جي وڌندڙ دٻاءُ سبب فلاءِ اوور تعمير ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي هئي، پر جماعت اسلامي جي لاڳاپيل ٽائون چيئرمين جي درخواست تي هن منصوبي تي اڳڀرائي روڪي وئي.

بقايا 42 روزاني عبرت

خاص ڪري پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ سيڪٽر حڪومت جي مشڪل فيصلن ۾ ڀرپور ساٿ ڏئي ٿو ته قومي مفاد سڀ کان مٿانهون آهي انهن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائينس جي صدر ملڪ شهزاد اعوان سان ملاقات دوران ڪيو. ملاقات ۾ روزانو جي بنياد تي پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ اضافي، ٽول ٽيڪس ۽ هولڊنگ ٽيڪس ۽ ٽرانسپورٽ سيڪٽر کي درپيش ٻين مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملڪ شهزاد اعوان گورنر کي ٻڌايو ته جنگي حالتن سبب ٽرانسپورٽرز سخت مشڪلاتن جو منهن ڏسي رهيا آهن پر ان جي باوجود قومي مفاد ۾ گاڏيون نقصان برداشت ڪندي به هلايون پيون وڃن هن وفاقي حڪومت کي درخواست ڪئي ته ٽول ٽيڪس ۽ هولڊنگ ٽيڪس ۽ ٻين محصولن ۾ رليف ڏنو وڃي، جڏهن ته ڊسمبر ۾ ٿيندڙ معاهدي تي به عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. گورنر وفد کي خاطري ڪرائي ته ٽرانسپورٽرن جا مسئلا لاڳاپيل اختيارين جي سامهون اٿاريا ويندا ۽ انهن جي حل لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

لساني نفرتون پکيڙڻ جي ڪوشش: ايجنڊا ڪنهن جي آهي؟
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
پاڪستان جي زرعي جي: اکين تي پٽي، پيرن ۾ ڏاڍو-هڪ نسل چو ۽ ڪيئن فڪس ڪيو ويو؟
صفحو 4

ڇا ٻيرلوءِ باءِ پاس ٻيهر بند ٿيڻ وڃي رهيو آهي؟
ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ
صفحو 4

نور سنڌي
ڀٽائيءَ جو ميلو: پوليس جو ڪردار محافظ وارو هئڻ گهرجي!
صفحو 4

حيدرآباد ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي اولڊ ڪئمپس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي

جلال پور ڪئنال ۽ سنڌو درياهه تي ٺهندڙ غير قانوني ۽ غير آئيني ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف روشن برڙو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

عورتن ۽ مردن جلال پور ڪئنال ۽ سنڌو درياهه تي ڌاڙي خلاف نعريبازي ڪئي،پيپلزپارٽي سنڌ جي عوام سان ڏوڪو ڪري رهي آهي:اڳواڻ

سنڌ ۾ پيپلزپارٽي صرف ريلين ڪڍي سنڌ جي عوام کي بيوقوف بڻائي رهي آهي جڏهن ته ڪنهن به پراپر فورم تي وڃڻ لاءِ تيار نه آهي

تحريڪ جاري رهندي ۽ جيستائين هن سنڌو درياهه تي ٺهندڙ ڪئنال مڪمل طور رد نٿا ڪيا وڃن تيستائين اسان جدوجهد جاري رکنداسين

حيدرآباد(رپورٽ اعجاز لغاري) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ جلال پور ڪئنال ۽ سنڌو درياهه تي ٺهندڙ غير قانوني ۽ غير آئيني ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف ڪالهه حيدرآباد ۾ اولڊ ڪئمپس کان پريس ڪلب حيدرآباد تائين ايس يو پي جي سينيئر نائب صدر روشن برڙو، ايس يو پي جي نائب صدر آفتاب احمد خانزاده، مختيار ميمڻ، منور خاصخيلي، ياسمين ٿيٻو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ شريڪ عورتن ۽ مردن جلال پور ڪئنال ۽ سنڌو درياهه تي ڌاڙي خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته پيپلزپارٽي سنڌ جي عوام سان ڏوڪو ڪري رهي آهي جلال پور ڪئنال کان وٺي سمورن غير قانوني ۽ غير آئيني ڪئنالن ۽ ڊيمن تي وفاقي حڪومت سان ٻٽ بڻيل آهي هن وقت به سنڌ ۾ پيپلزپارٽي صرف ريلين ڪڍي سنڌ جي عوام کي بيوقوف بڻائي رهي آهي جڏهن ته ڪنهن به پراپر فورم تي وڃڻ لاءِ تيار نه آهي ان مان سمجهجي ٿو ته پيپلزپارٽي اقتدار سنڌ جي درياهه تي ڌاڙي جي سودي ۾ ورتو آهي ان ڪري سنڌ جي عوام کي پنهنجو درياهه بچائڻ لاءِ ماضيءَ ۾ جيئن ڪالاباغ ڊيم ۽ ڇهن ڪئنالن کي رد ڪرائڻ لاءِ ڀرپور تحريڪ هلائي وئي ان جهڙي تحريڪ هلائڻي پوندي جلال پور ڪئنال کان پوءِ اسان کي خدشو آهي ته ٻيا چولستان ڪئنال ۽ ڊيم به مرحليوار ٺاهيا ويندا ۽ سنڌوءَ کي سڪايو ويندو ان ڪري اسان جي تحريڪ جاري رهندي ۽ جيستائين هن سنڌو درياهه تي ٺهندڙ ڪئنال مڪمل طور رد نٿا ڪيا وڃن تيستائين اسان جدوجهد جاري رکنداسين هنن چيو ته ملڪ اندر جبري فيصلا ڪري آئين جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي، پاڪستان هڪ فيڊريشن آهي جنهن ۾ سڀني صوبن جي قومي مفادن خاص طور تي پاڻيءَ جي ڳالهه لاءِ 1991 جو معاهدو ٿيل آهي جنهن جي هر دفعي خلاف ورزي ٿيندي رهي ٿي سنڌ ۾ هن وقت به 30 سيڪڙو پاڻيءَ جي کوٽ آهي، سنڌ جا ڪئنال ۽ شاخون پڇڙي تائين پاڻي پهچائي نٿا سگهن پر ان باوجود جلال پور ڪئنال ٺاهي پنجاب جي بنجر غير آباد زمين آباد ڪئي پئي وڃي ۽ سنڌ کي سڪايو ٿو وڃي اهڙي عمل سان احساس محرومي وڌندي ۽ ملڪ وڌيڪ نه صرف معاشي بحران ۾ ڦاسندو پر اڃا به سياسي طور بحران وڌندو ان ڪري ملڪ جي مقتدر قوتن کي ملڪ جي مفاد ۾ گڏيل فيصلا ڪرڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته جبري فيصلا گڏيل فيڊريشن کي هلائڻ جي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندا،پيپلزپارٽي کي فوري طور تي سي سي آئي ۾ وڃي جلال پور ڪئنال کي بند ڪرائڻ لاءِ احتجاج ڪرڻ گهرجي نه صرف سنڌ جي روڊ رستن تي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙا نعرا ۽ ڏوڪو ڪرڻ گهرجي،صدر زرداري هن وقت تائين جن ڇهن ڪئنالن جي منظوري ڏني هئي اهي پڻ اڃا تائين سوالي نشان آهن ۽ اهي مڪمل طور تي رد ناهن ٿيا ۽ رڳو اهي اڃا تائين تلوار سنڌو درياهه مٿان لٽڪيل آهي ۽ اسان کي خدشو آهي ته جيئن جبري طور تي جلال پور ڪئنال ٺهيو آهي اهڙي طريقي سان چولستان ڪئنال ۽ ٻيا ڪئنال پڻ ٺاهيا ويندا هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ درياءَ تي ڪنهن به قسم جا ڪئنال ٺاهڻ بند ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

تحريڪ منهاج القرآن پاران درگاهه پير ڏاڪري لائبرري لاءِ 50 کان وڌيڪ ڪتاب تحفي طور پيش

سڪرنڊ(م ر)تحريڪ منهاج القرآن انٽرنيشنل پاران درگاهه پير ڏاڪري سڪرنڊ جي روحانيت واري سلسلي مان متاثر ٿي درگاهه شريف جي لائبرري لاءِ 50 کان وڌيڪ ڪتاب تحفي طور پيش ڪيا ويا جيڪي مختلف موضوع تي مشتمل هئا ان سلسلي ۾ درگاهه شريف جي ڏاڪري لان ۾ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ تحريڪ منهاج القرآن جي مرڪزي اڳواڻ راجا زاهد محمود قادري لاهور مان اچي خصوصي شرڪت ڪئي جڏهن ته تحريڪ جي صوبائي ناظر علامه مظهر محمود سميت تحريڪ جا سينيئر عهديدارن پڻ موجود هئا ان موقعي تي علامه مظهر محمود ڳالهائيندي چيو ته ٻه سال اڳ تحريڪ منهاج القرآن جي روح روان سيد حسين معين الدين قادري پاران درگاهه شريف تي اعلان ڪيو ويو هو ته درگاهه شريف کي ڪتابن جو تحفو پيش ڪنداسين اڄ ان تي عمل ڪري 50 کان وڌيڪ ڪتاب ڪٺي درگاهه پير ڏاڪري جي سجاده نشين سيد محمد منير شاهه جي حوالي ڪيا آهن تقريب جي مهمان خاص راجا محمود قادري پنهنجي خصوصي بيان ۾ چيو ته درگاهه پير ڏاڪري پهچي سجاده نشين سيد محمد منير شاهه سان ملاقات ڪري انتهائي خوشي ٿي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته جيئن درگاهن جا اصول ، ضابطه ۽ انتظام هئڻ گهرجن اهي سڀ اسان کي درگاهه پير ڏاڪري تي نظر اچي رهيا آهن هن اهو پڻ چيو ته سيد محمد منير شاهه جي سات ۽ سهڪار سان تحريڪ منهاج القرآن کي تقويت ملي آهي ان شاءَ الله اهو سات سلامت رهندو آخر ۾ سيد محمد منير شاهه صدارتي خطاب ۾ چيو ته تحريڪ منهاج القرآن جيڪو ڪم ڪري رهي آهي سو تاريخ بنجي چڪو آهي ڇاڪاڻ جو سندن ڪم گهڻ پاسائون آهي اهو ئي سبب هو جو اسين سندن ڪم مان متاثر ٿيا آهيون هن وڌيڪ چيو ته علامه حسين معين الدين جا 50 کان وڌيڪ لکيل ڪتاب ڪنهن ڪمال کان گهٽ ناهي مون سندن ڪجهه ڪتاب پڙهيا آهن انهن ڪتابن ۾ تحقيق ڪمال جي آهي جنهن ۾ تحقيق ۽ حوالا واضح طور لکيل آهن جنهن سان تحرير سگهاري ٿيندي آهي سيد منير شاهه چيو ته تحريڪ منهاج القرآن سان محبت جو رشتو ان شاءَ الله قائم ۽ دائم رهندو آخر ۾ درگاهه شريف پاران راجا محمود قادري کي خصوصي شيلڊ جو تحفو پيش پڻ ڪيو ويو جيڪو سجاده نشين سيد محمد منير شاهه جن جي هٿان ڏنو ويو مختصر ۽ پروقار تقريب ۾ ايڊووڪيٽ ڪليم احمد جٽ ، حفيظ بلوچ ، فيصل اڪرم ، محمد ڪاشف قادري ، مصطفيٰ ڪريم ، محمد احسن ڪوڪر ، طلحه راجپوت ، محمد نذير نقشبندي ، محمد افضل آرائين ، چوڌري اختر ۽ محمد فرحان آرائين پڻ موجود هئا

مورو سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

مورو ۾ سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻڻ خلاف احتجاجي ريلي، مظاهرو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي

پاڻي سان لاڳاپيل تڪراري منصوبن کي فوري طور واپس ورتو وڃي:اڳواڻ

مورو (ن ع)سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻڻ ۽ جلال پور ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي،مورو ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻڻ ۽ جلال پور ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ريلي جي اڳواڻي مرڪزي اڳواڻ رمضان برڙو، ياسين سومرو، صمد پلي، امتياز ڏاهري، مهر وسطڙو، سڪندر ڪلهوڙو، خادم سيال ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، احتجاجي ريلي ۾ مختلف سياسي سماجي ۽ قانوني تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ جسقم جي قربان ڇڄڙو، جگديش ڪمار جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي عبدالمالڪ ابڙو، وڪيل گلزار عالماڻي پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي عباس جب ۽ عوامي ورڪر پارٽي جي امير علي ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ شامل هئا، اڳواڻن چيو ته سنڌو درياءَ سنڌ جي زندگي، زراعت، معيشت ۽ ثقافت جو بنيادي سرچشمو آهي، ان جي پاڻي تي ڪنهن به قسم جو ڌاڙو يا ناجائز قبضي جي ڪوشش سنڌ جي عوام کي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي هنن چيو ته سنڌ جي پاڻي تي پهرين حق سنڌ واسين جو آهي ۽ درياءَ مان پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ يا نوان منصوبا صوبي جي مفادن خلاف آهن هنن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سنڌ جي پاڻي سان لاڳاپيل تڪراري منصوبن کي فوري طور واپس ورتو وڃي، جلال پور ڪئنال بند ڪيو وڃي

نوري آباد لڳ موٽروي تي ٻن ڪنٽينرن ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

ٻن ڪنٽينرن وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو،ٽي ڄڻا ڪنٽينرن اندر ڦاسي پيا

هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو، ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا،فوتي جي محمد طيب طور سڃاڻپ

نوري آباد (ن ع)نوري آبادلڳ M-9 موٽروي تي ٻن ڪنٽينرن ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻه زخمي،نوري آباد: ڪراچي کان حيدرآباد ويندڙ M-9موٽروي تي ٻن ڪنٽينرن وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا ڪنٽينرن اندر ڦاسي پيا،اطلاع ملڻ تي نوري آباد SS-02ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي ڪارروائي ڪندي ٽنهي ڄڻن کي ڪاميابي سان ٻاهر ڪڍي ورتو حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي وڌيڪ طبي علاج لاءِ نوري آباد ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو،فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ محمد طيب، عمر 20 سال، ڊرائيور طور ٿي آهي، جڏهن ته زخمين ۾ وحيد احمد، عمر 34 سال، ڊرائيور ۽ فهيم اسد، عمر 22 سال شامل آهن،نوري آباد SS-02ريسڪيو ٽيم بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي ڪنٽينرن اندر ڦاٿل ماڻهن کي ڪاميابي سان ٻاهر ڪڍيو ۽ زخمين کي محفوظ طريقي سان اسپتال منتقل ڪيو، ريسڪيو آپريشن مڪمل ٿيڻ بعد حادثي واري هنڌ کي ڪليئر ڪيو ويو

نوري آباد موٽروي تي ڪراچي کان حيدرآباد ويندڙ ڪار ۽ ٽرالر ۾ حادثي جو ڏيک

تعلقي حيدرآباد ۾ لکين روپين جون دوائون مريضن کي فراهم ٿيڻ بدران نجي ميڊيڪل اسٽورن تي وڪرو

مسوپرڳڙي جي نجي اسٽورن تي پي پي ايڇ آءِ جو ليبل لڳل دوائن جي وڪري جي وڊيو وائرل ٿي ويون

جيڪڏهن اهي دوائون وقت سر مريضن ۾ ورهايون وڃن ها ته غريب ۽ مستحق مريضن کي فائدو پهچي ها:رهواسي

صوبائي وزير صحت عذرا پيچوهو معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ذميوار عملي خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪرائي

مسوپرڳڙي(ن ع)تعلقي حيدرآباد رورل ۾ لکين روپين جي ماليت جون دوائون مريضن کي فراهم ٿيڻ بدران نجي ميڊيڪل اسٽورن تي وڪرو ٿيڻ جون خبرون سامهون آيون آهن جنهن تي شهرين ۽ سماجي حلقن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي مسوپرڳڙي جي نجي اسٽورن تي پي پي ايڇ آءِ جو ليبل لڳل دوائن جي وڪري جي وڊيو وائرل ٿيڻ کان پوءِ هتان جي عوام جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اهي دوائون وقت سر مريضن ۾ ورهايون وڃن ها ته غريب ۽ مستحق مريضن کي فائدو پهچي ها ۽ سرڪاري خزاني کي لکين روپين جي نقصان کان بچائي سگهجي ها. عوام پاران صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو کان ۽ ڊي سي حيدرآباد ڊي ايڇ او حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ذميوار عملي خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙي قسم جي مبينا دوائن جي چوري وڪري ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن

سکر ۾ مڙس جي مبينه تشدد سبب فوت ٿيل عورت جي وارثن پاران احتجاج

سکر(بيورو رپورٽ)سکر جي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد ليبر ڪالوني ۾ مبينا طور مڙس جي تشدد سبب فوت ٿيل پنجن ٻارن جي ماءُ شبانہ شيخ جي قاتلن جي گرفتاري ۽ انصاف لاءِ مقتولا جي وارثن سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو مقتولا جي ماءُ مائي سمل اربيلو ديدار علي، حاڪم علي مشتاق علي، چاچا نذير احمد شيخ ۽ ٻين الزام هنيو ته سائيٽ پوليس ٽن جوابدارن محمد عظيم عرف شبير شيخ، احسان شيخ ۽ شبير احمد شيخ کي گرفتار ڪرڻ باوجود سندن چالان عدالت ۾ پيش ڪرڻ بدران ڪيس مان ڪجهه جوابدارن جا نالا خارج ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي مظاهرين چيو ته شبانہ شيخ جا پنج معصوم ٻار ماءُ کان محروم ٿي ويا آهن جيڪڏهن ڪيس ۾ شفاف جاچ نه ٿي ته متاثر خاندان کي انصاف نه ملندو هنن مطالبو ڪيو ته گرفتار ٿيل جوابدارن جو فوري چالان عدالت ۾ پيش ڪري ڪيس جي غيرجانبدار ۽ ميرٽ تي جاچ ڪرائي وڃي

شاهه لطيف جي درگاهه جي تعمير ۽ ترقي لاءِ حڪومتون فنڊ جاري ڪن:مصطفيٰ شاهه

عرس تي حڪومت ۽ انتظاميا زائرين کي بهتر سهولتون ۽ سيڪيورٽي فراهم ڪن

درگاهه ۽ ڀٽ شاهه شهر جي تعمير ۽ ترقي جون ڳالهيون ته هوا ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون

هالا(ن ع)شاهه لطيف جي درگاهه جي زبون حال عمارت جي تعمير ۽ ترقي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومت فنڊ جاري ڪري، فنڊن جون ڳالهيون هوا ۾ ٻڌون ٿا، آفيسر بي خوف ٿي ڪرپشن ڪن ٿا، ڀٽائي گادي نشين کي لاعلم رکيو وڃي ٿو: قائم مقام گادي نشين سيد مصطفيٰ شاهه،درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي قائم مقام گادي نشين سيد مصطفيٰ شاهه چيو آهي ته 29 جولاءِ کان شروع ٿيندڙ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي حڪومت ۽ انتظاميا زائرين کي بهتر سهولتون ۽ سيڪيورٽي فراهم ڪن،ڀٽ شاهه ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد مصطفيٰ شاهه چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي درگاهه جي عمارت زبون حال ٿي چڪي آهي جنهن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومت فنڊ جاري ڪري، درگاهه ۽ ڀٽ شاهه شهر جي تعمير ۽ ترقي جون ڳالهيون ته هوا ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون پر عملي طور تي ڪي به قدم نظر نٿا اچن،هن چيو ته ترقياتي منصوبن ۾ ڀٽائي گادي نشين کي به شامل نٿو ڪيو وڃي جنهن سبب کيس ترقياتي ڪمن ۽ منصوبن بابت ڪا به ڄاڻ نٿي هجي تازو بجيٽ ۾ ڀٽائي لاءِ فنڊ رکڻ جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ آيون آهن پر ان بابت به ڪا واضح ڄاڻ ناهي اڳ به ڪرپٽ آفيسرن جي مبينا ڪرپشن جون شڪايتون ٻڌندا رهيا آهيون پر انهن خلاف ڪا ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي،قائم مقام گادي نشين مطالبو ڪيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي سيڪيورٽي ۽ صفائي جا بهتر انتظام ڪيا وڃن ۽ زائرين کي سمورين ضروري سهولتون فراهم ڪيون وڃن هن چيو ته سرڪاري ملڪيتن تي عرس جي موقعي تي قائم ٿيندڙ دڪانن کان انتظاميا غيرقانوني طور تي پئسا وصول نه ڪري،سيد مصطفيٰ شاهه چيو ته پوليس ۾ موجود ڪاريون زائرين لطيف کي پريشان نه ڪن ڇاڪاڻ ته ان حوالي سان اڪثر شڪايتون موصول ٿينديون رهن ٿيون آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد ان معاملي جو نوٽيس وٺن،هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه عرصو اڳ ڀٽ شاهه ۾ سيڪيورٽي لاءِ اهم عمارت ۽ مشينري فراهم ڪئي وئي هئي پر نامعلوم سببن جي ڪري اهي سهولتون غيرفعال آهن ڀٽ شاهه ۾ پبلڪ اسڪول سميت ڪيترائي منصوبا نامڪمل ۽ ادورا پيل آهن

خيرپور ناٿن شاهه ۾ ايس يو پي پاران جلالپور ڪينال خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور ناٿن شاهه(ن ع)ايس يو پي مرڪز جي سڏ تي جلالپور ڪينال خلاف احتجاجي مظاهرو پنجاب حڪومت خلاف سخت نعريبازي،سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) مرڪز جي سڏ تي جلالپور ڪينال منصوبي خلاف خيرپور ناٿن شاهه ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ڊاڪٽر برڪت جتوئي، نثار لاکير، نظير ٻبر ۽ غلام محمد گاڏهي ڪئي،مظاهري ۾ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ محمد سومر چانڊيو، جاويد چانڊيو، سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي سڪندر کوکر، بيروزگار تحريڪ جي اڳواڻ ماجد بگهيو اظهر گاڏهي سميت مختلف سياسي، سماجي ۽ قومپرست پارٽين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي جلالپور ڪينال منصوبي خلاف ۽ پنجاب حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي

هالا گادي نشين سيد مصطفيٰ شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

سکر قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

قومي عوامي تحريڪ سکر جي سڏ تي احتجاجي ريلي

"متحد ۽ مضبوط سنڌ مهم" جي موضوع تي ريلي ڪڍي وئي

پنجاب سنڌ جي پاڻي تي قبضو ڪري زبردستي پاڻي چورائي رهيو آهي:ظفر چنڊ

ارسا پنهنجي آئيني ذميوارين کي نڀائڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي: زاهد پنهيرو

سکر(بيورو رپورٽ)قومي عوامي تحريڪ سکر جي سڏ تي "متحد ۽ مضبوط سنڌ مهم" جي سلسلي ۾ ايوب گيٽ کان سکر پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف رستن تان گذرندي زوردار نعريبازي ڪندي پريس ڪلب پهتي، جتي احتجاجي جلسي ۽ ڌرڻي جي صورت اختيار ڪري وئي ريلي جي اڳواڻي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ ظفر علي چنڊ ايڊووڪيٽ زاهد پنهيرو، سڪندر لاشاري، ڊاڪٽر وزير گهنيو سيد واجد بخاري، امداد سومرو ۽ ٻين ڪئي ريلي ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي پاڻي، زمين ۽ وسيلن جي تحفظ، جلالپور ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف، ميرٽ جي بحالي ۽ اغوا ٿيل معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ نعريبازي ڪئي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ هن وقت شديد پاڻي کوٽ جي منهن ڏئي رهي آهي، پر ان باوجود پنجاب طرفان جلالپور ڪئنال سميت چشما جهلم لنڪ ڪئنال ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪئنال ذريعي سنڌ جي پاڻي تي ناجائز قبضو ڪري زبردستي پاڻي چورائي رهيو آهي هنن چيو ته ارسا پنهنجي آئيني ذميوارين کي نڀائڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، جڏهن ته سنڌ حڪومت به سنڌ جي آبي حقن خلاف وفاق جي سهولتڪاري ڪري رهي آهي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي زراعت، آبادگارن ۽ هارين جي معيشت پاڻي جي کوٽ سبب سخت متاثر ٿي وئي آهي لکين ايڪڙ آباد زمينون غيرآباد ٿي رهيون آهن جڏهن ته ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ تڪراري ڪئنالن جا منصوبا سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن لاءِ وڏو خطرو آهن هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ اغوا نياڻين جي جبري مذهب تبديل ۽ معصوم ٻارڙن جي گمشدگين جا واقعا انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن پريا ڪماري، فضيلا سرڪي اجالا سولنگي سميت 24 معصوم اغوا ٿيل ٻارڙن ۽ نياڻين جي فوري بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي اڳواڻن الزام هنيو ته سنڌ ۾ بدامني قبيلائي تڪرارن ۽ انتهاپسندي کي هٿي ڏئي قومي اتحاد کي ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن هنن چيو ته ملڪ ۾ جمهوري قدرن کي ڪمزور ڪيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به آئيني ترميم يا فيصلي ذريعي سنڌ جي وحدت، وسيلن يا آئيني حقن تي حملو ڪيو ويو ته سنڌ جا عوام ان خلاف پرامن ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکندا. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته جلالپور ڪئنال سميت سنڌ جي پاڻي تي اثرانداز ٿيندڙ سمورا تڪراري منصوبا فوري طور ختم ڪيا وڃن، ڪارپوريٽ فارمنگ جا منصوبا واپس ورتا وڃن، سنڌ جي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي، ميرٽ جي بحالي لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ پريا ڪماري سميت سڀني اغوا ٿيل ٻارڙن ۽ نياڻين کي فوري طور بازياب ڪري جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ان موقعي تي رضوان هادي پٽ ، انور مهن خير محمد ناني شاهنواز ابڙو عامر بابلاڻي نهال خان پنهور رفيق احمد ڪمبوهه آڪاش ڪمبوهه ڊاڪٽر اسماعيل شيخ عدنان سميع پٺان محمد عمير ڪاڪيپوٽو محمد عامر ۽ ٻين شرڪت ڪئي

خيرپور ناٿن شاهه ۾ اجالا پروين جي جلد بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي

پ ٽ الف پاران بوائز پرائمري اسڪول علمدار چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

ادارا فوري طور تي موثر ڪارروائي ڪري اجالا پروين کي بازياب ڪرائين:اڳواڻ

خيرپور ناٿن شاهه(ن ع)پرائمري استاد شمس الدين سولنگي جي نياڻي اجالا پروين جي جلد بازيابي لاءِ اڄ مين بوائز پرائمري اسڪول خيرپور ناٿن شاهه کان علمدار چوڪ تائين پ ٽ الف جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري اعجاز علي چانڊيو تعلقه ڪي اين شاهه جي اڳواڻن نظير احمد گاڏهي علي گوهر ٻبر غلام علي سيال، قربان علي جوڻيجو سلطان احمد بگهيو ۽ سهيل چانڊيو جي اڳواڻي ۾ پرامن احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،ريلي ۾ پرائمري استادن، سماجي اڳواڻن، شهرين ۽ مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي اجالا پروين جي بازيابي لاءِ نعريبازي ڪئي،مقررن خطاب ڪندي چيو ته معصوم نياڻي جي اغوا وارو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي، جنهن شهرين ۾ سخت بيچيني پيدا ڪئي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا فوري طور تي موثر ڪارروائي ڪري اجالا پروين کي بازياب ڪرائين،احتجاج جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن حڪومت ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي کي سنجيدگي سان وٺندي نياڻي جي محفوظ بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي سگهي

خيرپور ناٿن شاهه اجالا پروين جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

حيدرآباد ۾ ٽنڊو غلام علي واسي ٻاگڙي برادري پاران احتجاجي مظاهرو

زمين تان زبردستي بيدخل ڪرڻ ۽ پوليس پاران ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف نعريبازي

ڊرائيور سيد سجاد شاهه قيمت ٻاگڙي جي ڪار مان چيڪ چوري ڪري ورتا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ٽنڊو غلام علي جي رهواسي ٻاگڙي برادري جي عورتن ۽ مردن بااثر زميندار پاران مقاطي تي ڏنل زمين تان زبردستي بيدخل ڪرڻ ۽ پوليس پاران ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون داسو ٻاگڙي،شامداس ٻاگڙي، شرمتي سدا سکي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته سال 2022 ۾ زميندار الهبچايو عرف ڏاڏو نظاماڻي کان 100ايڪڙ زرعي زمين سالن مقاطي تي ورتي هئي سال 2026تائين زميندار الهبچايو عرف ڏاڏو نظاماڻي کي هر سال 29لک رپيا ادا ڪيا جنهن دوران زمين مقاطي تي ڪندڙ قيمت ٻاگڙي سان گڏ رهندڙ ڊرائيور سيد سجاد شاهه قيمت ٻاگڙي جي ڪار مان قيمت ٻاگڙي جا چيڪ چوري ڪري ورتا جنهن جي خبر پوڻ تي قيمت ٻاگڙي بينڪ ۾ درخواستون ڏئي چيڪ بلاڪ ڪرايا ۽ سجاد شاهه خلاف حد جي ٿاڻي ٽنڊو غلام علي ٿاڻي اين سي داخل ڪرائي ۽ پوليس سجاد شاهه سان ملي اسان جو ڪيس خارج ڪري ڇڏيو هنن چيو ته سجاد شاهه زمين مالڪ الهبچايو عرف ڏاڏو نظاماڻي سان ملي اسان کي زمين تان زبردستي بيدخل ڪرائي ڇڏيو ۽ اسان جي ڪمند جي تيار فصل جنهن جي ماليت هڪ ڪروڙ روپين ٿئي ٿي ان تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته زمين تي اسان پنهنجي پيسن سان 25لک روپين جو سولر پينل لڳرايو هو ان تي به قبضو ڪيو ويو آهي جڏهن فراڊ ۾ ملوث سجاد شاهه اسان جي هڪ ڪار به قبضائي ڇڏي آهي هنن چيو ته اسان غريب مزدور ماڻهو آهيون زرعي زمينون مقاطي تي کڻي پوکي ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندا آهيون هنن چيو ته پوليس سوڌو اسان جي ڪير به نٿو ٻڌي هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ،آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي حيدرآباد،ايس ايس پي بدين کي اپيل ڪئي ته جاڻايل ماجري جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

سکر سائيٽ شيخ برادري پاران قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي

سڪرنڊ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران جلال پور ڪينال خلاف احتجاجي ريلي

مرڪزي سڏ تي سنڌوءَ مٿان ٺهندڙ سمورن ڪينالن خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

سنڌ سرڪار کي هاڻي پاڻي چورائڻ وارا ڊراما بند ڪرڻ گهرجن: ايوب ڪوسو

سڪرنڊ(س ر)سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي پوري سنڌ جيان سڪرنڊ ۾ پڻ جلال پور ڪينال سميت سنڌوءَ مٿان ٺهندڙ سمورن ڪينالن خلاف تعلقه صدر ايوب ڪوسو ، سيڪريٽري بجل ڏهيو ۽ ٽائون صدر پرويز سومرو جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا چانڊيه پمپ کان شروع ٿي شهر جي اهم رستن تان ٿيندي مک چوراهي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهتي جتي سوين ڪارڪنن ۽ شهرين جي شرڪت بعد ريلي جلسي جو ڏيک ڏيڻ لڳي ريليءَ ۾ SUP جي مرڪزي اڳواڻ مجيب سنڌي ، مس شمائلا ڪيريو، فقير غلام مصطفيٰ ڪيريو ۽ ڊويزنل اڳواڻ جلال ڏاتوري خصوصي طور شرڪت ڪئي ريليءَ ۾ مسلم ليگ ن جي امجد خانزاده سميت SUPجي معين اڳواڻن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ سرڪار کي هاڻي پاڻي چورائڻ وارا ڊراما بند ڪرڻ گهرجن جو پاڻ آهن مودي سرڪار خلاف احتجاجن جا ڊراما ڪيا پيا وڃن ۽ حقيقت سامهون آندي وڃي هنن چيو ته سنڌ جا ماڻهو اوهان جي چالاڪين کي سمجهي چڪا آهن هاڻي گهڻو وقت ماڻهن کي بيوقوف نٿا بڻائي سگهو هنن چيو ته SUP جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه 2 سال اڳ اها نشاندهي ڪئي هئي ته سنڌ سرڪار جي صلاح ۽ اجازت سان جلال پور ڪينال جي سازش ٿي رهي آهي جيڪا حڪمران مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ "چيو ته ڪوبه ڪينال نه پيو ٺهي" سنڌ سڀ چالاڪيون ۽ سازشون پڌريون ٿي چڪيون آهن جيڪي اسين SUPسميت سنڌ جا سڀ سڄاڻ ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين هنن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي شروع کان وٺي سنڌ دشمن رهي آهي ڌارين جي آبادڪاري هجي يا بلدياتي نظام ، وسيلن جو وڪرو هجي يا ٻيٽن تي قبضو هر منصوبي ۾ هنن سنڌ دشمني وارو ڪردار ادا ڪيو آهي هنن اهو پڻ الزام لڳايو ته اڳ صدر آصف زرداري ڪينالن بابت سنڌ کپائي آيو هيٺئر وري سندس پٽ بلاول زرداري پيءُ کان به اڳرو ٿي سڀ ڪجهه لکي ڏئي آيو آهي ڄڻ سنڌ يا سنڌوءَ جو پاڻي سندس ذاتي ملڪيت هجي ان ڪري اسين کين ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته مودي سرڪار وارو ڊرامو بند ڪري اوهان جلال پور ڪينال سميت سڀ ڪينال رد ڪيو ٻي صورت ۾ سنڌ جا ماڻهو اوهان جي رستا روڪ ڪندا ريليءَ ۾ مختلف مڪتب فڪر جا سوين ماڻهو شريڪ هئا جيڪي پڻ " سنڌوءَ تي ڌاڙو نامنظور " ڪينال سمورا نامنظور " جا اپ ڌاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا ريليءَ ۾ شوڪت حسين ميمڻ ، زاهد حسين انڙ ، شاهد ايوب ڪوسو ، علي سومرو ، ڪيلا رام اوڊ سميت ڪيترن ئي ڪارڪنن ريليءَ جي انتظامن کي سنڀاليو

ڏوڪري ۾ پاڻيءَ جي کوٽ خلاف ۽ اغوا توڙي گم ٿيل ٻارڙن جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي

نوجوان سماجي اتحاد طرفان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مرڪزي سيڪريٽريٽ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

سنڌ امن، محبت جي ڌرتي آهي جتي نياڻين کي ستي قرآن تصور ڪيو ويندو آهي،افسوس جو اها معصوم نياڻين ۽ ٻارڙن لاءِ عذاب گهر آهي: ارشاد بگهيو

پريا ڪماري 6 سالن کان سبيل ورهائيندي اغوا ڪئي وئي جيڪا دلاسا ڏيڻ باوجود بازياب ناهي ٿي،نياڻين ۽ ٻارڙن جي اغوا ۽ گم ٿيڻ جو سلسلو اڃا جاري آهي

پ پ وفاقي حڪومت ۾ ڀاڱيٽي ڀائيوار آهي سنڌ سارين جي پوکائي واري مند ۾ پاڻي جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي

ڏوڪري (ن ع)ڏوڪري تعلقي جي شاخن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ ۽ پريا ڪماري،فضيلا سرڪي، اجالا سولنگي، سفير ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا توڙي گم ٿي ويل نياڻين ٻارڙن جي بازيابي لاءِ نوجوان سماجي اتحاد پاران مرڪزي سيڪريٽريٽ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻي زوردار نعريبازي ڪئي وئي جنهن جي اڳواڻي ارشاد بگهيو عمير خان جوڻيجو،نديم جوڻيجو،دانيال پيرزادو زين پيرزادو سفير شاهه ساجد جتوئي سجاد علي ٿيٻو صدام جوڻيجو ڪامريڊ رڪ سنڌي، شيراز کوکر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ امن محبت جي ڌرتي آهي جتي نياڻين کي ستي قرآن تصور ڪيو ويندو آهي پر افسوس جو امن واري ڌرتي کي معصوم نياڻين ۽ ٻارڙن لاءِ سماج دشمن عنصرن عذاب گهر ڪري ڇڏيو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته پريا ڪماري 6 سالن کان سبيل ورهائيندي اغوا ڪئي وئي جيڪا حڪمران دلاسا ڏيڻ باوجود بازياب ناهي ٿي جڏهن ته نياڻين ۽ ٻارڙن جي اغوا ۽ گم ٿيڻ جو سلسلو اڃا جاري آهي هنن وڌيڪ خطاب ڪندي چيو ته پنهنجن پيارن ٻچڙن جي آزادي لاءِ ٻيرلوءِ باءِ پاس تي ساڃاهه وندن سميت متاثر خاندانن احتجاج ڪيو ته ان تي رياستي هلان ڪري بغاوت جا ڪيس داخل ڪيا آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي، هنن وڌيڪ چيو ته پ پ وفاقي حڪومت ۾ ڀاڱيٽي ڀائيوار آهي سندس سارين جي پوکائي واري مند ۾ پاڻي جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي، پ پ سنڌ ۾ پاڻي خلاف احتجاج پئي ڪري پر ڪين سنڌ سان ايتري همدردي ۽ سچائي آهي ته وفاقي حڪومت کان ڌار ٿي سنڌ جا وسيلا تي سنڌين جي مالڪي لاءِ جدوجهد ڪري

ڏوڪري پاڻيءَ جي کوٽ خلاف ۽ اغوا توڙي گم ٿيل ٻارڙن جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سکر پريس ڪلب آڏو چوري ٿيل موٽر سائيڪل جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سکر(بيورو رپورٽ)سکر جي علائقي سبزي منڊي، شڪارپور روڊ جي رهواسي حبيب الله شيخ پنهنجي مائٽن سان گڏ سکر پريس ڪلب آڏو چوري ٿيل موٽر سائيڪل جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو، حبيب الله شيخ ٻڌايو ته هو ٽڪر روڊ تي قائم هڪ نجي اسپتال ۾ پنهنجي مائٽ جي عيادت لاءِ ويو هو ۽ موٽر سائيڪل اسپتال جي پارڪنگ ۾ بيهاري هئي

سکر فاريسٽ کاتي پاران ڪريڪ ڊائون،11 آرا مشينون سيل،سرڪاري ڪاٺ تحويل ۾ ورتو ويو

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تي فاريسٽ ڊويزن پاران روهڙي، ڪنڌرا ۽ ڏاڙا واهڻ ۾ غير قانوني آرا مشينن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو

آپريشن دوران 11 غير قانوني ۽ غير رجسٽرڊ آرا مشينون سيل ڪيون ويون،مشڪوڪ سرڪاري ۽ قيمتي ڪاٺ تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي وئي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي واضح حڪمن موجب بغير لائسنس ۽ غير رجسٽرڊ آرا مشينون هلائڻ قانون جي ڀڃڪڙي آهي:ضياءالله لغاري

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تي فاريسٽ کاتي جو وڏو ڪريڪ ڊائون 11 غير قانوني آرا مشينون سيل مشڪوڪ سرڪاري ڪاٺ تحويل ۾ وٺي ڇڏيو،خبر موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ سکر جي آئيني پٽيشن نمبر 1688 آف 2021 ع جي حڪمن تي عملدرآمد ڪندي فاريسٽ ڊويزن سکر پاران روهڙي، ڪنڌرا ۽ ڏاڙا واهڻ ۾ غير قانوني آرا مشينن خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو، آپريشن دوران 11 غير قانوني ۽ غير رجسٽرڊ آرا مشينون سيل ڪيون ويون جڏهن ته مشڪوڪ سرڪاري ۽ قيمتي ڪاٺ پڻ تحويل ۾ وٺي قانون موجب جاچ شروع ڪئي وئي آهي آپريشن جي اڳواڻي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ضياءالله لغاري ڪئي جڏهن ته ٽيم ۾ علي نواز رڪ احسن علي برڙو سعيد احمد ڪوسو زبير سروهي سميت فاريسٽ کاتي جو عملو شامل هو آپريشن دوران امن امان برقرار رکڻ ۽ سرڪاري عملي جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايس ايس پي سکر جي هدايتن تي روهڙي ۽ ڪنڌرا پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي ڊي ايف او ضياءالله لغاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي واضح حڪمن موجب بغير لائسنس ۽ غير رجسٽرڊ آرا مشينون هلائڻ قانون جي ڀڃڪڙي آهي جنهن خلاف بنا ڪنهن رعايت جي ڪارروائي جاري رهندي هن چيو ته روهڙي، ڪنڌرا ۽ ڏاڙا واهڻ ۾ غير قانوني آرا مشينن بابت مسلسل شڪايتون وصول ٿي رهيون هيون جن جي بنياد تي هي ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته سيل ڪيل آرا مشينن کي کولڻ، هلائڻ يا سرڪاري سيل ٽوڙڻ جي ڪنهن به ڪوشش تي لاڳاپيل ماڻهن خلاف فاريسٽ ايڪٽ ۽ ٻين لاڳو قانونن تحت فوري طور ايف آءِ آر داخل ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي،فاريسٽ ڊويزن سکر عوام ۽ آرا مشين مالڪن کي اپيل ڪئي آهي ته هو قانون جي مڪمل پاسداري ڪن، لائسنس حاصل ڪري قانوني گهرجون پوريون ڪن ٻي صورت ۾ ضلعي اندر غير قانوني آرا مشينن خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

شهدادڪوٽ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ يو اين ڊي پي پاران تقريب

شهدادڪوٽ(ڊ ر)سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ يو اين ڊي پي جي سهڪار سان 21 ڏينهن واري مهارتن جي تربيت مڪمل 70 نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا،سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اي ايف) ۽ يونائيٽيڊ نيشنز ڊولپمينٽ پروگرام (يو اين ڊي پي) جي سهڪار سان يوٿ ايجوڪيشن ايمپلائيمينٽ اينڊ ايمپاورمينٽ پراجيڪٽ (ييپ) تحت ايس زيڊ اي بي آءِ ايس ٽي زيب ٽيڪ منعقد ڪيل 21 ڏينهن واري مهارتن جي تربيت ڪاميابي سان مڪمل ڪندڙ نوجوانن جي گريجوئيشن تقريب ايس زيڊ اي بي آءِ ايس ٽي زيب ٽيڪ (آءِ ٽي وي اي) بي آءِ يو بلڊنگ، کهڙا ڪمپليڪس لاڙڪاڻو ۾ منعقد ٿي تقريب دوران مارڪيٽ جي ضرورتن موجب فني ۽ آءِ ٽي بنياد تي تربيت مڪمل ڪندڙ 38 نياڻين ۽ 32 نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. تربيت جو مقصد نوجوانن کي عملي مهارتن سان آراسته ڪري روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ هو تقريب ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ريجنل هيڊ لاڙڪاڻو دلشاد پيرزادو ۽ ضلعي هيڊ لاڙڪاڻو شعيب احمد ڀٽو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ريجنل هيڊ ڪامياب شاگردن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته هو حاصل ڪيل مهارتن کي پنهنجي ذاتي ۽ پيشاورانه ترقي سان گڏ معاشري جي بهتري لاءِ استعمال ڪن ان موقعي تي دلشاد پيرزادي حوصلا افزا خطاب ڪيو جڏهن ته ضلعي هيڊ شعيب احمد ٿورا مڃيندي تقريب جي ڪاميابي لاءِ سڀني سهڪار ڪندڙ ادارن ۽ ٽرينرن جي خدمتن کي ساراهيو تقريب جي پڄاڻي تي گريجوئيٽس جي ڪاميابي کي ساراهيندي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن نوجوانن کي معياري تعليم فني تربيت ۽ پائيدار روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪوشش کي جاري رکندي

سکر ۾ شاندار ايٿليٽڪس سمر ڪيمپ منعقد ڪيو ويو

سمر ڪيمپ ۾100 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگرديائين شرڪت ڪئي

ڪيمپ جي پڄاڻي تي ڪامياب شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

سکر(بيورو رپورٽ)سنڌ ايٿليٽڪس ايسوسيئيشن ۽ لوڪ سهاتا جي گڏيل سهڪار سان آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر ۾ شاندار ايٿليٽڪس سمر ڪيمپ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ 100 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگرديائين شرڪت ڪئي ڪيمپ جي پڄاڻي تي ڪامياب شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. تقريب جا خاص مهمان پاڪستان سويٽ هوم جا شبير ميمڻ ۽ آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر جا پرنسپل ڊاڪٽر علي گوهر چانگ هئا. ڪيمپ جا فوڪل پرسن آغا هارون، ڪوآرڊينيٽر ثناءَ رفيق ۽ سليم احمد هئا، جڏهن ته ڪوچنگ جون ذميواريون عبدالباقي ۽ عليشا نڀايون تقريب ۾ ميڊم هما رضوان، عذرا جمال ۽ ڊاڪٽر سعيد اعوان پڻ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي شبير ميمڻ ۽ ڊاڪٽر علي گوهر چانگ چيو ته اڄ جي دور ۾، جڏهن نوجوان موبائل گيمن تائين محدود ٿي رهيا آهن، تڏهن کين راندين جي ميدانن ڏانهن واپس آڻڻ هڪ انتهائي مثبت قدم آهي راندين سان نه رڳو جسماني ۽ ذهني صلاحيتن ۾ به واڌارو ٿئي ٿو هنن چيو ته اهڙا سمر ڪيمپ شاگردن ۾ نظم و ضبط، مقابلي جي جذبي ۽ صحتمند سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. تقريب جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن ۽ انتظاميه جي ڪوششن کي ساراهيو ويو ۽ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا.

بلاول ڀٽو زرداري ڀارت خلاف سگهارو آواز اٿاريو آهي:مهرين ڀٽو

پ پ عوامي خدمتن تي يقين رکي ٿي،رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن

راٺيپور ۾ آر پلانٽ جي اسڪيم جو افتتاح ڪرڻ واري تقريب کي خطاب

هنگورجا(ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي صوبائي جنرل سيڪريٽري ۽ ايم اين اي ڊاڪٽر مهرين ڀٽو چيو آهي ڀارت سنڌو طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري پيو ۽ بلاول ڀٽو زرداري مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون جو نعرو هڻي ڀارت خلاف سگهارو آواز اٿاريو آهي . پ پ عوامي خدمتن تي يقين رکي ٿي ۽ سنڌ ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن راٺيپور ۾ آر پلانٽ جي اسڪيم جو افتتاح ڪرڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي پي ايس 30 گمبٽ سوڀوديرو جي ضمني چونڊن ۾ پ پ پ اميدوار بيرسٽر اسفند يار ڪرڙ کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرڻو آهي ان لاءِ ٽڪ جي عوام سان پ پ ورڪرن جي ويجهو رابطو ڪرڻا پوندو هن چيو ت راٺي پور ۾ پيور بلاڪ اسڪيم جو ڪم جاري آهي جتي ب ضرورت هوندي اتي ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا هن وڌيڪ چيو آهي ت آزاد ڪشمير ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ پ پ پ اميدوار اڪثريت سان ڪامياب ٿيندا ۽ ڪشمير جو وزير اعظم جيالو ٿيندو تقريب کي پ پ پ اڳواڻ غلام عباس راڄپر مريد حسين سولنگي . منظور انصاري ۽ ٻين خطاب ڪيو

هنگورجا پ پ ايم اين اي ڊاڪٽر مهرين ڀٽو تقريب کي خطاب ڪندي

ملاڪاتيار سنڌو درياهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جو لاش

ملاڪاتيار ويجهو سنڌو نوجوان درياهه ۾ وهنجندي ٻڏي ويو

سنتوش ڪمار ميگهواڙ جو لاش12 ڪلاڪن بعد هٿ ڪيو ويو

ملاڪاتيار پوليس ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

ملاڪاتيار)ن ع(ملاڪاتيار ويجهو ميرواهه وٽ سنڌو درياهه ۾ وهنجندي ڳوٺ پيراڻي وسي جو رهواسي سنتوش ڪمار ميگهواڙ گذريل ڏينهن شام جو ٻڏي ويو هو جيڪو وڏي ڪوشش بعد 12 ڪلاڪن بعد انهيءَ جڳهه تان هٿ ڪيو ويو ملاڪاتيار پوليس ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

اڳوٽي چيف انجنيئر آبپاشي حاجي هدايت الله ميمڻ جي گهرواري جي ٽيجهي جي تقريب

هالا(ن ع)اڳوٽي چيف انجنيئر آبپاشي حاجي هدايت الله ميمڻ جي مرحوم گهرواري ۽ سعودي ڪنسلٽنٽ سول سوسائٽي رڪن عنايت الله ميمڻ جي والده جي ٽيجهي جي تقريب،سوين ماڻهن جي شرڪت،مرحوم لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي،اڳوٽي چيف انجنيئر آبپاشي مرحوم حاجي هدايت الله ميمڻ جي گهرواري ۽ سعودي ڪنسلٽنٽ سول سوسائٽي جي ميمبر انجنيئر عنايت الله ميمڻ جي مرحوم والده جي ٽيجهي جي منعقده تقريب ۾ قرآن خواني بعد خصوصي دعا ڪئي وئي،مرحوم جي وارثن ۾ انعام الله، وحيدالله، حبيب الله نعمان اڪرام ۽ ثناء الله ميمڻ ،منظور ،شهباز ميمڻ سميت ٻين سان نواز ليگ اڳواڻ نصيرميمڻ،پي پي اڳواڻ حاجي بدر ميمڻ،خالد دوداڻي ميمڻ،اظفر،بهزاد،ميمڻ سولڊ سوسائٽي چيئرمين سيد گلفام شاهه ڪاظمي،ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ ، طاهرقريشي سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ،پروفيسر عبدالغني لنجان،آفتاب ميمڻ ،معروف سماجي اڳواڻ اياز ميمڻ،شهاب ميمڻ ۽ ٻين سوين ماڻهن جي موجودگي ۾ تعزيت ڪرڻ بعد مرحوم لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي

آصف زرداري جي ڏاهپ ۽ بصيرت سبب سياسي فضا قائم آهي:غلام مرتضيٰ شاهه

صدر زرداري ڏکين حالتن ۾ ملڪ سنڀاليو ۽ سڀني سياسي جماعتن کي گڏ ڪيو

مودي سرڪار سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي آبي دهشتگردي ڪري رهي آهي

ڪنڊيارو (ن ع)صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي ڏاهپ ۽ سياسي بصيرت سبب ملڪ ۾ سياسي فضا قائم آهي اڄ ملڪ ۾ جمهوريت صرف ۽ صرف مرد حر آصف علي زرداري جي مفاهمتي پاليسن جو نتيجو آهي سندس جنم ڏهاڙي ڪوڙ سارين مبارڪون پيش ڪجن ٿيون اهڙو اظهار چيئرمن ٽائون ڪاميٽي ڪنڊيارو صدر پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقا ڪنڊيارو سيد غلام مرتضيٰ شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو سيد غلام مرتضيٰ شاهه چيو ته صدر پاڪستان آصف علي زرداري انتهائي ڏکين حالتن ۾ ملڪ سنڀاليو ۽ سڀني سياسي جماعتن کي گڏ ڪيو پاڪستان پيپلزپارٽي ملڪ جي اڄ به سڀ کان وڏي جماعت آهي آزاد ڪشمير جو عوام پاڪستان پيپلزپارٽي جي نوجوان چيئرمن بلاول ڀٽو سان گڏ آهي انشاء آزاد ڪشمير ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ڪامياب ٿيندي هن چيو ته ڀارت جي انتهاپسند مودي سرڪار سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي آبي دهشتگردي ڪري رهي آهي دشمن ملڪ کي سدائين پاڪ فوج منهن توڙ جواب ڏنو آهي پاڪ فوج سان عوام گڏ آهي

سکر سٽي جي پي ايس ٽي، جي ايس ٽي اميدوارن پاران احتجاجي مظاهرو

پنج سال گذرڻ باوجود اڃا تائين مقرري جا آفر آرڊر جاري نه ڪيا ويا آهن:اميدوار

اسان کي مختلف ڪميٽين آڏو بار بار پيش ڪيو ويو پر رڳو خاطريون مليون

سکر(بيورو رپورٽ)سکر سٽي جي پي ايس ٽي جي ايس ٽي اميدوارن ماجد ڏنور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين چيو ته هو 2021ع ۾ PST/JESTجو ٽيسٽ پاس ڪري چڪا آهن پر پنج سال گذرڻ باوجود کين اڃا تائين مقرري جا آفر آرڊر جاري نه ڪيا ويا آهن هنن الزام هنيو ته سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ گهٽ نمبر ڪندڙ اميدوارن کي به آفر آرڊر ملي چڪا آهن، جڏهن ته 50 يا ان کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪندڙ سکر سٽي جا اهل اميدوار اڃا تائين انتظار ۾ آهن هنن ٻڌايو ته کين مختلف ڪميٽين آڏو بار بار پيش ڪيو ويو پر رڳو خاطريون مليون اميدوارن چيو ته 5 آگسٽ تي اسپيشل ڪميٽي جو اجلاس ٿيندي جنهن مان هو مثبت فيصلي جي اميد رکن ٿا. هنن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو ته اهل ۽ ميرٽ تي ڪامياب اميدوارن کي فوري طور مقرري جا آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن.

سکر پي ايس ٽي جي ايس ٽي جا اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 27 جولاءِ 2026ع

لساني نفرتون پکيڙڻ جي ڪوشش، ايجنڊا ڪنهن جي آهي؟

ملڪ ۾ انتظامي سڌارن اختيارن جي ورهاست ۽ مقامي حڪومتن جي مضبوطي بابت بحث ڪا نئين ڳالهه ناهي پر جڏهن به سنڌ کي ورهائڻ يا انتظامي بنيادن تي نوان صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه سامهون اچي ٿي ته اها رڳو هڪ انتظامي تجويز نه پر سنڌ جي تاريخ وحدت ۽ عوامي احساسن سان جڙيل معاملو بڻجي وڃي ٿي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر اڳواڻ ۽ وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال پاران هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ ۽ ان لاءِ پارليامينٽ کان پوءِ هٽي گهٽين ۽ رستن تي جدوجهد ڪرڻ واري اعلان سياسي ماحول کي وڌيڪ ڇڪتاڻ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي اهڙا بيان نه رڳو سنڌ جي عوام جي احساسن کي مجروح ڪن ٿا پر قومي يڪجهتيءَ لاءِ به هاڃيڪار ثابت ٿي سگهن ٿا مصطفيٰ ڪمال جو چوڻ آهي ته موجوده نظام مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي ان ڪري پاڪستان خاص طور سنڌ ۾ انتظامي بنيادن تي نوان صوبا ٺاهڻ لازمي ٿي ويا آهن هن سنڌ حڪومت تي الزام لڳايو ته گذريل ارڙهن سالن دوران ملندڙ وسيلن مان ڪراچيءَ کي تمام گهٽ حصو ڏنو ويو جڏهن ته ڪراچي ملڪ جي معيشت جو مرڪز آهي يقيناً وسيلن جي منصفاڻي ورهاست، شهري سهولتن جي فراهمي ۽ مقامي حڪومتن جي مضبوطي تي بحث ٿيڻ گهرجي پر انهن مسئلن جو حل ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي جاگرافيائي ۽ سياسي وحدت کي ٽوڙڻ نٿو ٿي سگهي حقيقت اها آهي ته سنڌ جا مسئلا رڳو ڪراچي تائين محدود ناهن سنڌ جا سوين شهر ۽ هزارين ڳوٺ به پاڻي، صحت، تعليم، روزگار، روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن جيڪڏهن ترقيءَ جو معيار اهو آهي ته جنهن علائقي مان وڌيڪ آمدني ٿئي ان کي الڳ سياسي حيثيت ڏني وڃي ته پوءِ ملڪ جي ٻين ڪيترن ئي علائقن بابت به اهڙا سوال اٿي سگهن ٿا اهڙي سوچ وفاق کي مضبوط ڪرڻ بدران ڪمزور ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ايم ڪيو ايم جي قيادت هر ڪجهه سالن کان پوءِ سنڌ جي ورهاڱي يا نون صوبن جو معاملو سياسي نعري طور سامهون آڻي ٿي جڏهن به سياسي دٻاءُ وڌي ٿو يا عوامي حمايت ۾ گهٽتائي اچي ٿي تڏهن اهڙا تڪراري بيان ڏئي ماڻهن کي لساني بنيادن تي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي سنڌ جي عوام ماضيءَ ۾ به اهڙين سازشن کي رد ڪيو آهي ۽ اڄ به سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به قسم جو سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي مصطفيٰ ڪمال جو اهو چوڻ ته "هٽي گهٽين ۽ رستن تي نڪرنداسين" به ذميواراڻي سياسي رويي سان ٺهڪندڙ ناهي جمهوريت ۾ اختلاف راءِ جو حق سڀني کي حاصل آهي پر اهڙا حساس معاملا جلسن جلوسن ۽ دٻاءُ واري سياست بدران قومي اتفاق راءِ، پارليامينٽ ۽ آئيني ادارن وسيلي ئي حل ٿي سگهن ٿا جيڪڏهن هر سياسي جماعت پنهنجي هر مطالبي لاءِ گهٽين ۾ طاقت آزمائي شروع ڪري ته پوءِ پارليامينٽ جي اهميت ۽ آئين جي بالادستي ڪيئن برقرار رهندي؟

اها به حقيقت آهي ته سنڌ حڪومت کي به پنهنجو احتساب ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ڪراچي سميت سنڌ جي ڪنهن به علائقي سان وسيلن جي ورهاست، ترقياتي منصوبن يا بنيادي سهولتن جي فراهمي ۾ ناانصافي ٿي آهي ته ان جو ازالو ٿيڻ گهرجي. ڪراچي پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي ۽ ان جي ترقي سڄي ملڪ جي ترقي سان ڳنڍيل آهي پر ڪراچي جي ترقيءَ کي سنڌ جي ورهاڱي سان مشروط ڪرڻ ڪنهن به طرح مناسب دليل نٿو بڻجي. ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد، ٿرپارڪر، ڪشمور، جيڪب آباد ۽ سنڌ جا ٻيا سڀ علائقا سنڌ جي سڃاڻپ آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ارڙهين آئيني ترميم جي روح موجب مقامي حڪومتن کي مضبوط ڪيو وڃي، ضلعن ۽ تعلقي سطح تي اختيار ۽ وسيلا منتقل ڪيا وڃن. مالي وسيلن جي ورهاست ۾ شفافيت آندي وڃي ۽ هر علائقي کي آبادي، ضرورت ۽ ترقياتي گهرجن موجب حق ڏنو وڃي. جيڪڏهن مقامي ادارا مضبوط ٿيندا ته نه رڳو سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي پر ٻين شهرن جا مسئلا به گهٽجندا. هن سلسلي ۾ پاڪستان جي اصل حڪمرانن کي به ضرور ويچارڻ گهرجي جيڪي ايم ڪيو ايم جي اهڙيءَ مطالبي کي خاموشيءَ سان ڏسي رهيا آهن ته هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن ملڪ جي ٻن صوبن ۾ سيڪيورٽي ادارن کي نشانو بڻايو پيو وڃي تڏهن سنڌ اندر لساني نفرتون پکيڙڻ واري ڪوشش ڪنهن جي ايجنڊا ٿي سگهي ٿي؟

ڀٽائيءَ جو ميلو، پوليس جو ڪردار محافظ وارو هئڻ گهرجي!

نور سنڌي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رڳو سنڌ جو نه پر دنيا جو عظيم شاعر ولي الله، شاعرن جو سرتاج، امن، محبت، انسانيت ۽ ڀائيچاري جو سفير آهي. سندس فڪر مظلوم، مسڪين ۽ محروم انسانن جي همت افزائي ڪري ٿو ۽ نفرت بدران محبت، ظلم بدران انصاف ۽ تڪرار بدران امن جو درس ڏئي ٿو. ڀٽ شاهه ۾ هر سال ٿيندڙ سندس عظيم ميلي ۾ نه صرف سڄي سنڌ گڏ ٿئي ٿي پر بلوچستان، پنجاب، خاص طور سرائڪي وسيب، آزاد ڪشمير، ملڪ ۽ دنيا جي مختلف ملڪن مان سياح، محقق، صحافي، دانشور ۽ لطيف شناس ڀٽ شاهه پهچي شاهه جي فڪر کي ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙي طرح شاهه سائين جو ميلو رڳو هڪ مذهبي يا ثقافتي تقريب نه پر قومي يڪجهتي، صوفي روايت ۽ عالمي ثقافتي سڃاڻپ جو وڏو مرڪز بڻجي وڃي ٿو.

بدقسمتيءَ سان ڪيترن ئي سالن کان عرس دوران پوليس جي رويي بابت مختلف شڪايتون سامهون اينديون رهيون آهن. لطيفي پانڌيئڙا شاهه جا مهمان آهن. انهن سان عزت، محبت ۽ احترام سان پيش اچڻ هر اداري جي ذميواري آهي. جيڪڏهن انهن سان بداخلاقي، غيرضروري سختي يا تشدد ڪيو وڃي ٿو ته اهو نه رڳو قابل مذمت عمل آهي پر شاهه لطيف جي امن ۽ محبت واري پيغام جي به نفي آهي. پوليس جو بنيادي فرض عوام جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت، امن امان برقرار رکڻ ۽ ماڻهن کي تحفظ جو احساس ڏيارڻ آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پوليس کي "مددگار" ۽ "عوام جو خدمتگار" طور ڏٺو وڃي ٿو، جتي هو ماڻهن سان احترام ۽ خوش اخلاقي سان پيش اچن ٿا. افسوس جو اسان وٽ سياسي مداخلت، انتظامي ڪمزورين ۽ ڪجهه اهلڪارن جي نامناسب رويي سبب پوليس جو تاثر گهڻو ڪري خوف سان ڳنڍيل رهيو آهي. شاهه لطيف جي عرس دوران 3 ايس ايس پي، ڪيترائي ڊي ايس پي، انسپيڪٽر، سب انسپيڪٽر ۽ لڳ ڀڳ ساڍا 3 سئو پوليس اهلڪار جن مان ڪيترائي ٻين ضلعن مان به گهرايا وڃن ٿا، ڊيوٽي سرانجام ڏين ٿا. ايتري وڏي نفري جو مقصد پانڌيئڙن کي تحفظ فراهم ڪرڻ هئڻ گهرجي، نه ڪي پوليس گردي. هر سال ميلي ۾ پوليس گردي ڪندي پانڌيئڙن سان بدتميزي، ڌڪا ۽ لٺبازيءَ جا واقعا پيش اچن ٿا. اهڙين شڪايتن تي ميلي دوران يا ميلي بعد پوليس حڪام پاران سنجيدگيءَ سان نوٽيس وٺي پوليس گردي جي واقعن تي ڪنهن به قسم جي ڪا به ڪاروائي نٿي ڪئي وڃي.

آئون 1982ع کان هڪ صحافيءَ جي حيثيت سان شاهه لطيف جي ميلي ۾ ويندو رهيو آهيان ۽ منهنجو ذاتي مشاهدو آهي ته ميلي ۾ مختلف هنڌن تي جهروڪ درگاهه جي چوڌاري، دنبورو چوڪ، آڊيٽوريم، شاهه جي باغ جو گيٽ، شو لائين ۽ ٻين اهم هنڌن تي خاص طور تي ميلي ۾ وي آءِ پيز جي آمد تي پوليس گردي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. حقيقت اها آهي ته حالتن موجب ميلي ۾ ڪٿين اشو آهن. ان ڪري امن امان برقرار رکڻ يقيناً ضروري آهي پر ان سان گڏ اهو به لازمي آهي ته ماڻهن سان نرم لهجي، صبر ۽ احترام سان پيش اچجي. غير ضروري طاقت جو استعمال ڪنهن به صورت ۾ مناسب نٿو لڳي. ان کان علاوه عرس دوران کيسا ڪٽجڻ، موبائيل فون گم ٿيڻ، نقد رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ٿيڻ جون شڪايتون به هر سال ميلي ۾ سامهون اينديون آهن. ڪيترائي پانڌيئڙا، جيڪي پري پري کان محبت ۽ عقيدت سان اچن ٿا، کيسا ڪٽجڻ جو شڪار ٿيڻ کان پوءِ واپسيءَ جي خرچ لاءِ به پريشان ٿي وڃن ٿا. اهڙن واقعن کي روڪڻ پوليس جو اولين فرض آهي. ان لاءِ پوليس ۽ انتظاميا کي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي. جيئن پيشاور جيب ڪترن ۽ ڌوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي ٿي سگهي. شاهه لطيف جو ميلو هجي يا قلندر لال شهباز جو، سچل سائين جو ميلو هجي يا لاڙ جي لال سمن سرڪار جو ميلو، اهي ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن ته ميلن ۾ سماجي برايون پوليس جي آشيروارد ڪانسواءِ مڪمن نه آهن. ساڳئي ريت هر سال ايس ايس پي پاران منشيات تي پابنديءَ جا اعلان ٿيڻ باوجود منشيات جي وڪري جون شڪايتون موجود رهنديون آهن. لطيف سائين جي عرس مبارڪ جهڙي روحاني ۽ ثقافتي ميلن ۾ اهڙين غيرقانوني سرگرمين جي ڪا به گنجائش نه هجڻ گهرجي.

ميلي ۾ پوليس گرديءَ جي انتها ته اها هوندي آهي جو صحافي به پوليس گردي جو شڪار ٿيندا آهن. صحافين کي ميلي دوران پنهنجا صحافتي فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ ضروري آهي. صحافي عوام ۽ ادارن وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪن ٿا. جيڪڏهن انهن سان غيرمناسب رويو اختيار ڪيو وڃي ته ان سان نه رڳو صحافتي آزادي متاثر ٿئي ٿي پر تقريب جي مثبت تصوير به متاثر ٿيندي آهي. ڀٽ شاهه ڏانهن ايندڙ ويندڙ مختلف رستن تي قائم پوليس جيڪ پوسٽن جو مقصد سيڪيورٽي هجڻ گهرجي، نه ڪي اهي پوليس پوسٽون عام مسافرن لاءِ تڪليف جو سبب بڻجڻ گهرجن. لطيفي پانڌيئڙا جڏهن محبت ۽ عقيدت سان شاهه جي درگاهه ڏانهن اچن ٿا ته انهن کي سهولت، رهنمائي ۽ تحفظ ملڻ گهرجي. آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو ۽ ايس ايس پي مٽياري عبدالعليم بلو جيڪو سنڌ جي مشهور پوليس آفيسر شهيد عبدالعزيز بلو جو فرزند آهي، انهن ٻنهي صاحبن مان اها اميد رکجي ٿي ته هو عرس دوران اهڙا انتظام يقيني بڻائيندا، جن سان پوليس جو ڪردار حقيقي معنيٰ ۾ محافظ، مددگار ۽ عوام دوست طور سامهون اچي. جيڪڏهن پوليس اهلڪارن کي ميلي جي روح، شاهه لطيف جي فڪر ۽ پانڌيئڙن سان خوش اخلاقي بابت اڳواٽ تربيت ڏني وڃي ته ان جا بهتر نتيجا نڪري سگهن ٿا. شاهه لطيف محبت، امن، رواداري ۽ انسانيت جو پيغام ڏئي ٿو. سندس ميلي ۾ ايندڙ هر پانڌيئڙو شاهه جو مهمان آهي. ان ڪري ضروري آهي ته هر سرڪاري ادارو خاص طور تي پوليس پنهنجين ذميوارين کي اهڙي انداز ۾ نڀائي جو هر ايندڙ ماڻهو هتان سٺي ياد ۽ تحفظ جو احساس کڻي واپس وڃي. اهو ئي شاهه جي پيغام جو احترام ۽ عوام جي خدمت جو بهترين نمونو هوندو.

آمريڪا جي فضائن مان

پاڪستان جي زين-جِي: اکين تي پٽي، پيرن ۾ دائرو- هڪ نسل ڇوءِ ڪيئن فڪس ڪيو ويو؟

هڪ گهڙيءَ لاءِ اکيون بند ڪريو هڪ ڇوڪريءَ جو تصور ڪريو جيڪا صبح جو چار وڳي اٿي ٿي اونداهي اڃا گهري آهي. گهر ۾ سڀ ستل آهن هوءَ باورچي خاني ۾ وڃي ٿي، پاڻي پٽي ٿي، پنهنجيون ڪتابون کولي ٿي ۽ پڙهڻ شروع ڪري ٿي اها ڪا اڄ جي ڳالهه ناهي بلڪ اهو گذريل ٽن سالن جو معمول آهي اهو ٽن سالن جو مشقت آهي جيڪو خواب مان نه پر رت مان لکيو آهي. سندس پيءُ پنهنجي پينشن لڳائي، ماءُ زيور وڪيا، ڀاءُ پنهنجيون گهرجون ماري ڇڏيون ته جيئن هوءَ هڪ امتحان ڏئي سگهي. اهو امتحان جيڪو کيس ڊاڪٽر بڻائيندو، جيڪو سموري گهراڻي جي تقدير بدلائي ڇڏيندو جيڪو کيس رڳو پنهنجي شهر تائين نه پر دنيا جي در تائين پهچائيندو.

۽ پوءِ نتيجو آيو. نتيجي مان خبر پئي ته جيڪي سوال هن انهن ٽن سالن ۾ حل ڪيا هئا، اهي ڪنهن اڳ ئي خريد ڪري ڇڏيا هئا، سي به پيسن ۽ رات جي اونداهيءَ ۾. ڪنهن جي گهر جي روشني وسائيندڙ جي ڪمائي هئي ڪنهن جي اونداهي خريدڻ ۾ خرچ ٿي وئي، اها رڳو هڪ ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي ناهي. هي ويهه لک ڪهاڻين جو رت آهي، جيڪو 2026ع ۾ ڀارت جي روڊن تي وڪريو.

ڀارت ۾ نيٽ جو امتحان رڳو هڪ امتحان ناهي. اهو ڪروڙين خوابن جو در آهي. هر سال ويهه لک نوجوان اهو امتحان ڏين ٿا. انهن مان رڳو هڪ لک کي منزل ملي ٿي ۽ ان هڪ لک جو حاصل ٿيڻ سموري گهراڻي جي زندگي بدلائي ڇڏي ٿو هڪ ڊاڪٽر پٽ يا ڌيءَ رڳو هڪ نوڪري نٿي ڪري يا نٿو ڪري پر اهو يا هوءَ پنهنجي خاندان جو مستقبل ناهين ٿا. ڀائرن جي تعليم، ڀينرن جي شادي، والدين جو پوڙهاپو وارو دور اهي سڀ ان امتحان سان وابسته هوندا آهن. اها ايم بي بي ايس ڊگري رڳو مقامي نوڪريءَ لاءِ ناهي پر ڪئنيڊا، آمريڪا، برطانيه ۽ يورپ وڃڻ جو پاسپورٽ به آهي. جڏهن خبر پئي ته اهو پرچو وڪامي ويو آهي ته جن ماڻهن وٽ پيسا هئا، انهن سوال خريد ڪري ڇڏيا ته ميرٽ نه پر مال ڪم آيو ته اها آواز اٿي. جيڪا صدين ۾ هڪ ڀيرو اٿندي آهي. حڪومت جو جواب تڪبر وارو هو، سڀني کي وري امتحان ڏيڻو پوندو ته ڪنهن کان معافي گهري وئي، نه ڪنهن ذميداري قبول ڪئي ۽ جڏهن جيو ويو ته 21 شاگردن خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. ڀلي اها تعداد تڪراري هجي ته ڪاوڙ رڳو احتجاج نه رهي، اها هڪ قوم جي ضمير جو سوال بڻجي وئي.

سونم وانگچڪ نالي هڪ تعليم ماهر بک هڙتال شروع ڪئي ويهه ڏينهن گذريا ته شاگرد هن تحريڪ جو حصو بڻجي ويا ۽ پوءِ ڪانگريس، عام آدمي پارٽي، سماج وادي پارٽي سڀ شامل ٿي ويون لفظ ڪڏهن ڪڏهن هٿيار بڻجي ويندا آهن ۽ ڪڏهن اهي ئي لفظ بومرنگ بڻجي اڇلائيندڙ جي سيني ۾ واپس اچي لڳندا آهن. ڀارت ۾ ڪنهن احتجاج ڪندڙ نوجوانن کي حقارت مان ڪاڪروچ چيو. انهن جيتن سان تشبيهه ڏني جيڪي اونداهيءَ ۾ لڪندا آهن ۽ روشنيءَ کان ڀڄندا آهن ۽ نوجوانن اهو ئي لفظ کنيو، پنهنجي سيني تي سينگاريو، پنهنجي تحريڪ جو نالو بڻايو ۽ پوءِ ثابت ڪيو ته ڪاڪروچ اونداهيءَ ۾ لڪن ضرور ٿا پر جڏهن اهي روشنيءَ ۾ نڪري اچن ته ڪين لتاڙڻ ايترو سولو نٿو رهي.

ڀارت جو يونين وزير جنهن جي حيثيت پاڪستان جي ڪور ڪمانڊرز جهڙي سمجهي وڃي ٿي، شاگرد اڳواڻن جي پويان پوڙهي رهيو هو سوچيو انهيءَ منظر کي هڪ اهڙي ملڪ جا طاقتور ترين وزير جن سان ملاقات لاءِ ماڻهو ڪلاڪن جو انتظار ڪندا آهن. اهو نوجوان شاگردن سان ملاقات جي درخواست ڪئي سندن پويان پويان گهمي رهيو هو شاگردن شرط رکي ته اسين اوهان جي آفيس نه اينداسين اوهان جي گهر نه ويندا سين ۽ جيڪڏهن توهان کي اسان سان ملڻو آهي ته ڪنهن غيرجانبدار جاءِ تي ملاقات ڪيو. اها رڳو هڪ مذاڪراتي حڪمت عملي نه هئي اها طاقت جي پراڻي فارمولي کي اونڌو ڪرڻ جو اعلان هو صدين کان اهو ئي اصول رهيو آهي ته ننڍو وڏي جي در تي وڃي ٿو. رعيت حاڪم جي دربار ۾ حاضري ڏئي ٿي پر جڏهن شاگردن چيو ته اسين اوهان جي در تي نه اينداسين. اوهان اسان جي جاءِ تي اچو ته اهو هڪ نئين دور جو اعلان هو.

نريندر مودي، جيڪو 70 سيڪڙو ووٽ کڻي کٽيندڙ اڳواڻ آهي، جنهن جي مقبوليت جي گراف کي ڪنهن به ڪڏهن چيلينج ڪرڻ جي همت نه ڪئي، هن پهرين ٽوئيٽ ڪئي پوءِ انسٽاگرام تي ويڊيو ناهي، فاسٽ ٽريڪ عدالتن جو واعدو ڪيو پر شاگردن چيو، اهو ڪافي ناهي. آخرڪار دُرمندر پرڌان پاڻ ٽوئيٽر تي پنهنجي استعفيٰ جو اعلان ڪيو جيڪي حڪومتون بندوق ۽ طاقت جي زور تي قائم ٿينديون آهن اهي هميشه خوفزده ۽ ڪمزور هونديون آهن پر جمهوري حڪومتن ۾ هڪ لچڪ هوندي آهي، هڪ اخلاقي همت هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته سندن اقتدار عوام جي محبت تي قائم هوندو آهي. نه ئي سندن خوف تي ڀارت اهو واحد ملڪ آهي، جتي 77 سالن کان مسلسل جمهوريت قائم آهي جتي وقت تي چونڊون ٿينديون آهن. جتي نتيجا مڃيا ويندا آهن. جتي طاقت پرامن طريقي سان منتقل ٿيندي آهي اها حقيقت آهي جنهن تي اسان کي ڏکڻ ايشيائي هجڻ جي حيثيت ۾ مڃڻ گهرجي ۽ سوچڻ گهرجي.

مون پنهنجي صحافت جي چئن ڏهاڪن ۾ ڪيترائي سوال ٻڌا آهن پر ڪجهه سوال اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪنن سان نه پر سيني سان ٽڪرائيندا آهن. اهڙو ئي هڪ سوال هنن ڏينهن ۾ منهنجي ڪيترن ئي دوستن مون کان پڇيو آهي. چئو راجا صاحب! اسان جي پاڙيسري ملڪ ۾ جڏهن هڪ چيف جسٽس نوجوانن کي ڪاڪروچ چئي سڏيو ته آمريڪا ۾ ويٺل هڪ نوجوان انسٽاگرام تي هڪ صفحو کوليو، وطن موٽيو ۽ ان گهڙيءَ جو انتظار ڪيائين. جڏهن ڪنڊن ۾ لڪل انهن ڪاڪروچن کي سڏيو وڃي پوءِ دنيا ڏٺو ته جن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (نوجوانن) کي جيتن سان تشبيهه ڏني وئي هئي، اهي روڊن تي هڪ سيلاب وانگر لهي آيا ۽ اقتدار جي ايوانن کان وٺي درٻاري ميڊيا تائين سڀ ڪجهه لوڏي ڇڏيائون. سوال اهو آهي ته پاڪستان ۾ ائين ڇو نه ٿي سگهيو؟ اسان جو نوجوان ڇو خاموش آهي؟ کيس ڪنهن ۽ ڪيئن فڪس ڪري ڇڏيو؟ مان ان سوال جو جواب ڏيڻ کان اڳ ٿورو پوئتي مڙي ڏسڻ چاهيان ٿو، ڇاڪاڻ ته قومن جا زخم سمجهڻ لاءِ سندن تاريخ جا ٽانڪا کولڻا پوندا آهن.



راجا زاهد اختر خانزاده

اوهان سيني ٻڌو هوندو ته جڏهن انگريز برصغير پاڪ ۽ هند تي حاڪم هو ته سندس حڪومت جو هڪ ئي سونهري اصول هو ورهايو ۽ حڪومت ڪريو. اسان اهو جملو ٻڌوسين، پڙهيوسين ۽ امتحانن ۾ لکيوسين پر ان مان ڪڏهن ڪو نتيجو نه ڪڍيوسين. انگريز هليو ويو پر پنهنجو فارمولو ڇڏي ويو ۽ اڄ ڏيڍ صدي کان پوءِ به اهو ئي نسخو اسان جي بدن ۾ سرنگهه وانگر لاٿو پيو وڃي اڄ پاڪستاني قوم جو نوجوان ان ئي پراڻي ورهاست جي نون خانن ۾ ورهايل آهي. ڪو پ پ سان وابسته آهي ته ڪو نواز ليگ سان ته ڪو پي ٽي آءِ جو سپاهي آهي ڪو سنڌي آهي ڪو پنجابي ڪو بلوچ ڪو پشتون ڪو مهاجر.

اکيون بند ڪري سوچيو، دشمن ته هڪ ئي آهي، اهو ئي هڪ هٿ، جنهن اوهان جي اتحاد کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو آهي اوهان کي ٽولن ۾ ورهايو. اوهان جا نعرا الڳ ڪيا، اوهان جا جهنڊا الڳ ڪيا ۽ پوءِ پري ويهي مرڪندو رهيو. اوهان هڪ رسي هئا ۽ رسيءَ جي طاقت سندس ڌاڳن جي گڏجاڻيءَ ۾ هوندي آهي. جيستائين ڌاڳا گڏ آهن، رسي جبل به ڇڪي وٺندي آهي ۽ جڏهن ڌاڳا الڳ الڳ ڪيا وڃن ته اها ئي رسي هڪ ٻار جي هٿ سان به ٽٽي پوندي آهي. اڄ اوهان اهي ٽڙيل ڌاڳا آهيو. اوهان جي ڪمزوري اوهان جو تعداد ناهي، اوهان جي ورهاست آهي. مان آمريڪا ۾ رهان ٿو ۽ هتان جي مٽيءَ مون کي هڪ سبق ڏنو آهي. هتي به ورهاست جي سياست ٿي، رنگ ۽ نسل جي نالي ۾ ديوارون بيهاريون ويون پر هتان جا ماڻهو هاڻي سمجهڻ لڳا آهن ۽ ايوانن تائين تبديليءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي. جڏهن شعور جاڳندو آهي ته اقتدار جا ايوان به پاسو بدلائيندا آهن. جيڪو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. اهڙي ئي شاهديءَ کي قابو ڪرڻ لاءِ تازو مون پنهنجو ڪتاب لکيو آهي، "خوف ۽ آزاديءَ جي وچ ۾، جديد جمهوريتن ۾ طاقت جا ڳجهه هٿ. جمهوريت جي عروج ۽ زوال جو هڪ صحافي شاهد" اهو ڪتاب ڪنهن ملڪ يا ڪنهن ڌر خلاف ناهي، اهو ڏکڻ ايشيا کان آمريڪا تائين پکڙيل ان ڳجهي راند کي ظاهر ڪري ٿو جيڪا ايندڙ نسل جي اکين کان لڪائي رکي ٿي مون طاقت جي انهن نظر نه ايندڙ طريقن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جن کي عام شهري اڪثر محسوس ته ڪندا آهن پر لفظ نه ڏئي سگهندا آهن منهنجي خواهش آهي ته اڄوڪو نوجوان ۽ ايندڙ نسل هن کي رڳو هڪ ڪتاب نه سمجهي، بلڪ هڪ مڪالمو سمجهي، هڪ سوال سمجهي ۽ شايد هڪ آئينو به.

مون اهو ڪتاب ان ڪري لکيو آهي ته جيڪو ڪجهه منهنجي سيني ۾ دفن ٿيل آهي، اهو ايندڙ نسل جي حوالي ڪري ڇڏيان ته سڀاڻي ڪو نوجوان انڌيري ۾ رستو ڳوليندو ته هن جي هٿ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏيئو هجي هاڻي مان واپس ان سوال ڏانهن اچان ٿو جيڪو منهنجي دوستن پڇيو هو پاڪستان ۾ زين-جي ڇو فڪس آهي؟ ان ڪري جو اسان کي انگريز جي ان ئي پراڻي فارمولي هيٺ پاڻ ۾ ورهايو پيو وڃي ته اسان ڪمزور رهون اسان وٽ اڻ پڙهيل ماڻهو هجن ۽ ماڻهو اڪثر ٽرڪ جي بتيءَ پٺيان لڳي پوندا آهن اسان کي ان ڪوهاڙي جي ڍڳي وانگر بڻايو ويو آهي. جيڪو صبح کان شام تائين هلندو رهندو آهي. پگهر ۾ ورتل هوندو آهي. قدم تي قدم کڻندي پر شام جو اتي ئي بيٺو هوندو آهي. جتان هن صبح جو سفر شروع ڪيو هو جيستائين اسان قوم نه بڻجي نه سوچينداسين، ڏاڍن جو اهو سفر ائين ئي هلندو رهندو اڳواڻ وڪامندا رهندا، وفاداريون نيلام ٿينديون رهنديون ۽ جيڪو ٻلي جي ڳچيءَ ۾ گهنڊ ٻڌڻ جي همت ڪندو، کيس رستي مان هٽايو ويندو ۽ قوم منزل کان پري، پري ۽ پري ٿيندي ويندي.

تنهن ڪري اي منهنجي وطن جا نوجوانو! اوهان سان ها اوهان سان ئي مخاطب آهيان. اوهان جنهن به ملڪ ۽ قوم جو حصو آهيو، ان جا مڪمل بڻجي وڃو. پنهنجي سڃاڻپ کي وسيع ڪريو. نه نسلي نفرت ڪريو، نه رنگ ۽ مذهب جي، پنهنجي ڌر سان محبت ڪريو پر قوم کان وڌيڪ نه. پنهنجي مسلڪ جو احترام ڪريو پر انسانيت کان مٿي نه. پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ڪريو پر ٻي ٻوليءَ سان نفرت نه ڪريو، ڇاڪاڻ ته قومون نفرت مان نه ٺهنديون آهن. بلڪ قومون گڏيل مقصد، گڏيل قانون ۽ گڏيل شعور سان ٺهنديون آهن.

آمريڪا جي ڪاميابيءَ جو راز ان جي دولت ناهي. ان جو اهو هڪ قانون آهي، جيڪو رنگ، نسل ۽ مذهب جي تفريق کان مٿي سيني کي بلند ڪري ڇڏيندو آهي هتي اڳواڻ ڪرسيءَ تي ايندا ويندا رهندا آهن پر قانون سيني لاءِ برابر آهي ۽ سڀ ان جو احترام ڪندا آهن ادارا پنهنجي پنهنجي دائري ۾ رهندا آهن ۽ جڏهن ڪڏهن ڪو حد کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته نظام هن جي اڳيان لوهي پٽ بڻجي بيهي رهندو آهي. اوهان به ائين ڪريو اصلي جمهوري نظام کي مضبوط ڪريو اهو به ياد رکو ته جمهوريت کي ڪمزور ڪرڻ وارا هميشه ٻاهران حملي آور نه ٿيندا آهن اهي اڪثر ان ئي نظام جو لباس پائي اندر ايندا آهن جڏهن اهي حد کان ٻاهر نڪرن ته هر نسل جو اهو فرض آهي ته هو هن نظام جي حفاظت ڪري، ڇاڪاڻ ته ٻڌو جيڪڏهن اوهان اڄ هن نظام جي حفاظت نه ڪئي ته سڀاڻي اوهان جي اولاد ان ئي ڪرپشن سان وڙهندي، جنهن کان اوهان اڄ اکيون بچائي رهيا آهيو ۽ کين پنهنجي حقن لاءِ اهي قربانيون ڏيڻيون پونديون، جن جو بار ڪلهه اڄ اوهان جي حصي ۾ آيو هو.

تاريخ اسان کي اهو به سيکاري ٿي ته ڪا به زنجير هميشه نه ٿي رهي، نيپال ۾ شاگرد اٿيا ته وزير اعظم کي وڃڻو پيو، بنگلاديش ۾ شاگرد اٿيا ته 15 سالا اقتدار جو خاتمو ٿيو، سري لنڪا ۾ عوام اٿيو ته صدر کي ملڪ ڇڏڻو پيو، هاڻي ڀارت ۾ شاگرد اٿيا ته هڪ طاقتور وزير کي استعفيٰ ڏيڻ پئجي وئي آهي اها هڪ لهر آهي، ڏکڻ ايشيا ۾ جنريشن-زي جو سونامي، جيڪو هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾ پکڙجي رهيو آهي. جنهن ڏينهن پاڪستان جو نوجوان اهو فيصلو ڪري وٺندو ته خاموشيءَ کان وڏو خطرو اهو آهي ته خاموشي هميشه رهي، ان ڏينهن اها لهر هتي به پهچندي. سوال اهو ناهي ته ڇا اهو ڏينهن ايندو ۽ سوال اهو آهي ته اسين ان ڏينهن لاءِ ڪيترو تيار آهيون؟

ڇا ٻيرلوءِ باءِ پاس ٻيهر بند ٿيڻ وڃي رهيو آهي؟

ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ

گذريل ٻن ڏينهن کان سوشل ميڊيا تي هڪڙي خبر مسلسل مختلف رُخن سان هلي رهي آهي ته گهوٽڪي ضلعي سان تعلق رکندڙ هڪ اڳوڻي ايم پي اي جي پٽ اغوا بعد ڪجهه ئي ڪلاڪن ڪانپوءِ پوليس پاران بازياب ڪرايو ويو آهي پر ڏک ته اِن ڳالهه مٿان ٿئي ٿو ته آهي سنڌ مان اغوا ڪيل معصوم ٻار جيڪي سالن گذرڻ ڪانپوءِ به بازياب نه ٿي سگهيا آهن. يقيناً اهڙا تبصرا يا تجزيا پنهنجو وزن ۽ معيار ضرور رکن ٿا. هتي اغوا ٿيل آهي معصوم ٻار ته اڄ خبر ناهي ڪهڙي قيد جي ڪوٺڙيءَ ۾ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي ياد ڪندي آسمان ڏانهن نهاري رڙيون ڪندا هوندا؟ جيڪي الله سائين جي علم ۾ آهن پر اهو افسوس ۽ ڏک ته تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن ڪو قانون يا انصاف ٿيندو هجي. اسان وٽ يقيناً نه رڳو آئين ۽ قانون پر انهن مٿان ڪيئن عمل ڪجي؟ سڀ رستا ۽ عملي حڪم ناما موجود آهن پر ڏک اِن ڳالهه مٿان ٿيڻ گهرجي ته آخر انهن قانونن مٿان عمل ڇو نه ٿو ڪيو وڃي؟

اسان کي ياد آهي ته ماضيءَ ۾ سنڌ جي هڪ ضلعي ۾ ڪنهن نالي چڙهئي ڀاران هڪ راهگير کي زخمي ڪرايو ويو هو ته اُن وقت رات جي پهر ۾ ان دور جي معزز چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ واقعي جو نوٽيس وٺندي خيرپور ضلعي جي اسٽيڪ هولڊرن کي عدالتِ عظميٰ ۾ گهرائي ڪائنس سخت پڇاڻو ڪيو هو. اهڙي ريت ان معزز چيف جسٽس نه رڳو جرڳائي سردارن خلاف ڪارروايون ڪرايون پر هر اِشوءَ خلاف هن فوري نوٽيس ورتا هئا. اڄ حالت وڃي اها رهي آهي جو سنڌ مان هونئن ته اغوا ڪاري توڙي سرعام رتوڇاڻ جا واقعا هڪ روايت ٿي چڪي آهي پر حيرت ته اِن ڳالهه مٿان ٿئي ٿي، جو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان جيڪي معصوم ٻالڪ اغوا ٿيل آهن. انهن بابت خبر ناهي ته اسان جون معزز عدالتون ڇو خاموش آهن؟ سنڌ جون موجود حالتون هئڻ ڪانپوءِ پاڻ سفارش تي ڀرتي ٿيل پوليس آفيسرن کي ڇو معيار ڏيون؟ اسان کي روئڻ ٿو اچي ته آخر اڄ جو اهڙي خاموشي آهي جو سنڌ هر طرف کان اذيتناڪ صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي؟

اسان جو آئين کليل اجازت ڏئي ٿو، جتي ڳالهائڻ، گڏ ٿيڻ، پنهنجو آواز اوچو ڪرڻ سميت جيڪي به انساني حقوق سان لاڳاپيل عمل آهن. ان جي اسان کي ڇوٽ حاصل آهي. جيڪڏهن پاڻ کي ملڪ جو قانون ۽ آئين اهڙي اجازت ڏئي ٿو ۽ يقيناً حالتون به اهڙيون ڳنڀير هجن ٿيون ته پوءِ شايد سنڌ پوليس پاران گذريل جمع واري ڏينهن تي پنهنجن ٻچن جي ڳولا ڪندڙ والدين ۽ مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن جيڪي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ ڪين به سنڌن ٻارن جيان گم ڪيو ويو آهي. ٻيرلوءِ باءِ پاس تي ويٺل انهن والدين کان ڪنهن اهو پڇيو آهي ته سندن گهرن ۾ ڪهڙو ماتم متل آهي يا انهن والدين جي دلين مٿان ڇا گذري رهيو هوندو؟ جيڪي بي سهارا ماڻهو حيدرآباد مان کهي آيل هڪ باشعور صحافڻ ميڊم سهڻي پارس جي سڏ تي گذريل هڪ مهيني کان ٻيرلوءِ وٽ احتجاج ڪري رهيا آهن ته ڪين پنهنجا ٻچا واپس گهرجن. اهو مطالبو سنڌ حڪومت، پوليس، طاقتور ڌرين ۽ حڪمران جماعت جي اڳواڻن لاءِ پيغام آهي ته اهي معصوم ٻار مختلف علائقن مان گذريل 5 سالن کان گم آهن. شايد سکر ۽ خيرپور واسين سان هتان جي اسيمبلي ميمبرز کان اها ڳالهه نٿي ٻڌي ٿئي، جيڪي اغوا ٿيل ٻارن کي بازياب ته ڪونه ڪرائي سگهيا آهن پر ساڳئي وقت بي يارو مددگار ويٺل والدين کان احتجاج جو جمهوري حق به کسيو پيو وڃي.

گذريل ڏينهن پريا ايڪشن ڪاميٽيءَ جي سڏ تي جيڪو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاج ڪيو ويو، جنهن ۾ خاص طور تي ٻيرلوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ٽين تلوار تي مڪيه ڌرڻا هنيا ويا. انهن ۾ سکر پوليس پاران ٻيرلوءِ وٽ ڪارروائي ڪئي وئي آهي، اهو عمل تاريخ ۾ ڪارن اکرن سان پيٽيو ويندو ان احتجاج دوران پوليس اخلاقيات جون سڀئي حدون پار ڪري ڇڏيون ۽ احتجاج جي ڪوريج ڪندڙ صحافين ۽ وڪيلن مٿان سرعام تشدد ڪيو ويو.

هتي پاڻ سکر ٻيرلوءِ جو ذڪر ڪريون ته آخر پوليس مغوي ٻارن جي والدين ۽ "پريا ايڪشن ڪاميٽي" جي اڳواڻن کان جيڪو وقت ورتو هو ته پوءِ جيڪڏهن سکر پوليس مغوي ٻار ته بازياب نه ڪرائي سگهي ته آخر انهن مٿان ڪهڙو دٻاءُ هو جو 150 ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪري هيتري تعداد جون گرفتاريون ته گڏوگڏ انهن معصوم ٻارڙن جي والدين جو آواز دٻائڻ لاءِ ڪارروايون ڪيون ويون. جيو وڃي ٿو ته ٻيرلوءِ باءِ پاس وٽ گذريل هڪ مهيني کان قائم ٿيل اها ڪئمپ به پوليس رات جي پهر ۾ پٽي ڇڏي آهي. سکر سميت مختلف جاين تي پوليس جي اهڙي عمل خلاف سنڌ ۾ غصي ۽ ڪاوڙ جي لهر پکڙيل آهي.

ٻه ڏينهن سنڌ جي مختلف سياسي، سماجي، قومپرست پارٽين ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي سڄي سنڌ اندر وڪيل برادريءَ پاران عدالتي ڪاروبار جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. بهرحال موجوده صورتحال ڪانپوءِ سنڌ جون حالتون مٿي 2025ع وارين يادون تازيون ڪرائڻ طرف وڃي رهيون آهن. جتي سنڌ جو گڏيل شعور ۽ وڪيل برادريءَ ۾ سخت تاءُ پکڙجڻ ڪانپوءِ لڳي ائين رهيو آهي ته ڪٿي ايندڙ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هڪ دفعو ٻيهر ٻيرلوءِ باءِ پاس لامحدود مدي لاءِ بند نه ٿئي. اڄوڪين حالتن خاص طور تي تازو ٿيل پوليس ڪاروواين ڪان پوءِ سنڌ حڪومت جي ذميوار بالا آفيسرن کي گهرجي ته فوري طور ان صورتحال مٿان غور ڪري اغوا ڪيل معصوم ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ ڪو ٺوس ٻاريو وڃي، متان ڪٿي حالتون سندن هٿن مان نڪري وڃن.

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

بَادِلِيَا تَرَ بِينِ ڪَرُونِ، سُورِجَ لَي ڇُپَاءِ،
پِيءُ مَورَا پَنڌَ ۾، مَتَان ڏُوپَ لَڳِي ڪَولا.

بادليا = اي بادل / تر = توکي / بين = عرض، منٿون، ايلاز
ڪرون = ڪريان ٿي / سورج = سج کي، سورج کي / لي = کڻي وڃ
ڇپاءِ = لڪائي ڇڏينس، ڍڪي ڇڏينس
پيءُ مورا پنڌ ۾ = منهنجو پرين، منهنجو ڍوليو پنڌ ۾ آهي، سفر ۾ آهي.
متان ڏوپ لڳي ڪولا = متان ان کي (منهنجي محبوب کي) اس لڳي، سج جو تکو تاءُ نه لڳي.

(سر- سارنگ، مرتب ٻانهون خان شيخ)

لطيف سائين پيار، محبت، پاڻ ارپڻ، اوسيئڙي، سڪ وند دلين جي اندر ۾ جهاتي پائي ٿو ۽ انهن دلين جي ارمانن کي اهڙي طرح عڪس هيٺ آڻي ٿو جيئن ڪو سنگ تراش پٿر مان خوبصورت مورت جوڙيندو آهي. جنهن کي ڏسندي ماڻهو دنگ رهجيو وڃي. اهڙي وڏي خوبصورتيءَ سان هتي به هڪ آسر وند ٿاريلي عورت جي دل جا ارمان اوري ٿو، جنهن جو ڍوليو ڪانڌ، محبوب سڄڻ پنڌ ۾ آ، مسافر آهي، سا سانوڻ جي سج جي تيز اُس يا ڏٻ جا سهپ کان ٻاهر آهي ان جي گرمائش کي محسوس ڪري ٿي ۽ هوءَ جيڪا درماندي دل آهي سا، بادل يا جُهڙ کي ايلاز منٿون، عرض گذاريون ڪندي چئيس پئي ته اي بادل! اهو ٻرندڙ سج کڻي وڃ معنيٰ ان کي ڍڪي ڇڏ. جيئن ڇانو ٿي وڃي، ڇو ته منهنجو پرين ڪانڌ پنڌ ۾ آهي، متان سج جي تپش جي ڪري هن کي ڪا تڪليف پهچي. کيس ماڳ پهچڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نه پئي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ..... 27 جولاءِ

صوفي سيد هاشم شاهه بخاري

هن صوفي شاعر ۽ بزرگ جو جنم تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ الياس ۾ 27 جولاءِ 1859ع ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو سيد ٻڍل شاهه بخاري هو. اڃا ننڍو ئي هو جو سندس وڏڙا لڏي اچي تعلقي لکيءَ جي ڳوٺ ماڙيءَ ۾ آباد ٿيا. ان ڪري صوفي هاشم شاهه جي زندگيءَ جو گهڻو حصو ڳوٺ ماڙيءَ ۾ گذريو. هن ناظره قرآن شريف، ديني تعليم ۽ فارسيءَ جي تعليم هڪ مقامي مدرسي مان حاصل ڪئي. هو انتهائي پرهيزگار ۽ روزي نماز جو پابند هو ۽ محنت مزدوري ڪري پنهنجو پيٽ گذر ڪندو هو. هو ڪافيءَ جو هڪ سٺو شاعر هو. سندس ڪلام ۾ صوفي رنگ نمايان نظر اچي ٿو. افسوس جو سندس گهڻو ڪلام زماني جي گردشن ۾ گم ٿي ويو. صرف ٿورو ڪلام قلمي صورت ۾ موجود آهي. هن 27 مارچ 1939ع تي ماڙيءَ ۾ وفات ڪئي.

حفيظ ڪنڀر

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار حفيظ ڪنڀر جي جنم جو ڏينهن آهي. هن ناميارو اديب 27 جولاءِ 1964ع تي ضلعي ميرپور خاص تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ حاجي عرس ڪالري ۾ اکيون کوليون. سندس والد الياس عاڪف به هڪ سٺو ليکڪ هو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي ۽ اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اڳتي هلي تعليم کاتي ۾ ڪاليج جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري اسسٽنٽ پروفيسر جو عهدو ماڻيائين. هن کي ننڍي هوندي کان ئي ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ادبي رسالا پڙهڻ جو گهڻو شوق هو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هن جون لکڻيون اخبارن ۽ ادبي رسالن ۾ باقاعدگيءَ سان ڇپجڻ شروع ٿيون. انهيءَ ئي دور ۾ هن تقريري مقابلن، اسٽيج ڊرامن ۽ ٻين ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. هن ٽيليويزن لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ ڊاڪيومينٽريون تيار ڪيون. پاڪستان ٽيليويزن لاءِ لکيل سندس پهريون ڊرامو "مور ڏاڏا مور" 1994ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو. سندس سيريل "هٿين گل مينديءَ" کي سنڌ ۾ وڏي پذيرائي ملي. هو مختلف اخبارن ۽ نجي ٽيليويزن چئنلن سان به لاڳاپيل رهيو ۽ اخبارن لاءِ ڪالم به لکندو رهيو آهي. هن جي ڪتابن ۾ "جعفر جي ٽئين ڪهاڻي" ۽ "جنم ڪٿا" شامل آهن. حفيظ صاحب کي جنم ڏينهن جي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

حاجي عبدالله واقف

حاجي عبدالله واقف پنهنجي دور جو مايه ناز شاعر هو. هن جو جنم 27 جولاءِ 1919ع تي نارو شاهه ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي ان بعد ڪمپائونڊريءَ جو ڪورس پاس ڪري سنڌ جي صحت کاتي ۾ ڪمپائوڊر مقرر ٿيو ۽ اڳتي هلي وئڪسين انسپيڪٽر مقرر ٿيو. عمر جي آخري حصي ۾ نوڪري ڇڏي نارو شاهه ۾ پنهنجو شفاخانو کوليائين. هو هڪ قادرالڪلام شاعر، مضمون نگار، ڊراما نگار ۽ افسانا نگار هو. هن جون اڪثر تخليقون "اديب سنڌ" رسالي ۾ ڇپيون. شاعريءَ ۾ "واقف" سندس تخلص هو. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪليات واقف" قلمي صورت ۾ موجود آهي. حاجي عبدالله واقف 25 جون 1976ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

آغا عطا محمد دراني

اڄ مشهور سياستدان آغا عطا محمد درانيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 27 جولاءِ 1925ع تي شڪارپور ضلعي جي شهر سلطان پور ۾ خانبهادر جان محمد خان درانيءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون. مئٽرڪ تائين سينٽ ڪيمبرج اسڪول سکر ۾ پڙهيو ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڪيمبرج اسڪول لاهور مان پاس ڪيائين. 1948ع ۾ سينئر ايف سي ڪاليج لاهور مان سينئر ڪيمبرج جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين. ڪجهه عرصو پاڪستان جي نيشنل گارڊ اسڪيم ۾ ميجر طور ڪم ڪيائين پر پوءِ انهيءَ عهدي تان استعيفا ڏئي سياست جي دنيا ۾ پير پاتائين. 1966ع ۾ سلطان ڪوٽ يونين ڪائونسل جو چيئرمين چونڊيو ويو. 1985ع وارين غير جماعتي چونڊن ۾ سوڀ ماڻي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو ۽ ريلوي کاتي جو مملڪتي وزير مقرر ٿيو. هن کي سماجي سرگرمين ۽ راندين سان به گهڻي دلچسپي هئي. پاڻ فوٽ بال ايسوسيئيشن آف پاڪستان جو صدر ۽ ريڊڪراس سکر جو پهريائين سيڪريٽري ۽ پوءِ صدر رهيو. هن 16 مارچ 1996ع تي وفات ڪئي.

عبدالقيوم صائب



اڄ مشهور شاعر، ليکڪ ۽ قانوندان عبدالقيوم صائب جي جنم جو ڏينهن آهي. هو نبي بخش پيرزادي جي گهر 27 جولاءِ 1927ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس ڇٽيءَ جو نالو محمد عرس هو. هن مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. ٻارهين ڪلاس جو امتحان سٽي ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد لا ڪاليج مان قانون جي سند حاصل ڪيائين. هن فارسيءَ جي تعليم عبدالرئوف بختياريوري ۽ عبدالله بسمل ٽڪڙائيءَ کان حاصل ڪئي. عملي زندگيءَ جي شروعات حيدرآباد ۾ هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪيائين. هن کي ننڍپڻ کان ئي شاعريءَ جو شوق هو. شاعريءَ ۾ ڊاڪٽر ابراهيم خليل کان اصلاح وٺندو هو. شاعريءَ ۾ پهريائين "راهب" ۽

مختيار اٽڙ

پوءِ "صائب" لقب اختيار ڪيائين. "جميعت الشعراءِ سنڌ" ۽ "بزم خليل" پاران منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ باقاعدگيءَ سان شرڪت ڪندو هو. شاعريءَ سان گڏ هو هڪ هاڪارو ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مضمون نگار ۽ سنڌيڪار هو. هن لڳ ڀڳ 20 ڪتاب لکيا. تاريخ 24 آڪٽوبر 2018ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

احمد خان تنوير هيسباڻي

هن نامور تعليمي ماهر ۽ شاعر جو جنم 27 جولاءِ 1928ع تي ڳوٺ مولوي نور الله هيسباڻي تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هن عربيءَ ۽ فارسيءَ جي تعليم مقامي علمن کان حاصل ڪئي ۽ ابتدائي سنڌي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڀاڳي ديري مان حاصل ڪيائين. 1944ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري ڪجهه وقت ناٿي آفيس ۾ نوڪري ڪيائين پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي تعليم کاتي ۾ اسڪول جي استاد طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. هو مختلف هاءِ اسڪولن جو هيڊماسٽر رهيو ۽ آخر ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر (ڊي اي او) طور رٽائر ٿيو. نوڪريءَ دوران بي اي، بي ٽي ۽ ايم اي جون سندون به حاصل ڪيائين. پاڻ هڪ پختو شاعر پڻ هو. شاعريءَ ۾ "تنوير" تخلص استعمال ڪندو هو ۽ مخدوم امير احمد ڪهڙائيءَ کان اصلاح وٺندو هو. شاعريءَ سان گڏ ڪجهه افسانا ۽ مضمون پڻ لکيائين. هن 22 اپريل 2007ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

مخدوم جميل الزمان

اڄ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ سياستدان مخدوم جميل الزمان جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جي ولادت 27 جولاءِ 1961ع تي هالا نوان ۾ ٿي. پاڻ سروري جماعت جي سرواڻ، شاعر ۽ مشهور سياستدان مخدوم امين فهيم جو فرزند آهي. پنهنجي والد وانگيان هن کي به ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ ۽ لکڻ جو شوق رهيو. هن شاعريءَ جي مجموعن سان گڏ تاريخ، تحقيق ۽ سوانح جي موضوعن جي لڳ ڀڳ 14 ڪتاب لکيا آهن. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ ۽ طالب المولىٰ اڪيڊميءَ جو چيئرمين، بزم طالب المولىٰ سنڌ جو سرواڻ ۽ ذات پبليڪيشن جو باني پڻ رهيو آهي. سياسي طور تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان سلهاڙيل آهي. پاڻ پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد جو صدر پڻ رهيو. 1997ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ان بعد هو مسلسل سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهندو اچي، جڏهن ته مختلف وقتن تي مختلف صوبائي وزارتن جا قلمدان سندس هٿ هيٺ رهيا آهن.

نواب فقير ولي محمد خان لغاري

هن نامور صوفي شاعر جو جنم 1836ع ڌاري نواب احمد خان لغاريءَ جي گهر ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو نواب ولي محمد اول مير فتح علي ٽالپر جي سرڪردگيءَ ۾ هالاڻيءَ جي ميدان تي ميان عبدالغني ڪلهوڙي سان جنگ ڪئي، جنهن ۾ ٽالپرن کي فتح حاصل ٿي ۽ ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ جا ڏينهن پورا ٿي ويا. ولي محمد اول انهيءَ جنگ ۾ بهادريءَ سان وڙهيو هو. جنهن ڪري ٽالپر حڪمرانن کيس نواب جو خطاب عطا ڪيو هو. سندس پوٽو نواب فقير ولي محمد لغاري صوفياڻي طبيعت جو مالڪ هو ۽ پاڻ کي فقير سڏائيندو هو. هن کي عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين تي عبور حاصل هو. سندس ڪلام ۾ سوز ۽ درد جي جذبن سان گڏ حقيقت ۽ معرفت جا موتي پوپيل آهن. مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي ڪتاب "دُر ناياب عرف ياد رفتگان" ۾ هن جي وفات جي تاريخ 27 جولاءِ 1914ع لکي آهي. سندس آخري آرامگاهه تاجپور ۾ آهي. نواب صاحب جو ڪلام "واعظ العشاق عرف توحيدي تجليات" نالي سان صوفي فقير امداد علي لغاريءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. سندس ٻين ڪتابن ۾ "ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري"، "وليءَ ڪامل"، "پيغام صوفي" ۽ "تحرير گيڙو بابت" شامل آهن.

الحاج رسول بخش ڏيرو

اڄ مشهور اديب ۽ شاهه جي شاعريءَ جي پارکوءَ الحاج رسول بخش ڏيري جي وفات جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 1901ع ڌاري فريدآباد، تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ جي هڪ زميندار گهراڻي ۾ ٿيو. اڃا ننڍڙو ئي هو جو سندس والد علي نواز خان ڏيري وفات ڪئي. ان ڪري هن جي پرورش پنهنجي والده جي هٿن ۾ ٿي. هن ٽرجي اسڪولن ۽ مدرسن مان سنڌي، فارسي ۽ ديني تعليم حاصل ڪئي. هن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان تمام گهڻي دلچسپي هئي. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "سر يمن ڪلياڻ- فصل پهريون" (1974ع)، "سر يمن ڪلياڻ- فصل ٻيو" (1965ع) ۽ "ٽئين شرح لطيف- سر آسا (1995ع) شامل آهن. ان کان علاوه هن جا ڪجهه ڪتاب اڻ ڇپيل صورت ۾ به موجود آهن. هن فريدآباد ۾ مدرسه عربيه محمديه جو بنياد پڻ رکيو. محمد امين مگسيءَ پنهنجي ڪتاب "جوڳيئڙا جهان ۾- مشاهير دادو" ۾ هن جي وفات جي تاريخ 27 جولاءِ 1982ع لکي آهي. جڏهن ته سنڌيڪا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 28 جولاءِ 1982ع ڄاڻائي وئي آهي.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج Vحيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 136 سال 2026

مسمات دعا زال محمد سارنگ ڪورائي ڌيءَ عرفان علي ڪلوئي رهندڙ ڳوٺ بهاول زئنور حيدرآباد .. پلينٽف..بخلاف.. محمد سارنگ ولد محمد اڪرم ڪورائي رهندڙ ڳوٺ بهاول زئنور حيدرآباد ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن فار ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج Vحيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ گارڊين جج I ڏگهڙي
گارڊين سوٽ نمبر 10 سال 2026

مسمات سڪينه بيواهه غلام حيدر ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ ٻٽو خان لغاري تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص .. ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) گل حسن (2) مسمات آمنه (3) مسمات عائشه سڀ پٽ ڌيرون غلام حيدر (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ......اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) ريحانه حيدر (غزاله حيدر (3) شاهينه حيدر جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ گارڊين جج I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 68 سال 2026

شريمتي پوجا ڌيءَ مجنون زال مڪيش ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ سانوڻ خاصخيلي نزد ٻري موري تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف..بخلاف.. مڪيش ولد لاڪو ذات ڀيل رهندڙ ڀيارو سانڊ نزد ناڪو شاخ فوجي موري ٽنڊو آدم سيل نمبر 03428305293 ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن، رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 69 سال 2026

شريمتي Lougi Bai ڌيءَ پونمو ذات ڪولهي رهندڙ ڪولهي ڪالوني نزد لوهي موري عمرڪوٽ روڊ ميرپورخاص .. پلينٽف..بخلاف.. ڊاڪٽر رميش ولد نرهيو عرف نيلو ذات ڪولهي رهندڙ آدم خان رند نزد 78 موري عمرڪوٽ روڊ ميرپورخاص ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II ڏوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 28 سال 2026

مسمات شاهدان ڌيءَ قادر بخش ذات ڪوسو رهندڙ ڳوٺ گيلو خان ڪوسو ديهه 77 نصرت حال رهندڙ ماڊل ڪالوني ڏوڙ ٽائون .. پلينٽف..بخلاف.. اعجاز ولد گل حسن ڪوسو رهندڙ ڳوٺ شير علي ڪوسو تعلقو قاضي احمد 03042543459 ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم II ڏوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II ڏوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات Mazlooma ڌيءَ الهه ڏاد ڪوسو رهندڙ ڳوٺ شاهه الله جت ڏوڙ .. پلينٽف..بخلاف.. شعبان ولد رستم ڪوسو رهندڙ اصغر آباد تعلقو ڏوڙ ضلعو شهيد بينظيرآباد ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم II ڏوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 30 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 513 سال 2025

مسمات سعيده ڌيءَ علي بخش بروهي رهندڙ جامر صاحب روڊ سيد ڪالوني بروهي پاڙو نوابشاهه .. پلينٽف..بخلاف.. ثناءُالله ولد غلام رسول بروهي رهندڙ جامر صاحب روڊ نوابشاهه 03003225359 ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم (3)13 تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 43 سال 2026

مسمات ڪونج عرف Kori ڌيءَ محمد پريل چانڊيو رهندڙ ڳوٺ جئسند چانڊيو تعلقو قاضي احمد .. پلينٽف..بخلاف.. گلشير ولد محرم مشوري رهندڙ ڪڪڙ سٽي تعلقو ڪي اين شاهه ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج MCTCٽنڊو الهيار
(روبرو جناب محمد عباس سيال)
ڪرمنل اپيل نمبر S-49 سال 2025

نبي بخش ولد بشير احمد .. اڪيوزڊ...
ڪرائم نمبر 117/2024 پي ايس (بي سيڪشن) ٽنڊو الهيار زير قلم 302,311,109,337F(vi)PPC.....

جنرل پبلڪ ايٽ لارج/ لاڳاپيل ڏانهن:

جيئن ته اڪيوزڊ نالي نبي بخش ولد بشير احمد گوپانگ ۽ شڪايت ڪندڙ ڌارين گڏيل درخواست داخل ڪئي آهي زير قلم 345(ii) & 345(vi) Cr.P.C تحت صلح لاءِ هن ڪورٽ سڳوري ۾ قانوني وارث فوتي مسمات رخسانه ڌيءَ بشيراحمد گوپانگ (1) محمد حيات ولد نور محمد (2) بشير احمد ولد شير خان (3) مسمات سليما زال بشيراحمد. تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج MCTCٽنڊو الهيار

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي ڪشملا ڌيءَ لطاف حسين راڄپر شناختي ڪارڊ نمبر 4530476694346 کان فليٽ نمبر 16 فورٿ فلور بلاڪ A-1 ايراضي 1401 اسڪوائر فوٽ الرحمان ٽاور واڊو روڊ قاسم آباد حيدرآباد خريد ڪري رهيو آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه قانوني اعتراض وغيره هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض سب رجسٽرار آفيس قاسم آباد وٽ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪنهن ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ مذڪوره فليٽ جي رجسٽري قانون موجب مڪمل ڪئي ويندي

عبدالرحيم انصاري ولد منظور احمد انصاري شناختي ڪارڊ نمبر 4130506339909

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات امتياز بي بي زال محمد رياض درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي محمد رياض ولد چنن الدين تاريخ 13-02-2022 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر وارڊ B تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر / سروي نمبر سٽي سروي نمبر 1010 مان حصي موجب ايراضي 1125 چورس فوٽ ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه 290A وارڊ بي ۾ ڪري اتي ئي شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن جيئن موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) الطاف احمد (پٽ) (2) عامر (پٽ) (3) شبير احمد (پٽ) (4)شڪيل احمد (پٽ)(5) مسمات عبدالنساء (6) مسمات نورين (ڌي) (7) مسمات امتياز بي بي (زال) هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالغفار آرائين ولد عبدالستار آرائين درخواست ڏني آهي ته جو پيءُ نالي عبدالستار آرائين ولد عبدالرحمان آرائين جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه بدين ٽيو بدين تعلقي بدين سروي نمبر 408_406 * بين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ صديق ڪنڀار ڪينٽ روڊ بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي عبدالستار آرائين ولد عبدالرحمان آرائين جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عبدالغفار آرائين پٽ فوتي جو 2 سرفراز پٽ فوتي جو 3 فرزانه زال رياض احمد ڌي فوتي جي 4 ڪوثر پروين زال محمد زاهد ڌي فوتي جي5 رضوانه اختر ڌي فوتي جي جائز وارث ڄاڻيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IIڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر 30 سال 2026

مسمات ڪشف ظهرا ڌيءَ Mussyuab حسين ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ Waghreji پي او ڪوٽ ميرس ديهه 274 تعلقو ڪوٽ غلام محمد .. پلينٽف..بخلاف.. ڪرامت علي ولد ذوالقرنين ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ Waghreji پي او ڪوٽ ميرس ديهه 274 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IIڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج هالا
(روبرو جناب نياز حسين سومرو)
ايس ڪيس نمبر 33 سال 2026
سرڪار..خلاف.. ڪاشان ۽ ٻيا
ڪرائم نمبر 113/2026 پي ايس پٽ شاهه زير قلم 302/324/337/D 34 PPC

سيني لاڳاپيل ڏانهن:

جيئن ته اڪيوزڊ (1) ڪاشان ولد يارمحمد ڪوسو (2) سيد علي حيدر شاهه ولد سيد سجاد حسين شاهه (3) حسن علي ولد شاهد علي خان (4) سيد محمد بخش عرف ڏاڏا سائين ولد سيد فيض عباس شاهه ۽ شڪايت ڪندڙ ۽ سندس قانوني وارثن صلح لاءِ گڏيل درخواست داخل ڪئي آهي زير قلم (2)345 (6) 345 سي آر پي سي فوتي جا قانوني وارث (1) ريحان علي ولد عبدالرحمن ڀاءُ فوتي جو ۽ زخمي (2) عبدالرحمن ولد محمد رمضان پيءُ فوتي جو ۽زخمي (3) منصب علي ولد عبدالرحمن ڀاءُ فوتي جو ۽ زخمي (4) رينواز ولد عبدالرحمن ڀاءُ فوتي جو ۽ زخمي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج هالا

بقايا 1 "روزاني عبرت"

ڪيتريون ريون جن ۾ پارٽي ڪارڪنن، آبادگارن، شهرين ۽ سنڌ دوست ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.بدين ۾ ايس يو پي ضلعي صدر دانش نور سومرو، سيد حيدر شاهه، اقرا انصاري، فاروق لنڊ ۽ ماجد انصاري جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو جتي مظاهرين سنڌو تي ڌاڙو نامنظور ڪئنال سمورا نامنظور جا نعرا هنيا. اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ تهذيب جو بنيادي سرچشمو آهي. ان ڪري سنڌ جي پاڻي تي ڪنهن به قسم جو قبضو برداشت نه ڪيو ويندو. ڪنڊڪوٽ ۾ ايس يو پي ضلعي صدر ظريف ساگر بجاراڻي، شهنواز مرهيٽو، محمد قاسم پيس اصغر شيخ نظير احمد سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گهنٽا گهر کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جڏهن ته بخشاپور ۾ مظهر چاچڙ احمد علي چڇڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي جلالپور ڪئنال منصوبي خلاف احتجاج ڪيو ويو دوڙ ۾ ايس يو پي ڪارڪنن پاران جلالپور ڪئنال ۽ غير قانوني ڪئنالن خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن دوران اڳواڻن تڪراري ڪئنال منصوبا ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو محرابپور ۾ قمر شيخ، سرواڻ جوکيو، ضمير ميمڻ، رونق شاهه، مظفر نانگراج ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي لوڌي چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو جتي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو شڪارپور ۾ آغا قمص پرويز ابڙو، ممتاز منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جهان چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جڏهن ته خيرپور ۾ ايڊووڪيٽ فياض احمد خميساڻي، نور محمد ٿنيو شفيق پنهيار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ خاڪي شاهه پل کان ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو. ٽنڊو آدم ۾ ڪامريڊ محمد خان پنهور شفيع محمد ساند، قيوم پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو جڏهن ته سڪرنڊ ۾ ايس يو پي اڳواڻ سيد منير حيدر شاهه جي گرفتاري خلاف پڻ احتجاج ڪيو ويو ۽ گرفتار ڪارڪنن جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو ڄامشورو ۽ ڪوٽڙي ۾ به ايس يو پي ڪارڪنن پاران ريليون ڪڍي احتجاج ڪيو ويو ڄامشورو ۾ اڪبر ميمڻ، سالار پلائي، باغي جي ايم شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو، جڏهن ته ڪوٽڙي ۾ خالد لاشاري، مرتضيٰ رند ۽ نازيا جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، سيوهڻ ۾ تعلقي صدر نواز علي رند، عبدالحڪيم ٻرڙي ۽ ايڊووڪيٽ سلما پنهور جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جتي اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي ريڍ لائين آهي ان تي ڪنهن به قسم جو وار برداشت نه ڪيو ويندو احتجاج ڪندڙ اڳواڻن چيو ته سنڌ اڳ ئي پاڻي جي شديد ڪوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ نون ڪئنالن جي تعمير سان سنڌ جي زراعت، آبادگارن ۽ ماحوليات تي خراب اثر پوندا. هنن مطالبو ڪيو ته جلالپور ڪئنال سميت سمورا تڪراري منصوبا فوري طور ختم ڪيا وڃن ۽ سنڌ کي 1991ع واري پاڻي ڏاهه موجب پنهنجي حصي جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي

بقايا 2 "روزاني عبرت"

ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته باقي نامزد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 3 "روزاني عبرت"

جانچ ڪري رهيا آهيون سڃاڻپ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو

بقايا 4 "روزاني عبرت"

اڄي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ماحول سوڳوار ٿي ويو

بقايا 5 "روزاني عبرت"

تعلقا اسپتال هالا منتقل ڪيو .اسپتال ۾ موجود زخمين جي وارثن ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ته گهر جي آڏو برف جو صندل رکيل آهي جيڪو نه هٽائڻ تان جوابدارن هر هڪ گل ماڇي . محمد علي . سليم . رياض ۽ اسلم ماڇي سميت ڪجهه نامعلوم ماڻهن سجرجي گهر تي چڙهائي

ڪري لٺين ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري اسان کي مرڻينگ ڪيو آهي هنن چيو ته جهيڙي جي خدشي جو پوليس کي اطلاع ڏنو ويو هو پر پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو . ٻئي طرف زخمين کي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي .

بقايا 6 "روزاني عبرت"

جي رهواسڻ مسمات تهمينه ميمڻ جون 8 ورهين جي زينب ۽ 7 ورهين جي فائزه بتول کي ڳولي لڌو ويو.مڙس ۽ زال جي گهريلو تڪرار سبب معصوم ٻارڙين جي گمشدگي واري معاملي جو ايس ايس پي خيرپور سخت نوٽيس ورتو هو.سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار خيرپور پوليس جي مؤثر حڪمت عملي ۽ لڳاتار ڪوشش کي ساراهيندي گم ٿيل ٻارڙين کي ڳولي عدالت ۾ پيش ڪرڻ تي شاباشي جو پيغام ڏنو هن چيو ته اهڙن حساس خانداني معاملن ۾ پوليس غيرجانبداري ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪري پنهنجي ذميواري نڀائڻ جو بهترين مثال قائم ڪيو آهي.هوڏانهن آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ خيرپور پوليس کي شاباشي جو پيغام ڏنو ياد رهي ته سال 2025ع ۾ مسمات تهمينه ميمڻ پنهنجي مڙس انور علي مگسي کان طلاق ڪانپوءِ پنهنجي ٻن نياڻين زينب ۽ فائزه جي گمشدگي بابت ڪيس داخل ڪرايو هو.آءِ جي سنڌ خيرپور پوليس ۽ ايس ايس پي خيرپور جي ڪامياب ڪارروائي کي ساراهيندي ٻنهي ٻارڙين کي محفوظ بازياب ڪرائڻ تي مبارڪباد ۽ شاباشي جو پيغام ڏنو

بقايا 7 "روزاني عبرت"

موجب، نوجوان نياز سومرو مبينا طور مسمات عجب سومرو جو گلو دٻائي ڪيس قتل ڪيو واقعي کان پوءِ جوابدار هڪ وڻ ۾ ڦاهو ڏئي پنهنجي زندگي جو به خاتمو ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي ٻنهي جا لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيا. پوليس واقعي واري هنڌ تان شاهد گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي هوڏانهن، افسوسناڪ واقعي ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ سوڳ واري فضا ڇانيل آهي جڏهن ته واقعي جي اصل سببن بابت پوليس مختلف رخن کان جاچ جاري رکيو ويٺي آهي

بقايا 8 "روزاني عبرت"

ملازمن کي ٽن سالن کان پگهار ادا نه ڪئي وئي.هنن چيو ته سوين ڊي اي سي ۾ نالا هئڻ باوجود جوائنگ نه ڪرائي وڏي زيادتي ڪئي پئي وڃي.هنن مطالبو ڪيو ته حيدرآباد جي سمورن کاتن ۾ مقرر ٿيل هڪ کان 4 گريڊ جي ملازمن پگهار ۽ جوائنگ ڏياري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 9 "روزاني عبرت"

زخمي ٿي پئي جنهن کي ٽنڊوالهيار بعد حيدرآباد اسپتال ڪٺائي وياسين باهه سبب سندس 70 سيڪڙو جسم سڙي ويو ۽ اڄ هو فوت ٿي وئي آهي هن چيو ته ڀيڻ جو مڙس نشي جو عادي هو ٻهرين به ڀيڻ مٿان سخت تشدد ڪندو رهندو هو ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ اسان کي خبر پئي ته ڀيڻ جي مڙس معمولي ڳالهه تي مڙس جي جهيڙي دوران ڀيڻ کي سخت تشدد ڪري مٿس پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي آهي هن چيو ڀيڻ کي سندس مڙس قتل ڪيو آهي، ٻئي پاسي بڪيرا شريف ٿاڻي تي فوتي عورت جي مڙس مٿان ڪيس داخل ڪري پوليس کين گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 10 "روزاني عبرت"

موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا واقعي جي اين سي بي سيڪشن تي داخل ڪرائي وئي آهي ٽنڊوآدم شهر ۾ وڌندڙ ڏوهي ڪاروائين سبب ماڻهن ۾ سخت خوف هراس ڇانيل آهي ماڻهو عدم تحفظ جو شڪار آهن پوليس ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي

بقايا 11 "روزاني عبرت"

لاءِ وڏو خطرو آهي هن چيو ته مذڪوره واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف ترت قانوني ڪارروائي ڪري کين گرفتار نه ڪيو ويو ته اهڙن واقعن سان شهرين ۽ واپارين ۾ خوف ۽ بيچيني وڌي ويندي هن چيو ته زخمي نوجوان شير علي کي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو آهي، جتي سندس علاج جاري آهي حاجي انيس اختر ميمڻ ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو ته هن واقعي جو فوري نوٽيس وٺي هن واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي بنا دير جي گرفتار ڪري قانون موجب سخت کان سخت سزائون ڏنيون وڃن ته جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي ۽ مستقبل ۾ ڪو به اهڙي قسم جي دهشتگردي ۽ قانون کي هٿ ۾ کڻڻ جي جرئت نه ڪري سگهي هن چيو ته ڊسٽرڪٽ تاجر اتحاد ٺٽو متاثر خاندان سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميه ۽ پوليس کان مطالبو ڪري ٿو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن کي جلد از جلد ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 12 "روزاني عبرت"

رفتار ٽرالر عورت جي مٿان چڙهي ويو ۽ شديد زخمي ٿي پئي جنهن کي شهرين فوري طور تي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور ٽرالر سميت موقعي تان فرار ٿي ويو جڏهن زخمي عورت جي سڃاڻپ 18 سالا نوجوان مرڪ اڃڻ نالي سان ٿي آهي جيڪا گمبٽ لڳ لڙي اڃڻ جي رهواسي ٻڌائي وڃي ٿي.

بقايا 13 "روزاني عبرت"

ريلي ۽ ڌرڻو ڏنو ويو ايس يو پي ضلع دادو جي صدر سڪندر علي سوڍر جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي ۾ عبدالمجيد سوڍر اڪبر سوڍر آبادگار سرور سوڍر امجد ٿيبو سميت سوين ڪارڪنن، آبادگارن ۽ شهرين شرڪت ڪئي مظاهرين ايس يو پي آفيس ٻاءِ پاس کان جهنڊا ۽ بينر کڻي پيادل مارچ شروع ڪيو جيڪو لڳ ڀڳ ٽي ڪلوميٽر تائين جاري رهيو احتجاج دوران شرڪت ڪندڙن علامتي طور گڏهه ۽ گهوڙي تي نااهل ايريگيشن انجنيئرن جا نالا لکي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ريلي دوران سخت نعريبازي ڪئي وئي جڏهن ته مظاهرين ڪجهه وقت لاءِ انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب ٽريفڪ جي آمدرفت متاثر ٿي ان موقعي تي احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي ايس يو پي اڳواڻن چيو ته رائيس ڪئنال ۾ پاڻي نه هجڻ سبب پڇڙي وارن علائقن جا آبادگار سخت پريشان آهن ۽ سندن هزارين ايڪڙ زرعي زمينون بنجر ٿيڻ جو خطرو آهي هنن الزام هنيو ته ايريگيشن کاتي جي نااهلي ۽ حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب آبادگارن کي سندن جائز پاڻي کان محروم ڪيو پيو وڃي. اڳواڻن چيو ته سنڌ جي زراعت جو دارومدار سنڌو درياهه تي آهي تنهن ڪري سنڌو درياهه تي نوان ڪئنال يا ڊيم ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيا ويندا. هنن اعلان ڪيو ته جيڪڏهن رائيس ڪئنال ۾ فوري طور پاڻي نه ڇڏيو ويو ۽ سنڌو درياهه تي نون منصوبن تان هٿ نه کنيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته رائيس ڪئنال ۾ بنا دير پاڻي فراهم ڪري آبادگارن کي فصلن جي پوک لاءِ سهولت فراهم ڪئي وڃي، جڏهن ته سنڌ جي پاڻيءَ جي حقن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا 14 "روزاني عبرت"

جو فيصلو يوسي سمي جي اڳوڻي چيئرمين سرائي لياقت علي خان سيال ۽ سردار شاهنواز خان ڪلهوڙو يوسي عبدالڪريم ڪرل جو چيئرمين علي گل عباسي جي ڊپٽي جي اڳواڻي ۾ فقير علي ڏنو خان منگي جي اڳواڻي ۾ ٿي گڏرين جنهن ۾ ڪلهوڙا برادري جو چڪو مڙس نصير محمد ڪلهوڙو وڏيرو غلام اڪبر ڪلهوڙو محمد مٺل ڪلهوڙو محمد هاشم ڪلهوڙو سرائي لعل بخش خان سيال فقير بشير خان منگي فدا عباسي شعبان علي لڪ خير محمد لڪ غلام رسول سيال نجيب علي ڪلهوڙو فيض محمد ڪلهوڙو غلام عمر ڪلهوڙو سميت ٻنهي ڌرين جي ٻين ڪيترن ئي ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي فيصلي جي سرپنچ سرائي لياقت علي خان سيال ۽ سردار شاهنواز خان ڪلهوڙو ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ علائقي جي معزز شخصيت فقير علي ڏنو خان منگي فيصلي جي فتوا ٻڌائيندي چيو ته سيال برادري تي جهيڙي جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 3 لک رپيا ڏنڊ ۽ ميڙ ڪري تڏو ۾ بخش بخشرائيدا، چڳي جي خلاف ميڊيا ٽرائل ڪرڻ تي سردار شاهنواز خان ڪلهوڙو کان به معافي وٺندا ۽ بلاٽ تي نڪتل ديوار لاءِ ڪيل چري ساڳي جاءِ تي برقرار رهندي ۽ فيصلي جي عمل نه ڪندڙ ڌر مٿان 10 لک رپيا ڏنڊ رکيو ويو آهي.

اهڙي فتوا ٻڌائڻ کان پوءِ ٻنهي ڌرين کي ڀاڪر پارائي سندن کي کير کنڊ ڪري ۽ خير جي دعا گهري وئي.

بقايا 15 "روزاني عبرت"

اڳواڻ امير آزاد پنهور ڪئي ريلي احمد راڄو روڊ کان شروع ٿي احمد راڄو روڊ تي پهتي، جتي ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي عوام سنڌو درياهه جي پاڻي تي ڪنهن به قسم جي ڌاڙي، نون ڪينالن يا ڊيمن جي تعمير کي هرگز قبول نه ڪندي هنن چيو ته ماضي ۾ به اهڙن منصوبن خلاف ڀرپور عوامي تحريڪون هلايون ويون آهن ۽ جيڪڏهن متنازع منصوبن خاص طور تي جلالپور ڪينال جي تعمير کي فوري طور نه روڪيو ويو ته سڄي سنڌ ۾ ٻيهر ڀرپور عوامي تحريڪ هلائي ويندي مقررن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي پاڻي تي ٿيندڙ ڪنهن به مبينا زيادتي کي روڪيو وڃي ۽ سنڌ جي آئيني ۽ قانوني پاڻي جي حقن جو مڪمل تحفظ يقيني بڻايو وڃي

بقايا 16 "روزاني عبرت"

اڳواڻي مسمات حاڪم زادي سولنگي راشد علي سولنگي، عاشق علي سولنگي، وقار علي سولنگي، مجاهد علي سولنگي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندن نوجوان شاهد علي سولنگي گذريل ڏينهن ڊي ايس پي نوشهرو فيروز وٽ هڪ انڪوائري جي سلسلي ۾ آيو هو جتان واپسي بعد هو گهر نه پهتو ۽ ان کان پوءِ لاپتا آهي هنن چيو ته کين شڪ آهي ته ڌاروشاهه جي رهواسين ممتاز علي سولنگي، علي خان سولنگي، خالد سولنگي، گل بهار سولنگي، خدابخش خادم سولنگي ۽ قدير سولنگي سندن نوجوان کي اغوا ڪيو آهي. هنن ٻڌايو ته واقعي بابت لاڳاپيل ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس ڄاڻايل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪا به ڪارروائي نٿي ڪري. هنن ايس ايس پي نوشهرو فيروز مير روحل کوسو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري شاهد علي سولنگي کي بازياب ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 17 "روزاني عبرت"

معصوم ٻارڙن سميت احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڳوٺ محراب لاڪير سان واسطو رکندڙ ٻااثر ڌر جن ۾ نواب پيرزادو ممتاز پيرزادو ۽ ٻيا شامل آهن کين بي گهر ڪرڻ ۽ ڳوٺ خالي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن احتجاج دوران ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ٻااثر ڌر مبينا طور روينيو پوليس عملدارن کي خريد ڪري ڪوڙا ڪاغذ تيار ڪرائي عدالت مان ڳوٺ ڊاهڻ جو فيصلو حاصل ڪيو آهي جيڪو سراسر ناانصافي آهي جنهن کان پوءِ هي ڪورٽ سڳوري ۾ ان فيصلي خلاف ۽ اسٽي لاءِ اپيل ۾ به ويا آهن جنهن جي تاريخ 17 آگسٽ جي رکيل آهي مگر پوءِ به ٻااثر ڳوٺ ٻهرين آگسٽ تي ڳوٺ ڊاهڻ لاءِ پوليس ۽ روينيو کي رشوت جي آڇ ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته ڳوٺ گل کوسو انگريزن جي دور کان چڪ تي چڙهيل آهي ۽ هتي جا رهواسي ووٽر لسٽن ۾ به شامل آهن جڏهن ته سندن قومي سڃاڻپ ڪارڊ پڻ ڳوٺ جي نالي سان جاري ٿيل آهن تنهن ڪري ڳوٺ کي غيرقانوني قرار ڏيڻ سمجهه کان بالاتر آهي آخر ۾ هنن ايس ايس پي دادو ڊي آءِ جي حيدرآباد، آءِ جي سنڌ، سيشن جج دادو ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ٻااثر ڌر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري سندن تاريخي ڳوٺ کي بچايو وڃي.

بقايا 18 "روزاني عبرت"

مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين پاران هٿن ۾ مطالبن جي مجتنا وارا پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته سنڌوءَ درياءَ مان جلال پور ڪنال ۾ پاڻي ڇوڙ ڪري سنڌ کي سڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جڏهن ته هن وقت سنڌ جي شاخن جي پوڇڙين ۾ پاڻي جي ڪوٽ خلاف سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪيا پيا وڃن سنڌ جي زراعت کي وڏو نقصان پهچي رهيو آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته سنڌوءَ درياءَ جي پاڻي تي پهرين حق سنڌ جي ماڻهن جو آهي جنهن ڪري سنڌ جو هر فرد سنڌوءَ جي پاڻي تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندو

بقايا 19 "روزاني عبرت"

ڏاهري سائل لاڪوريجي پٽي عبدالغفور راجپوت محسن راهوشهاب زرداري، سڪندر علي چانڊيوجي[illegible] آئي رهنماءِ ملڪ خالد محمود جوڻي مسلم لگ ن تعلقه صدر علي خان جتوئي نائب صدر عبدالله سهتو [illegible] رهنماءِ نوراڻين قانون ايڊووڪيٽ اعجاز علي چانڊيو نيشنل پريس ڪلب دلپور صدر رياض ملاح صحافي عبدالشڪور چانڊيو صحافي عبدالله چانڊيو صحافي شعيب چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ تعلقي پريس ڪلب کان پوليس اسٽيشن تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته پٽ شاهه پوليس صحافي غلام حيدر انڙ جي گهر تي بناجواز چڙهائي ڪري گهرواتين تي تشدد ڀڃ ڊاهه ڪري گهر مان ڦرلٽ ڪرڻ ۽ مٿس پٽ شاهه پوليس ٿاڻي تي قتل جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڪيس قتل ۾ ڦاسايو پيو وڃي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا هنن آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ماسري جي شفاف انڪوائري جانچ ڪرائي وڃي ۽ صحافي مٿان داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري سائنس انصاف ڪيو وڃي

بقايا 20 "روزاني عبرت"

تائين لڳايل احتجاجي ڪيمپ کان جناح باغ چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو جتي هنن ڌرڻي کي ڪارين پٽين سان ڍڪي روڊ بلاڪ ڪيو ۽ هٿن ۾ بينر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ويٽنگ اميدوارن صدام سانداڻو فريد عباسي جميل پٺو اسلم خشڪ مريم عباسي فائزه سومرو مسرت ڪلهوڙو تسمينا گاد ۽ ٻين چيو ته اسان ميرٽ تي ٽيسٽ پاس ڪرڻ باوجود ڏکيي عرصي کان نوڪرين جا آرڊر ملڻ جا منتظر آهيون ڌاڙو سنڌ اسيمبلي طرفان 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جي مسئلي جي حل لاءِ اسپيشل ڪميٽي جوڙي وئي آهي جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سنڌ پاران اسپيشل ڪميٽي جي ميمبرن کي اپيل ڪئي وئي ته هو هن اهم مسئلي جو جلد کان جلد سنجيدگي سان جائزو وٺي 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي سيني ويٽنگ اميدوارن جي مسئلي جو مستقل منصفاڻو ۽ قابل قبول حل ڪڍڻ هنن چيو ته اسان جي پرامن جدوجهد ڪنهن ذاتي مفاد لاءِ نه پر ميرٽ انصاف ۽ روزگار جي بنيادي حق لاءِ آهي سنڌ حڪومت خاص طور تي چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر کي اپيل آهي ته 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جي جائز مطالبن تي سنجيدگي سان غور ڪري خالي جڳهن جي بنياد تي سمورن اهل ۽ ميرٽ تي پورا لهندڙ ويٽنگ اميدوارن کي نوڪريون فراهم ڪيون وڃن تعليم کاتو 97 هزار کان وڌيڪ استاد ڀرتي ڪيا آهن جنهن ۾ 24 کان 25 هزار فيميل اميدوار 32 کان 33 مارڪن وارن کي نوڪريون ڏنيون ويون جنهن جو تعلق وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ تعليم جي وزير سردار شاهه جي علائقن سان هو باقي اسان لاڙڪاڻي وارا ميرٽ پاس 40 پلس اميدوارن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو اسان بلاول ڀٽو جي ٽڪ جا آهيون شهيدن جي شهر جا آهيون پ پ پ جا ووٽر سپورٽر پڻ آهيون پر به اسان سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڇو ڪيو پيو هنن مطالبو ڪيو ته ڪاڻيم پيرڊ ۾ واڌ ڪري رهيل سمورن 40 پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي، موجوده پاليسي ۾ ترميم ڪري اميدوارن کي تعلقي بدران ضلعي، ڊويزن يا صوبائي سطح تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي جيڪڏهن حڪومت سنڌ ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان جلد ڪو مثبت ۽ عملي فيصلو نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ايندڙ مرحلي ۾ نئون ديرو هائوس شهيدن جي مزار ۽ انڊس هاءِ وي تي پرامن احتجاجي ڌرڻا هنيا ويندا. جڏهن ته 2 آگسٽ تي سنڌ جي سمورن پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن پاران بلاول هائوس اڳيان پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 21 "روزاني عبرت"

پريل مسمات غلام صغره زال عبدالخالق سيرپو مسمات سحر خاتون زال وزير علي سيرپو پاران پريس ڪلب ڪڪڙ پهچي ٻااثر تي مبينا گهر تي قبضو ڪري عورتن مردن تي سخت تشدد ڪرڻ واري واقعي خلاف احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ وزير سيرپو جو چوڻ هيو ته مان پنهنجي سهري عبدالخالق سيرپو جيڪو پورهيت آهي ان کان 6 لک رقم عيوض گهر خريد ڪيو آهي جنهن تي مخالف ڌر جو ٻااثر غلام نبي سيرپو سخت ناراض ٿيڻ ڪانپوءِ ڏمرجي پيو آهي جڏهن ته ٻااثر غلام نبي پٽ عبدالنبي ، اسد علي ، سجاد ، اشفاق الهڏنو ۽ ٻين سائين سان گڏ خريد ڪيل گهر تي حملو ڪري گهر تي زبردستي قبضو ڪيو آهي. ۽ اسان گهر ڏٿين کي نيڪالي ڏئي گهر کي تالا هڻي هٿيارٻند وهاري ڇڏيا آهن جڏهن ته مون سميت عورتن تي سخت تشدد ڪري هوائي فائرنگ ڪئي ان دوران اسان ڏانهون ڪوڪون گهٽيون ڪيوسين پر قبضي خور ٻااثر هٿ ڪري اسان جي ڪير به مدد ڪرڻ لاءِ نه آيو هنن چيو ته خريد ڪيل گهر تي قبضو ڪرڻ زيادتي آهي جڏهن ته ٻااثر ڳوٺ مان لڏو ڪئي وڃڻ سميت سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي دادو ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي گهر تان قبضو ختم ڪرائي قبضي خورن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 22 "روزاني عبرت"

مين روڊ بند ڪري ڇڏيو احتجاج ڪندڙن ڪيسانا موري وٽ حيدرآباد - ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند ڪري ڇڏيو جڏهن ته روڊ تي ڪاٺيون ڪي باهيون ڏئي پوليس خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته علائقي ۾ منشيات فروش کلي عام گهمي رهيا آهن جڏهن ته پوليس مبينا طور انهن کان منٿليون وٺي خاموش تماشائي بڻيل آهي هنن چيو ته پوليس اصل منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران غريب ڪيبن هلائيندڙن کي گرفتار ڪري رڳو خانابوري ڪري رهي آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته جيستائين اسان جي بيگناهه نوجوان کي آزاد نه ڪيو ويندو تيستائين ڌرڻو جاري رهندو ٽن ڪلاڪن تائين لڳل ڌرڻي سبب ٻنهي طرفن کان سوين گاڏيون بيهجي ويون ۽ مسافر سخت گرمي ۾ پريشاني جو شڪار رهيا. بعد ۾ پوليس گرفتار ڪيل نوجوان محمد خاصخيلي کي آزاد ڪري احتجاج ختم ڪرايو جنهن کان پوءِ حيدرآباد - ميرپورخاص روڊ تي ٽريفڪ جي روانگي بحال ٿي وئي.

بقايا 23 "روزاني عبرت"

تي پهچي چوري واردات جي رپورٽ داخل ڪرائي ڇڏي آهي ان موقعي تي ڳوٺ پريل قمبراڻي واسي منظور قمبراڻي ٻڌايو ته مان زميندار آهيان فصل جي پوکائي لاءِ رقم رکيل هئي گذريل رات دير سان 3 کان وڌيڪ نامعلوم چورن منهنجي گهر کي ڪاٽ هڻي گهر اندر داخل ٿي ڀڃ ڊاهه ڪري پيٽين جا تالا ٽوڙي انهن ۾ پيل 12 لک روڪ رقم ، 4 لک رپين جا سونا زيور ۽ ٻيو لکين ماليت جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته چوري جي رپورٽ درج ٿيڻ ڪانپوءِ به پوليس اڃا تائين ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي جڏهن ته پوليس جو چوڻ آهي ته وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون متاثر زميندار چيو ته جوابدارن لکين رپين جي چوري ڪري مون سان وڏي زيادتي ۽ ظلم ڪيو آهي هن مطالبو ڪيو ته جوابدار جلد گرفتار ڪري چوري ٿيل روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي مون کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 24 "روزاني عبرت"

مختلف دڪاندارن کان مرغي جا پئسا وٺي واپس اچي رهيا هئا سين ته شهر جي پرسان مين روڊ تي ماڻهن جي موجودگي ۾ هٿيارٻند ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته سنڌ تي گل شاهه پوليس پڪٽ پڻ موجود آهي هنن چيو ته روزانو جي بنياد تي ماڻهن کان موٽر سائيڪلون ۽ روڪ رقم ڦر پيا ٿين پر ان جي باوجود پيرجوڳوٺ پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي ۽ امن قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي جنهن ڪري علائقي واسي پاڻ کي غير محفوظ پيا سمجهن هنن مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ڦر ٿيل روڪ رقم واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 25 "روزاني عبرت"

جاٽرو وٺي ڳوٺاڻن سان همدردي جو اظهار ڪندي سردار زبير سولنگي چيو ته پوليس انسانيت جون سمورين حدون پار ڪري يزيديت جو ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو ته ڳوٺ عارب سولنگي جا رهواسي اڪيلا ناهن جو پوليس کين پنهنجي ٺي گهرن ۾ ڪچلڻ جي ڪوشش ڪري سندن گهر ڊاهي پٽ ڪري کين وڏو نقصان پهچايو آهي جنهن عمل جي جيتري به مذمت ڪجي اها گهٽ آهي سردار زبير سولنگي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري، صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي، پ پ پ ضلعي ٺٽي جي صدر ايم اين اي صادق علي ميمڻ سميت پ پ پ ٺٽي جي قيادت جو ٿورو مڃيندي چيو ته انهن اسانجي متاثر ماڻهن جي پوئيواري ڪئي آهي اسان سندن ٿورائتا آهيون پر اصل جيڪي ذميوار آهن جن اسانجي نياڻين جي تذليل ڪري انهن مٿان هٿ ٺوڪيا ڪيس داخل ڪري انهن جا اجهنا به ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن جيڪي هن سخت گرمي ۽ برسات جي موسم ۾ کلي آسمان هيٺ بي يارو مددگار بڻيل آهن جن جي مجرم پوليس خلاف اجان تائين ڪابه ڪارروائي ناهي سگهي جن هنڌان جي ڳوٺاڻن جي گهرن مان سمورو سامان هنڌ بسترا چوپايو مال ڪڪڙيون به ڪٺي ويا اهن جيڪا وڏي ناانصافي آهي هن چيو ته هن متاثر ڳوٺ ۾ جماعت اسلامي ٺٽو پاران پڻ ٽينٽ سٽي قائم ڪئي وئي آهي جتي متاثرين کي رهائش سميت کاڌو خوراڪ به ڏني پئي وڃي هن سنڌ حڪومت کان گهر ڪئي ته فورن ڳوٺ عارب سولنگي جي رهواسين جي گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري بي گهر ڪري نقصان پهچائيندڙ پوليس عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري ڳوٺاڻن کي پهچل نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي، کين پوليس گردي مان نجات ڏياري وڃي. جيئن متاثرين کي انصاف ملي سگهي ان موقعي تي عرفان سولنگي محمد حسن سولنگي عبدالله آدم گندرو صحافي حاجن سولنگي، نور محمد سولنگي سبحان سولنگي، محمد خان ملاح مير علي سولنگي، وڏيرو محمد علي سولنگي محمد ايوب ملاح، شيخ راڄوٽي اتحاد ضلعي ٺٽي جا اڳواڻ معراج شيخ تاجر شهير اڪرم شيخ عبدالرئوف شيخ بينڪر مهتاب ممتاز شيخ شيراز علي شيخ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا، ان کان اڳ سولنگي برادري جي سردار زبير سولنگي جو سولنگي برادري طرفان سونڊا علي بحر ۽ ٺٽي ۾ استقبال ڪري کيس لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا ڏنا ڪيا ويا.

بقايا 26 "روزاني عبرت"

فوري طور ڪٽايون وڃن ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر هدايت ڪئي آهي ته سڄي ضلعي ۾ ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف ڪارروائي کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي، ضبط ڪيل ڪڻڪ جون سيٽون هوريون فوري طور ڪٽايون وڃن ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا دير هرگز برداشت نه ڪئي ويندي هن اهي هدايتون پنهنجي آفيس ۾ خوراڪ کاتي جي آفيسرن سان ٿيل اجلاس جي صدارت ڪندي جاري ڪيون اجلاس ۾ ضلعي اندر ڪڻڪ جي نگراني، ضبط ڪيل ڪڻڪ جي منتقلي ذخيره اندوزي جي روڪٿام ۽ خوراڪ کاتي جي مجموعي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر خوراڪ کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته فيلڊ ۾ لاڳاپيل سموري عملي جي موجودگي هر حال ۾ يقيني بڻائي وڃي جيئن ڪڻڪ جي غيرقانوني ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافعي خوري خلاف اثرائتي ۽ بروقت ڪارروايون يقيني بڻائي سگهجن هن وڌيڪ چيو ته سڀني لاڳاپيل کاتا پاڻ ۾ رابطي ۽ مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪن جيئن حڪومت جي پاليسي موجب ڪڻڪ جي نگراني جو نظام وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهجي هن زور ڀريو ته ضبط ڪيل ڪڻڪ جون سيٽون هوريون بنا دير مقرر ڪيل هنڌن تي منتقل ڪيون وڃن ۽ ان عمل ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪئي وڃي ڊپٽي ڪمشنر خوراڪ کاتي جي آفيسرن ۽ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي سخت هدايتون جاري ڪندي چيو ته ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف ٿيندڙ ڪارروائين جي مؤثر نگراني ڪئي وڃي روزاني بنياد تي ڪارروائين جي اڳڀرائي بابت رپورٽ جمع ڪرائي وڃي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ عنصرن خلاف بنا امتياز قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي اجلاس ۾ خوراڪ کاتي جي آفيسرن جاري لائحه عمل بابت بريفنگ ڏني اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ خوراڪ کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 27 "روزاني عبرت"

ميرس جي رابطا سيڪريٽري ظهير لاڙڪ گمبٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته هڪ آزاد صحافي مظلوم جو بهتر آواز بڻجي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته سچي ۽ باضمير صحافت قومن کي سجاڳ ڪري سگهي ٿي صحافت کي سماج جو آئينو چيو ويندو آهي پر جڏهن صحافي پنهنجو اصل ڪم يعني فرض وساري اقتداري ڌر جي درٻي جهڪي ٿو ته پوءِ سچ وارو منڊل خراب ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ مظلوم جو آواز دٻجي ويندو آهي ۽ سندس آواز جيڪو صحافي جي قلم ۽ زبان سان اجاگر ٿيندو هو اهو الائي ڪٿي گم ٿي ويندو آهي هن وڌيڪ چيو ته صحافت جو اصل مقصد سچائي کي سامهون نروار ڪرڻ آهي ۽ عوام جي اهنجن ضرورتن حقن ۽ بنيادي ضرورتن کي حڪمرانن جي سامهون آڻڻ آهي ۽ رياست جي ذميواري جو احتساب ۽ خبر لهڻ آهي ۽ قلم جو فرض حڪمرانن جي چاپلوسي ڪرڻ نه هرگز نه آهي پر حق سچ لکڻ ۽ سچ ۽ مظلوم جو ساٿ ڏيڻ آهي قلم جي عزت اقتدار ڌرين جي چاپلوسي سان نه پر سچ لکڻ سان آهي جڏهن صحافي ذاتي مفاد لاءِ وڏن ماڻهن اقتداري ڌرين جي دري جا نوڪر بڻجي ويندا آهن ته پوءِ اهي مظلوم جي آواز کي دٻائي ويهندا آهن ان صورت ۾ انصاف جو ملڻ مشڪل ٿي ويندو آهي ۽ عام ماڻهن جي مدد نه ٿي سگهندي آهي ۽ ضمير فروش قلمڪار صحافي قلم کي وڪڻي عارضي فائدا ته وٺي سگهن ٿا پر چاپلوسي ۽ ضمير فروش جو انجام همش بدنامي هوندو آهي ڇاڪاڻ ته تاريخ ڪنهن کي به معاف نه ڪندي آهي ان لاءِ قلم جي حرمت کي سمجهيو وڃي ۽ طاقتور ڌرين کي سچ چوڻ جي همت پيدا ڪئي وڃي جنهن ذريعي ئي صحافت زنده رهي سگهي ٿي جيڪا خوف ۽ لالچ کان آزاد هجي .

بقايا 28 "روزاني عبرت"

چيو آهي ته ريجنل يونين آف جرنلسٽ جو بنيادي مقصد صحافين ۽ سندن خاندانن جي تحفظ صحافين سان ٿيندڙ ناانصافين جي خاتمي ۽ شهيد ٿيل توڙي بيمار صحافين کي رليف ڏيارڻ سميت سنڌ جي ٻهراڙين وارن علائقن جي پريس ڪلبن جي سهائتا ڪرائڻ ۾ لاءِ جدوجهد ڪرڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان ڳالهين نه پر عملي خدمت ۽ جدو جهد تي يقين رکندڙ آهي ۽ ماشاءالله ٿوري وقت ۾ يونين جون تقريبن سمورن علائقن ۾ تنظيمي باڊيون مڪمل ڪيون ويون آهن هن گهر ڪئي ته سنڌ جي اندر صحافين خلاف انتقامي ڪارروائن کي بنجو ڏنو وڃي ۽ صحافين جي تحفظ لاءِ ڀرپور قدم کنيا وڃن جڏهن ته سمورن صحافين کي ايڪريڊيشن ڪارڊ هيلٿ ڪارڊ جاري ڪري گهربل سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا 29 "روزاني عبرت"

لاقانونيت سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سنڌ تي متحد ۽ مضبوط سنڌ جي عنوان سان 48 هين ڏينهن به سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مظاهرا ۽ ريليون ڪڍيون ويون ان سلسلي ۾ حيدرآباد جي تعلقي لطيف آباد جي علائقي ڳوٺ الله بخش سولنگي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي قومي عوامي تحريڪ ضلعي حيدرآباد جي صدر نظير احمد [illegible]بابو ميمڻ،خير محمد چانڊيو،بابو سولنگي، سرور ملاح، جمن سولنگي، شمن چانڊيو،راجا چانڊيو محمد طاهر علي گهانگهرو،امام بخش سولنگي علڻ سولنگي خدا ڏنو سولنگي ۽ ٻين اڳواڻي ڪئي.سکر ۾ قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن ايڊووڪيٽ ظفر علي چنا، ايڊووڪيٽ زاهد پنهور،سڪندر لاشاري، ڊاڪٽر وزير گهنيس سيد واجد بخاري، امداد سومرو، سيد عنايت شاهه ۽ رضوان هادي ڀٽي،انور مهس عدنان سميع پٺو محمد عمير ڪاڪيپوٽو محمد عامر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايوب گيٽ سکر کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ميرواهه گورچاڻي شهر ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ڪرڻ رٻاري، ڪامريڊ رازوسل ڪولهي حسين خاصخيلي نواب بنگلاڻي، خادم حسين لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽالپور مارڪيٽ کان مين بس اسٽاپ تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ٽنڊو آدم ۾ قومي عوامي تحريڪ ضلعي سانگهڙ جي صدر زبيراحمد ماڪوڙائي محمود رخشائي، ايڊووڪيٽ صدام ڪوسو،امجد اسلام ماڪوڙائي اسامه ماڪوڙائي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ محمدي چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي لکي غلام شاهه ۾ نهال خان پنهور، شاهنواز ابڙو خير محمد ناپهر ڊاڪٽر اسماعيل شيخ عامر ٻابلاڻي، رفيق احمد ڪمبوهه، آڪاش ڪمبوهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڪڙيو گهنور ۾ قومي عوامي تحريڪ ضلعي بدين جو صدر گيانچند مهيشوري، امام علي شاهه شاهنواز ڪنڀر،حسين مهيري، عابد علي چانڊيو، اسماعيل مهيري سنڌياڻي تحريڪ اڳواڻ فائزا ٽالپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نظاماڻي پمپ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو. جڏهن ته حيدرآباد ۾ 31 جولاءِ تي سنڌياڻي تحريڪ پاران حيدرآباد سٽي گيٽ کان پريس ڪلب حيدرآباد تائين متحد ۽ مضبوط سنڌ پيادل مارچ ڪيو ويندو مارچ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سنڌياڻي تحريڪ (QAT)جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري نصرت خاصخيلي، ايس جي ايس ٽي جي اڳواڻ رخسانا ڀهلڪاڻي، بختاور ڀهلڪاڻي هنڙي پريسان ڳوٺ صالح باگهل ڳوٺ گيلو نوناري ۽ ڳوٺ محمد بخش ٻهرام جو دورو ڪيو ۽ مارچ شرڪت جي دعوت ڏني ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ قومي حقن جي تحفظ لاءِ سنڌي عوام ۾ شعور بيدار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ۽ متحد ۽ مضبوط سنڌ آگاهي مهم جو مقصد سنڌ جي ماڻهن کي درپيش مسئلن سنڌ دشمن منصوبن ۽ قومي حقن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ آهي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ آهي ان دوران پنجاب وري تڪراري جلالپور ڪينال سميت ڊاڙيل ڪينال چشما جهلم لنڪ ڪئنال تونسا پنجند لنڪ ڪئنال کولي ڇڏيا آهن ارسا پاڻي چوري ۾ سهولت ڪار بڻيل آهي سنڌ حڪومت خاموش تماشائي بڻجي وئي آهي ارسا ۾ سنڌ جو نمائندو ڳالهائڻ بدران گم آهي پنجاب سدائين ڏاڍ مڙسي ذريعي سنڌ جو پاڻي چورائيندو رهيو آهي سنڌ جي زراعت کي آبادگارن ۽ هارين کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي اڳواڻن چيو ته پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت سنڌ لاءِ خطرو بڻجي ويا آهن سنڌ ۾ نياڻيون قتل ٿي رهيون آهن اغوا ڪري زبردستي انهن جو مذهب تبديل ڪيو پيو وڃي پريا ڪماري، فضيلا سرڪي اجالا سولنگي سميت ڪيترين اغوا ٿيل نياڻين بار بازياب نٿا ڪرايا وڃن سنڌ ۾ جمهوريت ناهي پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت آمريت قائم ڪري ڇڏي آهي 28هين آئيني ترميم ذريعي سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي ملڪ دشمن سازش ڪئي پئي وڃي 28هين آئيني ترميم جي نالي ۾ سنڌ جي وحدت تي حملو ٿيو ته حڪمران هلي نه سگهندا. اڳواڻن چيو ته پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت 18 سالن کان مٽي حڪمراني سنڌ کي ترقي ڏيڻ بجاءِ سنڌ کي تباهي جي ڪناري تي بيهاري ڇڏيو آهي پيپلز پارٽي ڪوڙي جمهوريت جي دعويدار آهي هنن سنڌ ۾ بادشاهت قائم ڪري ڇڏي آهي پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته سنڌ ۾ قبيلائي رتوڇاڻ هجي ڌوڪارين جو راڄ هجي لاقانونيت هجي جهالت هجي، سنڌي ماڻهو سرداري ۽ جاگيرداري نظام ۾ يرغمال هجن دهشت واري ماحول ۾ ماڻهو خاموش ۽ قيد هجن سنڌ جون حالتون خراب آهن پيپلز پارٽي اقتداري مفادن خاطر سنڌ جي بقا داءُ تي لڳائي ڇڏي آهي سنڌ حڪومت آمريت جي حڪومتن جو تسلسل ثابت ٿي آهي

بقايا 30 "روزاني عبرت"

ڪندو ۽ جلالپور ڪئنال سميت سنڌو درياءَ مان سمورا ڪئنال سنڌ جي پاڻيءَ زراعت ۽ مستقبل لاءِ انتهائي نقصانڪار ثابت ٿيندا هنن چيو ته سنڌ اڳ ئي پاڻيءَ جي شديد ڪوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي جڏهن ته اڄ به سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين پاڻيءَ جي ڪوٽ سبب بنجر بڻجي ويئي آهي اهڙي صورتحال ۾ سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال ڪڍڻ جون رٿائون سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ ماحوليات لاءِ تباهيءَ جو سبب بڻجي سگهن هنن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ جا وسيلا ۽ پاڻي وفاقي حڪومت سان گڏجي وڪرو ڪرڻ ۾ برابر جي شريڪ آهي هڪ طرف پ پ قيادت "مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون" جا نعرا هڻي سنڌي عوام کي گمراهه ڪري رهي آهي اسان سنڌ جي عوام سان گڏ آهيون.

بقايا 31 "روزاني عبرت"

زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته جوابدار فرار ٿي ويو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٽينگر کي فوري طور تي اسپتال ڪٺائي آندو جتي گنڀير جوڳي حالت ۾ سکر ڪٺائي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ٽينگر جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو وارثن ٽينگر جو لاش انڊس هاءِ وي ٽول پلازه وٽ بندڪري ڇڏيو ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن سبب سنڌ پنجاب سرحد بلوچستان ڏانهن ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهجي ويون مسافر سخت پريشان رهيا هڪ ڪلاڪ تائين روڊ بند رهيو ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ خاطري ڪرائڻ بعد روڊ کوليو ويو بيٺل گاڏيون پنهنجي منزل ڏانهن روانيون ٿي ويون جڏهن ته ٽينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو اهڙي ڪي بيهوشي جا دورا پئجي رهيا هئا علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي مقتول ٽينگر فرمان سولنگي جي والد ذوالفقار سولنگي ۽ سندس جيجل امڙ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو هڪڙو ئي پٽ هو اهو به ظالمن ماري ڇڏيو آهي منهنجو پٽ ڪير جي دڪان تي ڪم ڪندو هو هڪ سال تائين ڪم ڪيو منهنجو پٽ جي طبيعت به صحيح نه هئي پٽ جو چوڻ آهي ته مون کي دڪاندار مارڪٽ ڪئي آهي جنهن تان دڪان تان وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هن وڌيڪ چيو ته منهنجي پٽ کي مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏيندو هو جيڪو اڄ ظالمن منهنجي پٽ کي قتل ڪري فرار ٿي ويو آهي ڌرڻي دوران قتل ٿيل ٽينگر فرمان سولنگي جي جيجل امڙ ايس ايڇ او اي سيڪشن خليل احمد لغاري جي آڏو پوتي لاهي اپيلائي انصاف جي اپيل ڪندي چيو ته منهنجي پٽ جي قتل سان انصاف ڪيو وڃي جيڪڏهن منهنجي ٽينگر پٽ فرمان سولنگي جي قاتلن کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو واقعي جو نوٽيس ورتو ايس ايڇ او اي سيڪشن خليل احمد لغاري کي 24 ڪلاڪن جو ٽاسڪ ڏنو مقتول ٽينگر فرمان سولنگي جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي هر صورت ۾ گرفتار ڪيو وڃي ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو جي هدايتن تي ايس ايڇ او اي سيڪشن خليل احمد لغاري ٽينگر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ناڪابندي ڪري ڇڏي آهي ۽ مختلف هنڌن تي ڇاپا ڪاروايون جاري آهن جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سمورا وسيلا استعمال ۾ آندا پيا وڃن ڪنڊڪوٽ فرحان سولنگي قتل ڪيس ۾ مک جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعوا ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو جي خاص هدايتن تي انچارج مددگار ڪنڊڪوٽ خليل احمد لغاري پنهنجي ٽيم سان گڏ مختلف هنڌن تي ڪامياب ڪارروايون ڪندي فرحان سولنگي جي قتل ڪيس ۾ ملوث مک جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار کان جاچ ۽ وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي. جڏهن ته سندس قبضي سان هڪ بغير لائسنس پسٽل پڻ برآمد ڪئي وئي ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو انچارج مددگار ڪنڊڪوٽ خليل احمد لغاري سندس سموري ٽيم جي بهترين ڪارڪردگي کي ساراهيندي کين شاباش ڏني ۽ نقد انعام جو پڻ اعلان ڪيو هن چيو ته ضلعي ۾ امن امان قائم رکڻ ۽ ڏوهارين کي قانون جي ڪٽهري ۾ آڻڻ لاءِ پوليس جون ڪارروايون بنا ڪنهن فرق جي جاري رهنديون

بقايا 32 "روزاني عبرت"

واڌو بلنگ ۽ بجلي چوريءَ خلاف هٿ ۾ نعري وارو پلي ڪارڊ کڻي نعرا هڻندو شهر ۾ گشت ڪيو ان موقعي تي سندس سان يڪجهتي طور ڪجهه نوجوان ڪيس سان ريليءَ ۾ شامل ٿي ويا ان موقعي تي ڊاڪٽر نظير ڪوڪر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته رڳيپو جا ايماندار بجلي صارف بجلي چورن جي ڪري سخت عذاب ڀوڳي رهيا آهن هنن چيو ته بجلي چوري ڪندڙن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ بدران سيپڪو سڄي شهر کي ڏکي لوڊشيڊنگ، گهٽ وولٽيج ۽ اوور بلنگ جي سزا ڏئي رهي آهي. جيڪا سراسر ناانصافي آهي هنن چيو ته 24 ڪلاڪن مان ڪجهه ڪلاڪ ٿي بجلي ڏني ٿي وڃي جنهن ۾ به وولٽيج ڊراپ ڪري ٿو بار بار بجليءَ جي اچ وڃ جي ڪري گهر جا ڪافي سارا سامان ٽي وي، موٽرون مشينيون ۽ پکا سڙي ويا آهن جڏهن ته شهر ۾ سيپڪو عملدارن جو اهو به ظلم آهي ته هر مهيني بلن ۾ واڌو يونٽ لڳائي ۽ ڏهين طور مفلوج ڪيو پيو وڃي هن مطالبو ڪيو ته بجلي چوري ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ايماندار صارفين کي لوڊشيڊنگ ۽ اوور بلنگ کان فوري ڇوٽڪارو ڏنو وڃي شهر اندر ڪيترن ئي علائقن ۾ خراب ٽرانسفارمر تبديل ڪيا وڃن ۽ انتي بجليءَ جي فراهمي کي بهتر بڻائي وڃي ۽ سيپڪو جي لاپرواهه عملدارن خلاف به سخت قدم کنيا وڃن هن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا جلد قبول نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ سيپڪو آفيس آڳيان ڌرڻو هنيو ويندو جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي

بقايا 33 "روزاني عبرت"

چوڻ آهي ته بجلي جي بار بار بندش سبب نه رڳو گرمي برداشت ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، پر پاڻي جي فراهمي پڻ متاثر ٿي رهي آهي جنهن ڪري ماڻهن کي پيئڻ ۽ روزمره استعمال لاءِ پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ به سخت تڪليفون پيش اچي رهيون آهن بجلي نه هجڻ سبب ننڍا ڪاروبار دڪاندار ۽ مزدور طبقو معاشي نقصان کي منهن ڏئي رهيو آهي، جڏهن ته شاگرد به رات جي وقت پڙهائي نه ڪري سگهڻ سبب ذهني پريشاني ۾ مبتلا آهن متاثر شهرين الزام هنيو ته سيپڪو عملدارن جي نااهلي، چونڊيل نمائندن جي بي ڌياني ۽ لاڳاپيل اختيارين جي خاموشي سبب ميهڙ واسي مسلسل اذيت ڀوڳي رهيا آهن سندن چوڻ آهي ته لوڊشيڊنگ جو ڪو مقرر شيڊول نه هجڻ ڪري ماڻهن کي اڳواٽ ڪا به خبر نه هوندي آهي جنهن سبب روزاني زندگي جا سمورا معاملا درهم برهم ٿي وڃن ٿا. شهرين حڪومت، سيپڪو جي اعليٰ اختيارين ۽ ضلعي انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته ميهڙ ۾ جاري هٿرادو ۽ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ جو فوري نوٽيس ورتو وڃي، بجلي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ جيڪڏهن فني خرابي يا ٻيا مسئلا موجود آهن ته انهن کي جلد کان جلد حل ڪيو وڃي جيئن عوام سخت گرمي جي موسم ۾ سک جو ساهه کڻي سگهي.

بقايا 34 "روزاني عبرت"

هڪ سال کان احتجاج ڪري رهيا آهيون پوري سنڌ جي IBAپاس 40+ & PST JESTويٽنگ نوجوان ۽ نياڻيون کي آفر آرڊر ڏئي سندن بيچيني دور ڪئي وڃي ويٽنگ استاد اميدوارن خالد حسين ڪوسو،فياض احمد گلال ۽ ٻين جو گذريل 10 جولائي تي اسپيشل ڪاميٽي جي فيصلي کي نا انصافي قرار ڏئي،سمورن سنڌ جي رهيل اميدوارن کي ايڊجسٽ ڪرڻ جو مطالبو نوجوان پاران احتجاج ڪري ڀرتي پاليسي ۾ ترميم ڪري هڪ تعلقه ٻئي پاسي واري تعلقه ۾ ڀرتي ڪيو وڃي IBAپاس 40+ PST & JESTويٽنگ اميدوارن طرفان سنڌ جي ٻين شهرن جيان نئون ڳوٺ ۾ به احتجاج ڪيو ويو

بقايا 35 "روزاني عبرت"

ڪي گرفتار ڪري ورتو ياد رهي ته گرفتار جوابدار تي مهينا اڳ عبدالرزاق سجيداڻو کي قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس ٿاڻو ڪوٽ لالو تي داخل ڪيو ويو هو ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي ايس ايڇ او ٿاڻو ڪوٽ لالو ۽ سندس سموري ٽيم جي بهترين ڪارڪردگي تي کين شاباشي ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي ته پوليس اهڙي ئي جذبي سان ڏوهن خلاف پنهنجون ڪارروايون جاري رکندي.

بقايا 36 "روزاني عبرت"

خبر موجب تعلقي سيوهڻ سيوهڻ جي يوسي چنا جي ڳوٺ پڪا چنا پرسان پراڻي خوني تڪرار تان ٽالپر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ فائرنگ سبب خميسو ٽالپر ولد حاجي سجاول ٽالپر عمر 54 سال ڪڏي تي مارجي ويو اهڙو اطلاع ملڻ تي وڏي انگ ۾ علائقي واسي گڏ ٿي ويا. پوليس پڻ جاءِ وارادات تي پهچي واقعي بابت معلومات حاصل ڪئي، جنهن بعد مقتول جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز منتقل ڪيو ويو.آهي شروعاتي رپورٽ موجب واقعو سڳواڻي تڪرار جي پراڻي دشمنيءَ جو نتيجو ٻڌايو پيو وڃي. ذريعن جو اهو به چوڻ آهي ته ڳوٺ سجاول ٽالپور واسي مقتول خميسو ٽالپر 6 سال اڳ قتل ٿيل ٻن سڳن ڀائرن اڪرم ۽ نثار ٽالپر جي قتل واري ڪيس ۾ پڻ نامزد رهيو هو جڏهن ته واقعي بابت اهو پڻ ٻڌايو پيو وڃي ته ٻي ڌر جي هارون ٽالپر 6 سال اڳ قتل ٿيل پنهنجي ٻن پٽن جي قتل جو پلاند وٺڻ لاءِ مبينا طور حملو ڪري خميسو ٽالپر ولد حاجي سجاول ٽالپر کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. هوڏانهن پوليس موجب واقعي بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مقامي پوليس جوابدار ڌر جي ڳوٺ پهچي ته جوابدار ڌر جا ماڻهو گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن. پوليس واقعي جي ابتدائي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ٻئي طرف سيوهڻ اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد مقتول جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جيڪو ڳوٺ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 37 "روزاني عبرت"

وڏو تعليمي ادارو آهي جتي ملازم بنا خوف جي جعلي ڊگريون وکرو ڪري رهيا آهن انڪشاف ڪرڻ باوجود يونيورسٽي انتظاميه جعلي ڊگرين ۾ ملوث ملازمن خلاف ڪارروائي بجاءِ انهن جي پٺ ڀرائي ڪري رهي آهي هنن چيو ته شاهه لطيف يونيورسٽي دنيا ليول تي جعلي ڊگرين جي حوالي سان تمام گهڻي مشهور ٿي وئي آهي يونيورسٽي انتظاميه جا عملدار ڪرپٽ هجڻ ڪري جعلي ڊگرين ۾ ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي نٿا ڪن هنن چيو ته اسين يونيورسٽي انتظاميه کي واضح ڪرڻ چاهيون ٿا ته جعلي ڊگرين ۾ ملوث ملازمن خلاف جيستائين ڪارروائي نه ڪئي ويندي اسان جو احتجاج جاري رهندو هنن چتاءُ ڏنو ته فوري طور تي جعلي ڊگريون وکرو ڪندڙ عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ اندر تحريڪ تيز ڪئي ويندي

بقايا 38 "روزاني عبرت"

ٻڌايو ۽ ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏنيون متاثر نوجوان ڪامران علي ڪورڪاڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جوابدار مٿس تشدد ڪيو ۽ کيس چيو ته جيڪڏهن سندس چاچو ۽ والد پلاٽ واري ڪيس تان هٿ نه کڻندا ته کيس ۽ سندس خاندان کي نقصان پهچايو ويندو.هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بااثرن جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 39 "روزاني عبرت"

ڪيس ۾ ڪٽيو ويو آهي جيڪو جيل اندر قيد ڪيو ويو آهي ان کي ڪورٽ ۾ نه ٿو آندو وڃي جاچ ڪرائي کيس آزاد ڪيو وڃي اسان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون مسمات بشيران پنڌ جو ڌيئرن سميت احتجاج ڄامشورو شهر جي رهواسڻ عورت مسمات بشيران زال پسند پنڌ پنهنجي ڌيئرن صائما پنڌ ياسمين پنڌ سوهنا پنڌ ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي ته منهنجي جي پورهيت رڪشا ڊرائيور مڙس پسند علي پنڌ کي ڪاروڪاري جي الزام هيٺ قتل ڪيل امتياز پنڌ جي ڪيس ۾ ملوث ڪري گهرپل هڪ همراهه مولابخش پنڌ جي چرچ تي پوليس بلاجواز گهر گرفتار ڪري جيل ۾ قيد ڪري ڇڏيو ڏيارڻ بعد هن کي جيل اندر قيد رکيو ويو آهي هن چيو ته ان قتل ڪيس ۾ مور پنڌ شوڪت پنڌ وحيد پنڌ جبدار پنڌ معاذ نسيم نگر ٿاڻي تي ايف آءِ آر تاريخ 04_11_2025 تي داخل ٿيل آهي جنهن ۾ اهي جوابدار نامزد ڪيل جوابدار آهن باقي پسند پنڌ جو ان قتل ڪيس سان ڪو واسطو ناهي ان جو ان تي داخل ايف آءِ آر ڪوٽالو آهي هن چيو ته اسان پوليس وٽ مسلسل چڪر ڪٽي رهيا آهيون ڪي ڪو ٻڌڻ وارو ناهي منهنجي پورهيت مڙس رڪشا ڊرائيور کي بيگناهه قيد ۾ رکيو ويو آهي هن چيو ته ان کي ڪورٽ ۾ پيشي تي نه ٿو آندو وڃي هن مطالبو ڪيو ته جاچ ڪرائي ۽ پوليس جي ڪنهنڊ وزير گهرو ۽ پوليس صوبائي وزير جيل خانا کان مطالبو ڪيو آهي خدارا ان ماسري جي جاچ ڪري منهنجي جي بيگناهه مڙس کي جيل مان آزاد ڪرايو وڃي

بقايا 40 "روزاني عبرت"

۽ ايڊووڪيٽ احمد نواز انقلابي جي اڳواڻي ۾ هڪ اهم وفد حيدرآباد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ظلم خلاف ڌرڻي تي ويٺل شاگردن جي احتجاج ۾ شرڪت ڪئي هن ملاقات جو مقصد شاگردن سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ انهن جا مسئلا ٻڌڻ هو وفد ڌرڻي جي ڪيمپ جي شرڪت ڪندڙن کان خطاب ڪندي شير حيدر جتوئي چيو ته سنڌ هاري ڪميٽي شاگردن جي هر احتجاج جي مڪمل ۽ غير مشروط حمايت ڪري ٿي ۽ هن جدوجهد ۾ شاگردن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو هن چيو ته نوجوان نسل جو مستقبل داءُ تي لڳايو پيو وڃي ۽ SPSCجي نظام ۾ موجوده خاميون ۽ ناانصافيون ناقابل برداشت آهن وفد ان عزم جو اعادو ڪيو ته اهي شاگردن جي حقن جي حاصلات لاءِ هر قانوني ۽ جمهوري فورم تي انهن جو آواز بڻجندا ۽ انهن جي ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺا رهندا.

بقايا 41 "روزاني عبرت"

دل مارجي ويو جڏهن ته بدين پوليس جا ٻه اهلڪار زخمي ٿي پيا تفصيل موجب، سي آءِ اي بدين جي انچارج انسپيڪٽر گل حسن لغاري ۽ ٿاڻي ڪڍڻ جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر امتياز علي ٿيبو کي گهربل اطلاع مليو ته گهربل جوابدار محرم دل علي بندر روڊ پرسان موجود آهي اطلاع تي پوليس پارٽي فوري طور ڪارروائي ڪندي واقعي واري هنڌ پهتي ۽ جوابدار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران جوابدار گرفتاري کان بچڻ لاءِ پوليس تي بنا فرق فائرنگ شروع ڪري ڏئي فائرنگ دوران ڪانسٽيبل عاشق علي پنهيو ۽ ڪانسٽيبل ثاقب علي گاڏاهي زخمي ٿي پيا ٻنهي زخمي اهلڪارن کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي کين ضروري طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي واقعي جي اطلاع ملندي ئي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي پوليس جي وڌيڪ نفري واقعي واري هنڌ پهتي جي پوليس جي مؤثر حڪمت عملي ۽ جوابي ڪارروائي دوران جوابدار محرم دل مارجي ويو ابتدائي جاچ موجب، مارجي ويل جوابدار ريهوش هو ۽ پوليس مقابلن، چوري، رهزني، منشيات فروشي ۽ ٻين سنگين نوعيت جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ بدين پوليس کي گهربل هو سندس خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪيترائي ڪيس پڻ داخل هئا.

بقايا 42 "روزاني عبرت"

صديقي ٽنڊوالهيار پهتو ايم ڪيو ايم چيئرمين جي ٽنڊوالهيار پهچڻ تي ڪارڪنن پاران گلن جي ورکا ڪري استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ايم ڪيو ايم چيئرمين خالد مقبول صديقي ٽنڊوسومرو ريلوي ڦاٽڪ وٽ پارٽي پرچم ڪشائي ڪرڻ بعد ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته نه ايوان ۽ نه ئي اقتدار ايم ڪيو ايم جي طاقت آهي پر عوام ئي اسان جي اصل طاقت آهن هن چيو ته الله تعاليٰ جي طاقت کان پوءِ عوام ۽ هي روڊ اسان جي سڀ کان وڏي قوت آهن خالد مقبول صديقي چيو ته پاڪستان جي گذريل 80 سالن کان قابض جاگيردارن، وڏيرن ۽ سنڌ نسل در نسل قائم حڪمراني واري نظام جو خاتمو ڪيو ويندو هن چيو ته اهڙا ايوان ڏاهيندا سين جتي اوهان ۽ اسان جهڙا وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهو پهچي سگهن جن ڪيترن پڙهائي، بالٽين ۾ پاڻي ڀري ۽ مسافر بسن ۾ سفر ڪري زندگي گذاري هجي هن وڌيڪ چيو ته جيڪي ماڻهو عوام جي ڏکن ۽ تڪليفن کان واقف ناهن اهي ملڪ جي مسئلن کي نٿا سمجهي سگهن سندس چوڻ هو ته اڄ ٽنڊوالهيار ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي عوام پنهنجو ريفرنڊم ڏئي ڇڏيو آهي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪارڪنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن آدمشماري سٺو سڪورو شفاف ۽ ايمانداري سان ڪرائي وڃي ته سنڌ جي شهري علائقن جي آبادي 65 سيڪڙو ثابت ٿيندي، جڏهن ته سنڌ جي شهري آبادي مان حاصل ٿيندڙ ٽيڪسن تي سڄي پاڪستان جو نظام هلي ٿو

بقايا 43 "روزاني عبرت"

سروس جو باقاعده آغاز ڪيو ويو آهي هي ايمبولينس سروس غريب، مسڪين، لاچار بيمار ماڻهن، روڊ حادثن ۾ زخمين سميت هنگامي طبي حالتن ۾ متاثر ٿيندڙ شهرين کي 24 ڪلاڪ مفت سهولت فراهم ڪندي هي سهولت نگرپجا، ديس پرديس هوٽل، ٽالپرواڙ، شهر پير بڌڙي گابر شاخ، علي بحر واهه جنگهو وساڻ ۽ ٻين پسگرادائي وارن علائقن جي رهواسين لاءِ دستياب هوندي هدايت جماڻي ويلفيئر ٽرسٽ جي ٽيم جي مسلسل محنت سان شروع ڪيل هن عوامي خدمت جو مقصد بروقت ايمرجنسي طبي امداد فراهم ڪري قيمتي انساني جانيون بچائڻ آهي

بقايا 44 "روزاني عبرت"

سيال جي گودام تي ڇاپو هڻي جتي مبينا طور ٽريلر ذريعي ڪڻڪ اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي اسسٽنٽ ڪمشنر موجب ڪارروائي دوران ڪڻڪ سان ڀريل ٽريلر پنهنجي تحويل ۾ ورتو ويو جنهن ۾ 3 سئو کان وڌيڪ ڪڻڪ جون ٻوريون موجود هيون ضابطي جي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاڳاپيل گودام کي سيل ڪيو ويو هن وڌيڪ ٻڌايو ته ٻوريون سموري ڪڻڪ سرڪاري فوڊ گودام منتقل ڪئي وئي آهي

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جالپور ڪئنال ۽ نون ڪئنالن خلاف ايس يو پي جا مظاهرا، ريليون

بدين، ڪنڊڪوٽ، بخشاپور، دڙي محرابپور، شڪارپور، خيرپور، ٽنڊو آدم، سڪرنڊ، ڄامشورو، ڪوٽڙي، سيوهڻ ۾ ريليون

سنڌو درياهه سنڌ جي جيئڻ جو ذريعو آهي، پاڻي تي ڪنهن به ڌاڙي کي قبول نه ڪنداسين: اڳواڻ

تڪراري ڪئنال منصوبا ختم نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ وڌيڪ تيز ڪرڻ جو اعلان

حيدرآباد (نمائندن وڪان) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي سنڌو درياهه مان ڪڍيل نون ڪئنالن جالپور ڪئنال ۽ ٻين تڪراري منصوبن خلاف سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ۽ ريليون

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

SAVE CANALS ON INDUS
ڏاڙو نامنظور

حيدرآباد: ايس يو پي پاران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سنڌو درياهه تي نون ڪئنالن خلاف ڪيل احتجاجي مظاهرن جو ڏيک

ٽنڊوالهيار ويجهو انب جي وڻ ۾ اڌڙوٽ شخص جو ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو ٽنڊوآدم روڊ مهراڻ شگر مل وٽ انبن جي باغ ۾ ڦاهو ڪاڌل لاش ڏسي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن بعد اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٺائي سول اسپتال پهچايو پوليس موجب لاش ڪنهن هندو شخص جو لڳي رهيو آهي لاش جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي وڌيڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاهه پرسان گهٽي جي لنگهه تان جهيڙي ۾ مارجي ويل ۽ زخمين جو ڪيس داخل

ڪرم الله شر جي قتل واري واقعي تي ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس ڪارروائي دوران ٻنهي ڌرين جا 3 ڄڻا گرفتار، وڌيڪ جوابدارن لاءِ ڇاپا جاري

لڪي غلام شاهه (رپورٽ: عبدالرزاق مهر) لڪي غلام شاهه پرسان ڳوٺ ارباب شر ۾ گهٽي جي لنگهه واري معاملي تان ٿيل جهيڙي، جنهن ۾ ڪرم الله شر مارجي ويو ۽ پنج ڄڻا زخمي ٿيا، ان سلسلي ۾ لڪي ٿاڻي تي ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن پوليس موجب ٻنهي ڌرين جي داخل ڪيل ڪيسن تحت ڪارروائي ڪندي جوابدار ڌر جا ٻه ڄڻا گرفتار ڪيا ويا آهن جڏهن ته مقتول ڌر مان پڻ هڪ ڄڻي کي گرفتار

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سجاول پرسان نوجوان مبينا طور ناري کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ حاجي مٺو سومرو ۾ جوابدار نياز سومرو مسمات عجب سومرو جو گلو دٻائي قتل ڪيو

ناري کي قتل ڪرڻ بعد جوابدار وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آندو

پوليس ٻنهي جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيا، واقعي ڳوٺ ۾ سوڳ وارو ماحول

سجاول (ڊ ر) سجاول پرسان بيلو ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ حاجي مٺو سومرو ۾ پيش آيل افسوسناڪ واقعي دوران هڪ نوجوان مبينا طور هڪ نينگري کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ به خودڪشي ڪري ڇڏي پوليس

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ نوجوان پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا نوجوان عزير ولد اڪبر چشتي گهرو مسئلن سبب زهريلي جيٽ مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

حيدرآباد ۾ ٽن سالن کان پگهار ۽ جوائننگ آرڊر نه ملڻ خلاف ملازمن جو احتجاج

تعليم، صحت، پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين کاتن جي گريڊ 1 کان 4 جي ملازمن ڌرڻو هنيو

حيدرآباد جا سوين ملازم اڃا تائين حقن کان محروم آهن: اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن:مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي مختلف کاتن جي ٽنهين ملازمن ڪن سالن کان پگهار ۽ جوائنگ آرڊر نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج اسد ملڪاڻي معظم شاهه ۽ ٻيا جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته اسانکي سنڌ ۾ تعليم صحت پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين کاتن ۾ 3 سال اڳ هڪ کان 4 گريڊ ۾ ڀرتي ڪيو ويو هو سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ ملازمن کي لاڳاپيل کاتن ۾ جوائنگ ڏئي پگهارون جاري ٿيون آهن پرحيدرآباد انتظاميا اڃا ضلعي ۾ جوائنگ ڪري ڊيوٽيون ڪنڊ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، همراهه کان موٽرسائيڪل ڦر

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ بدامني ۾ ڏاڍ نه آئي نامعلوم هٿياربند ڦورو فوجي موڙ وٽ نديم ملڪ کان هٿيارن جي زور تي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو باهه سبب سڙي زخمي ٿيل عورت فوت، مڙس تي ڪيس داخل

ڳوٺ موڪ شريف ۾ 8 ڏينهن اڳ پيش آيل واقعي ۾ 35 ورهين جي سيتا ڀيل فوت ٿي وئي

عورت جي ڀاءُ جو نشي جي عادي مڙس تي قتل جو الزام، پوليس جوابدار گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو بڪيرا شريف ٿاڻي جي حد ڳوٺ موڪ شريف ۾ 8 ڏينهن اڳ باهه سبب سڙي زخمي ٿيل 35 سالا عورت سيتا ڀيل حيدرآباد جي اسپتال ۾ زخمن جا تاب نه سهيندي فوت ٿي وئي فوتي عورت جو لاش سول اسپتال ٽنڊوالهيار آندو ويو جتي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو انهي موقعي تي فوتي عورت جي ڀاءُ نرسنگ ٻڌايو ته منهنجي ڀيڻ کي سندس مڙس ڏيوو ڀيل پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي جنهن سبب هو سخت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: خودڪشي ڪندڙ موبائل فون جو مستري محسن خاصخيلي

ٽنڊوڄام: پوليس ڪارروائي خلاف خاصخيلي برادري پاران روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو پيو وڃي

ميهڙ ۾ رائيس ڪئنال جي پاڻي ڪوٽ خلاف ايس يو پي جي احتجاجي ريلي، ڌرڻو

مظاهرين جهنڊا ۽ بينر کڻي 3 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪيو، گڏهه ۽ گهوڙي تي نااهل ايريگيشن انجنيئرن جا نالا لکي احتجاج

ايريگيشن کاتي جي نااهلي جي ڪري پاڻي نه ملڻ سبب هزارين ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جو خدشو آهي:مظاهرين

رائيس ڪئنال ۾ فوري پاڻي فراهم نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ وڌيڪ تيز ڪئي ويندي

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) رائيس ڪئنال ۾ پاڻي جي سخت ڪوٽ ۽ سنڌو درياهه تي نون ڪئنال يا ڊيم ٺاهڻ جي تجويزن خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) ضلع دادو پاران ميهڙ ۾ وڏي احتجاجي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ سنڌو درياهه جي پاڻي تي مبينا ڌاڙي خلاف ايس يو پي جي احتجاجي ريلي

گولاڙچي (ت ر) سنڌو درياهه جي پاڻي تي مبينا ڌاڙي، جالپور ڪينال جي تعمير ۽ سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ وڌندڙ پاڻي جي ڪوٽ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي گولاڙچي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي مرڪزي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گمبٽ پرسان پلاٽ جي مالڪي واري تڪرار جو جرڳو، سيال ڌر تي 3 لک رپيا ڏنڊ مقرر

ڪلهوڙا ۽ سيال برادرين جي جهيڙي جو فيصلو لياقت علي سيال ۽ سردار شاهنواز ڪلهوڙو جي سرپنچي ۾ ٿيو

سيال برادري تي جهيڙي جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 3 لک رپيا ڏنڊ مقرر، ڌريون کير ڪنڊ

گمبٽ (ت ر)سڳيون پرسان ڳوٺ محمد بخش منگي ۾ ٻه ڏينهن اڳ ڪلهوڙا برادري جي نور محمد ڪلهوڙو ۽ سيال برادري جي محمد چنل سيال وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو هو جنهن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

پڊعيدن پرسان ڳوٺاڻن جو اغوا ٿيل نوجوان جي بازيابي لاءِ نوشهرو فيروز ۾ مظاهرو

نوشهرو فيروز(ڊ ر) پڊعيدن پرسان ڳوٺ چيهي جي رهواسين جو اغوا ٿيل نوجوان جي بازيابي لاءِ نوشهرو فيروز پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: پراڻي تڪرار تان قتل ٿيل شخص خميسو ٽالپر جو لاش سيوهڻ اسپتال آندو پيو وڃي

قاضي احمد ۾ صحافي خلاف ڪارروائي تي پٽ شاهه پوليس خلاف ريلي

غلام حيدر انڙ جي گهر تي چڙهائي، ڀڃ ڊاهه ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف نعريبازي

آءِ جي سنڌ کان شفاف جاچ، ڪيس ختم ڪرڻ ۽ صحافي سان انصاف جو مطالبو

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد ۾ پٽ شاهه پوليس جي صحافي جي گهر تي چڙهائي ڀڃ ڊاهه ڪري گهر سان ڦرلٽ ڪرڻ ۽ صحافي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف قاضي احمد جي صحافين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن راڄا ساجد انڙ رجب جتوئي خالد حسين چانڊيو ڪاشف علي انڙ دريا خان مري، اشفاق احمد راڄپوت غلام مصطفيٰ چانڊيو ايم بي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ پوليس ڪارروائي خلاف خاصخيلي برادري جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

مظاهرين ڪيسانا موري وٽ حيدرآباد - ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو هڻي بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

پوليس اصل منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران غريب ڪيبن هلائيندڙن کي گرفتار ڪيو: مظاهرين

ٽن ڪلاڪن جي ڌرڻي سبب ٻنهي روڊن تي گاڏي بيهجي ويون، جنهن بعد پوليس نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو

ٽنڊوڄام (ت ر) مبينا منشيات فروشن خلاف پوليس ڪارروائي دوران ڪيسانا موري پرسان ڪيبن هلائيندڙ نوجوان محمد خاصخيلي کي پوليس پاران گرفتار ڪرڻ خلاف خاصخيلي برادري جي سوين ماڻهن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ پرسان زميندار جي گهر مان 12 لک روڪ ۽ لکين رپين جو سامان چوري

نامعلوم چورن گهر ۾ داخل ٿي پيٽين جا تالا ٽوڙي سون ۽ قيمتي سامان کڻي فرار

متاثر زميندار منظور قمبراڻي چوري جي رپورٽ داخل، پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان زميندار جي گهر کي نامعلوم چورن ڪاٽ هڻي 12 لک روڪ رقم ۽ لکين رپين جي سامان کي ٻهارو ڏئي فرار ٿي ويا خبر موجب ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد پريل قمبراڻي جي زميندار منظور قمبراڻي جي گهر کي نامعلوم چور ڪاٽ هڻي گهر جي سامان ۾ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ ڪانپوءِ پيٽين جا تالا ٽوڙي ان ۾ رکيل روڪ رقم ۽ سون سميت گهر جو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا متاثر گهر ڌڻي منظور قمبراڻي ڪڪڙ ٿاڻي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ABBAS
PAK ARMY

گمبٽ: شهيد فوجي عباس سولنگي جو فائيل فوٽو

پير ڳوٺ پرسان هٿياربندن جي زور تي مزدورن کان ڏيڍ لک رپيا ڦر، احتجاج

نئين راشدي گيٽ وٽ هٿيارن جي زور تي ٻن مزدورن کي يرغمال بڻائي رقم کسي فرار

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڪاتوري) پيرجوڳوٺ جي نئين راشدي گيٽ وٽ هٿياربند ڦورن پريالوءِ کان واپس پيرجوڳوٺ ايندڙ ٻن ڄڻن محمد اسحاق گهانگهرو ۽ نويد اوڍو کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڏيڍ لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا ان حوالي سان متاثرن احتجاج ڪندي چيو ته اسان مرغي جو ڪاروبار ڪندڙ سيد اختيار علي شاهه جا مزدور آهيون ۽ پريالوءِ مان

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

زبير سولنگي پوليس جو شڪار ٿيل ڳوٺ عارب سولنگي پهتو، متاثرن سان ملاقات

پوليس انسانيت جون سموريون حدون پار ڪري يزيديت جو ڪردار ادا ڪيو آهي: زبير سولنگي

ڳوٺاڻن جي گهرن مان هنڌ، بسترا، چوپايو مال، ڪڪڙيون به کڻي ويا آهن جيڪا وڏي ناانصافي آهي

جماعت اسلامي پاران ٽينٽ سٽي قائم، سنڌ حڪومت کان نقصان جو ازالو ۽ متاثرن جي بحالي جو مطالبو

ٺٽو (ڊ ر) سولنگي برادري جي سردار جماعت اسلامي جي اڳواڻ سردار زبير سولنگي ٺٽي لڳ پوليس گردي جي شڪار ٿيل ڳوٺ عارب سولنگي ۾ پهچي متاثر ڳوٺاڻن سان ملاقاتون ڪري ٿيل نقصان جو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايجوڪيشن لوئر اسٽاف مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ٽنڊو محمد خان ۾ بجلي جي ٿنڀي تي چڙهيل شخص ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

11هزار وولٽيج تارن کي هٿ لڳڻ سان 45 ورهين جو محسن خاصخيلي سخت زخمي ٿيو

زخمي حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي مير محلي جو رهواسي 45 سالا محسن علي خاصخيلي بجلي جي ٿنڀي تي چڙهي 11 هزار وولٽيج تارن ۾ هٿ لڳائڻ دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب ڪري سخت زخمي ٿي پيو ڪيس علائقي واسين ايمرجنسي ۾ نجي اسپتال آندو ويو جتي سخت زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ سبب ڪيس سول اسپتال حيدرآباد نيڻ دوران رستي ۾ فوت ٿي ويو ٻي طرف فوتي محسن خاصخيلي جي خود ڪشي واري واقعي بابت علائقي واسين جو چوڻ هو ته ڪافي مهينن کان بيماري کان تنگ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ ڳوٺاڻي جي گهر تي برادري جي ماڻهن جو حملو عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي

برف جو صندل نه هڻائڻ واري معاملي تان ماڇي برادري جي ماڻهن گهر تي حملو ڪيو

زخمين اسپتال منتقل،متاثر خاندان جو پوليس تي ڪارروائي نه ڪرڻ جو الزام

هالا (ت ر) هالا جي ڳوٺ وڍي جي رهواسي حسين بخش ماڇي جي گهر تي برادري جي ماڻهن جو مبينا قاتلاڻو حملو ٻن عورتن سميت ڇهه ڄڻا سخت زخمي - ڳوٺ وڍي جي رهواسي حسين بخش ماڇي جي گهر تي ماڇي برادري جي ماڻهن برف جو صندل نه هڻائڻ تان مبينا قاتلاڻو حملو ڪري ڏنو جنهن سبب ٻه عورتون هر هڪ زرينا . شميم ۽ مرد هر هڪ ارشد . مهر علي . عباس علي ۽ منظور علي ولد حسين بخش ماڇي سخت زخمي ٿي پيا واقعي جي اطلاع تي هالا پوليس جهيڙي واري هنڌ پهچي جهيڙي تي ڪنٽرول ڪري زخمين کي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس جي ڪارروائي، گم ٿيل ٻه معصوم ٻارڙيون بازياب، عدالت ۾ پيش

گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ پاران ٻارڙين کي بازياب ڪرڻ تي ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو

ايس ايس پي خيرپور جي نگراني ۾ ڪارروائي، ٻارڙين کي فيملي ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ پيش ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر) سنڌ جي گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ پاران گم ٿيل ٻن ٻارڙين کي محفوظ طريقي سان بازياب ڪرائي عدالت ۾ پيش ڪرڻ تي خيرپور پوليس کي شاباش ڏني تفصيل موجب سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو خيرپور پوليس کي گم ٿيل ٻن معصوم ٻارڙين کي محفوظ طريقي سان بازياب ڪرائي عدالت ۾ پيش ڪرڻ تي شاباشي جو پيغام ڏنو آهي خيرپور پوليس جي سخت دباءُ ڪانپوءِ ٻارڙين جي ڏاڏي عبدالمجيد مگسي ٻنهي ٻارڙين کي فيملي ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ پيش ڪيو رسول آباد

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

Jamshoro District Press Club

ڄامشورو: مسمات بشيران پنڌ جو ڌيئرن سميت احتجاج

ٺٽي ۾ ڊسٽرڪٽ تاجر اتحاد جو نوجوان تي مبينا تشدد واقعي جي مذمت

نقاب پوش هٿياربندن شير علي کي يرغمال بڻائي سرعام تشدد جو نشانو بڻايو:حاجي انيس اختر

ايس ايس پي ٺٽو واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث سمورن جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪرائي

ٺٽو (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ تاجر اتحاد ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري حاجي انيس اختر ميمڻ پاران انيس سپر اسٽور مڪلي تي ڪم ڪندڙ ڳوٺ غلام محمد بروهي جي رهواسي نوجوان شير علي تي ٿيل مبينا وحشياڻي تشدد واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته نقاب پوش هٿياربندن پاران هڪ نوجوان کي يرغمال بڻائي اسٽور مان زبردستي گهيلي ٻاهر ڪڍي سرعام تشدد جو نشانو بڻائڻ انتهائي افسوسناڪ غير قانوني ۽ امن امان

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

گمبٽ قومي شاهراهه تي افسوسناڪ حادثو، عورت ٽرالر هيٺان اچي فوت

قومي شاهراهه روڊ تي موٽر سائيڪل ۾ ڪپڙو ڦاسڻ سبب ڪري پئي ۽ پوئان ايندڙ ٽرالر مٿان چڙهي ويو

ٽرالر ڊرائيور ٽرالر سميت موقعي تان فرار، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي

گمبٽ (ت ر) گمبٽ نادران آفيس پرسان قومي شاهراهه روڊ تي هلندڙ موٽر سائيڪل ۾ نوجوان عورت جي چادر موٽر سائيڪل ۾ ڦاسڻ سبب نوجوان عورت موٽر سائيڪل تان روڊ تي ڪري پئي ۽ پوئان ايندڙ تيز

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: ڳوٺ گل ڪوسو جي رهواسين پاران مبينا زمين تي قبضي ۽ بي دخلي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميهڙ ۾ قديمي ڳوٺ گل ڪوسو جي مبينا بي دخلي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

مظاهرين هٿن ۾ پاڪ ڪتاب کڻي بااثر ڌر خلاف مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

انگريزن جي دور کان آباد ڳوٺ کي غيرقانوني قرار ڏيڻ ناانصافي آهي: ڳوٺاڻا

ميهڙ (ن ع) ميهڙ تعلقي جي يوسي ٺٽون ڳوٺ ۾ واقع قديمي ڳوٺ گل ڪوسو جي رهواسين پاران مبينا زمين تي قبضي ۽ بي دخلي خلاف احتجاج ڪيو ويو آهي احتجاج ڪندڙن عاشق ڪوسو علي اصغر ڪوسو غلام عباس ڪوسو عبدالحميد ڪوسو گل ڪوسو صدام ڪوسو مسمات زرينا ڪوسو شريفان ڪوسو شمشاد ڪوسو بدران ڪوسو ۽ ٻين ڳوٺاڻن قرآن پاڪ کڻي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري ۾ ايس يو پي جو جلال پور ڪئنال خلاف احتجاجي مظاهرو

پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ، غيراعلانيه لوڊشيڊنگ، مهانگائي خلاف نعريبازي

سنڌو درياهه جي پاڻي تي پهريون حق سنڌ جو آهي: مظاهرين

گلاب لغاري (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي سموري سنڌ جيان گلاب لغاري شهر ۾ به ايس يو پي جي مرڪزي اڳواڻ نذير احمد لغاري ،ڪامريڊ اشرف لغاري ۽ طاهر سنڌي جي اڳواڻي ۾ جلال پور ڪئنال ۾ سنڌوءَ درياءَ مان پاڻي ڇوڙ ڪرڻ ۽ گلاب لغاري کي لڳندڙ مراد ڊسٽري ،زئونر مائنر ،ميران ڪوري ۽ ٻين شاخن جي پوڇڙين ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ بجلي غير اعلانيه لوڊشيڊنگ مهنگائي ۽ بيروزگاري خلاف گلاب لغاري پريس ڪلب سامهون احتجاجي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پي ايس ٽي ۽ جي اِي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جو مظاهرو، ٽائر ساڙي ڌرڻو

احتجاجي تحريڪ جي لڳايل احتجاجي ڪيمپ کان جناح باغ چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مظاهرين پاران ٽائرن کي باهه ڏئي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، هٿن ۾ بئنر کڻي سخت نعريبازي

آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اِي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اِي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن طرفان شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ جي سلسلي ۾ شهر جي جناح باغ ۾ اڻڄاتل مدي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ پورهيت جي خريد ڪيل گهر تي مبينا قبضو، متاثر خاندان جو احتجاج

6 لک رپين ۾ گهر خريد ڪيو پر زبردستي قبضو ڪيو ويو آهي: وزير علي سپريو

ايس ايس پي دادو قبضو ختم ڪرائي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ پورهيت جي گهر تي بااثر جو قبضو ، گهر ڌڻين کي گهر نيڪالي ، تشدد ، فائرنگ احتجاج ان حوالي سان ڪڪڙ جي ڳوٺ وسائي واسي عورتن مردن وزير علي سپريو ، عبدالخالق ، محمد

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ: جوابدار جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل نينگر جي حياتي جي تصوير ٻئي طرف لاش رکي ڌرڻو هنيو پيو وڃي

مٽياري ۾ ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ جو حڪم

ضبط ڪيل ڪڻڪ جون ٻوريون فوري طور تي منتقل ڪيون وڃن: ڊي سي محمد دانش ناڪر

ذخيره اندوزي ۽ منافعي خوري خلاف بنا امتياز قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

مٽياري (ڊ ر) ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف اثرائتي ڪارروايون تيز ڪيون وڃن ضبط ڪيل ڪڻڪ جون سموريون ٻوريون

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

قلم جي عزت سچ لکڻ سان آهي صحافي کي مظلومن جو آواز بڻجڻ گهرجي: ظهير لاڙڪ

آزاد ۽ باضمير صحافت ئي سماج جي مسئلن کي اجاگر ڪري ماڻهن کي سجاڳ ڪري سگهي ٿي

اقتدار ڌڻين جي چاپلوسي ڪندڙ صحافي مظلومن جو آواز دٻائي ڇڏين ٿا: سنڌي ادبي سنگت اڳواڻ

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڪاتوري) قلم جي عزت سچ لکڻ سان هوندي آهي اهڙي خيالن جو اظهار سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

صحافين جي تحفظ ۽ سهولتن لاءِ جدوجهد جاري رهندي: عبدالمجيد پنهور

ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان جو مقصد صحافين ۽ سندن خاندانن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ آهي

صحافين خلاف انتقامي ڪارروائين جي خاتمي ۽ ايڪريڊيٽيشن، هيلٿ ڪارڊ سميت سهولتن جو مطالبو

فقيرآباد (ن ع)ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور فقيرآباد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ قومي عوامي تحريڪ جا سنڌ جي مسئلن خلاف مظاهرا، ريليون

پاڻي ڪوٽ، جالپور ڪينال، 28هين ترميم ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف 48هين ڏينهن به احتجاج ڪيو ويو

حيدرآباد، سکر، ٽنڊو آدم، بدين، ڪڙيو گهنور، شڪارپور، لڪي غلام شاهه ۽ ٻين شهرن ۾ ريليون

سنڌياڻي تحريڪ پاران 31 جولاءِ تي حيدرآباد ۾ "متحد ۽ مضبوط سنڌ" پيادل مارچ جو اعلان

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) جلال پور ڪينال سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ، جلال پور ڪئنال سنڌو درياهه تي ڌاڙي، ذوالفقار آباد، 28هين ترميم ڪرپشن، سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ٻريا ڪماري ۽ اجالا پروين جي اغوا،بدامني

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

متحد ۽ مضبوط سنڌ
قومي عوامي تحريڪ

حيدرآباد: قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران جلال پور ڪئنال خلاف سنڌ مختلف شهرن ۾ ڪيل احتجاجن جو ڏيک

ڪپرو ويجهو ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب زخمي ٿيل عورت ڪراچي اسپتال ۾ فوت

ڪپرو (ت ر) ڪپرو ويجهو هفتو اڳ ڪپرو ميرپورخاص روڊ تي ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب زخمي ٿيل عورت وينجهار ڏال ڪيمچند لوهاڻو زخمن جا سور نه سهي فوت، ڪپرو ميرپورخاص روڊ تي لال خان شاخ اسٽاپ ويجهو ڪار ڪلٽي ٿيڻ زخمي ٿيل عورت وينجهار ٻائي ڏال ڪيمچند لوهاڻو زخمن جا سور نه سهي ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ فوت ٿي وئي فوتي عورت جو مڙهه گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌو درياهه تي نون ڪئنالن خلاف ايس يو پي جي ريلي

ڪارڪنن جي "سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو نامنظور" جي نعريبازي

سنڌ اڳ ئي پاڻي ڪوٽ جو شڪار آهي، نوان ڪئنال زراعت ۽ ماحول لاءِ نقصانڪار آهن:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مرڪزي سڏ تي سنڌو درياءَ مان نوان ڪئنال رٿائن اڏڻ خلاف پريس ڪلب روڊ تي ريلي ڪڍي وئي. ان موقعي تي ڪارڪنن پاران سنڌو درياءَ مان نوان ڪئنال ڪڍڻ وارين رٿائن رد ڪرڻ ۽ سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو نامنظور جا نعرا هنيا. ريلي کي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعي ٽنڊو محمد خان جي اڳواڻن عمران لغاري، مختيار خاصخيلي، ياسر داڻيداڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته چيو ته سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال ڪڍڻ وارين رٿائن سنڌ جو عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ دڪان مالڪ 13 سالن جي نينگر کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو

ڪير جي دڪان تي ڪم نه ڪرڻ جي ڳالهه تان دڪان مالڪ فرمان سولنگي کي گوليون هڻي فرار ٿي ويو

اطلاع پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، نازڪ حالت ۾ سکر منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ فوت

پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو وارثن نينگر جو لاش ڪشي ٽول پلازه وٽ رکي ڇڏيو ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

ايس ايڇ او مظاهرين وٽ پهچي جوابدارن جي گرفتاري جي خاطري ڪرائڻ بعد ڌرڻو ختم ڪرايو

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد گلشير محلي ۾ ڪير جي دڪان تي ڪم نه ڪرڻ جي ڳالهه تان دڪان جي مالڪ نينگر 13 سالن جي فرمان سولنگي مٿان پسٽل جا فائر ڪري ڪيس

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٿئون ڳوٺ ۾ IBAپاس اميدوارن جو آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ٿئون ڳوٺ(ن ع)ٿئون ڳوٺ پرسان جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي سنڌ جي سڏ تي IBA پاس +40 PST & JEST اميدوارن جو احتجاج اميدوارن جو سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر جي نگراني ۾ پارلياماني اسپيشل ڪاميٽي جي چيئرمين تعليم جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه ۽ جميل احمد سومرو گهڻ ڪٿي آهي ته مسلسل

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

راڻي پور ۾ بجلي بحران ۽ اوور بلنگ خلاف احتجاجي ريلي

بجلي چوري، غيراعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ واڌو بلن خلاف شهر جي گهٽين ۽ بازارن ۾ احتجاج

ايماندار صارفين کي سزا ڏيڻ بدران بجلي چورن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

راڻي پور(ن ع) راڻيپور ۾ وڌندڙ بجلي چوري، غيراعلانيل لوڊشيڊنگ، اوور بلنگ ۽ سيپڪو انتظاميا جي مبينا نااهلي خلاف سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر نظير ڪورڪ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سڄي شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي، شهر جي مختلف گهٽين ۽ بازارن مان ريليءَ جي صورت ۾ گذرين هو سيپڪو انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندو رهيو رپورٽ موجب: سياسي سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر نظير ڪورڪ پاران شهر ۾ سيپڪو جي نااهل انتظاميه اوور لوڊشيڊنگ،

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو

غير اعلانيل بجلي بندش سبب ڪاروبار متاثر ٿي رهيا آهن:مظاهرين

حڪومت ۽ سيپڪو اختيارين کان لوڊشيڊنگ جو نوٽيس وٺي مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ هٿرادو ۽ غيراعلانيل لوڊشيڊنگ عوام لاءِ وڏي عذاب جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي سخت گرمي جي موسم ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي جي بندش سبب شهرين جي روزاني زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي، جڏهن ته ڪاروباري سرگرميون، تعليمي عمل ۽ گهريلو معمول پڻ سخت متاثر ٿي رهيا آهن شهرين جو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ضلعي ڄامشورو جي رهواسڻ بااثر خلاف احتجاج ڪندي

باقراڻي: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

خيرپور پوليس ڪارروائي، قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) ايس ايڇ او ٿاڻو ڪوٽ لالو ۽ سندس ٽيم جي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪوٽ لالو پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي مقتول عبدالرزاق مجيداڻو جي قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار صدام حسين شر

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ پرسان پراڻي دشمني تان ٽالپر ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ پڪا چنا پرسان جهيڙي ۾ فائرنگ سبب خميسو ٽالپر ٿڌي تي ئي مارجي ويو

پوليس موجب پراڻو خوني تڪرار سبب واقعو پيش آيو، جوابدار ڌر گهر خالي ڪري فرار

مقتول جي قتل تي ڳوٺ ۾ ڪهرام، پوليس ابتدائي رپورٽ داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ لڳ ٽالپر برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو فائرنگ، گوليون لڳڻ سبب هڪ ڄڻو قتل، لاش سيوهڻ اسپتال آندو ويو جوابدار ڌر گهر خالي ڪري فرار ابتدائي رپورٽ داخل،

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ جعلي ڊگرين واري معاملي خلاف جسقم جو احتجاج

نشاندهي باوجود يونيورسٽي انتظاميه، ملوث ملازمن خلاف قدم نه کنيو:مظاهرين

ڪارروائي نه ٿيڻ جي صورت ۾ سنڌ سطح تي احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ 12 سئو کان وڌيڪ جعلي ڊگريون وڪرو ڪندڙ شاهه لطيف يونيورسٽي جي ملازمن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ تي جيئي سنڌ قومي محاذ به ڪورٽ روڊ تي احتجاجي ڪئمپ جاري رکي احتجاجي ڪئمپ تي جسقم جي مرڪزي اڳواڻ امجد خان مهيسر ياور خان مهيسر گلشن ڦليوٽو ستار ڪانهو راجا شيخ ۽ ٻين پاران احتجاج ڪندي چيو ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي اتر سنڌ جو تمام

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙو، نوجوان تي تشدد ۽ مرتمار ڌمڪين خلاف احتجاج

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان نارو تجل شريف جي علائقي ۾ پلاٽ جي مالڪي واري تڪرار تان ڪورڪاڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ هڪ ڌر جي ماڻهن ٻي ڌر جي گهر تي حملو ڪري ڪامران علي ڪورڪاڻي کان ڦرلٽ بعد تشدد جو نشانو

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ : پورهيت گهر تي قبضي خلاف ڏانهين رهيو آهي

ڄامشورو ۾ عورت جو ڪاروڪاري الزام واري قتل ڪيس ۾ مڙس کي بيگناهه گرفتار ڪرڻ خلاف

ڄامشورو (ڊ ر) 10 مهينا اڳ قاسم آباد لڳ ڪاروڪاري الزام هيٺ قتل ڪيل نوجوان جا اصل قاتل گرفتار ڪرڻ بدران بااثر جي پچ تي رڪشا ڊرائيور گرفتار منهنجي مڙس کي بنا ڪنهن ڏوهه جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف اميدوارن جو احتجاج جاري

سنڌ هاري ڪميٽي مختلف جو احتجاج ڪندڙن سان يڪجهتي طور شرڪت

ايس پي ايس سي جي نظام ۾ خاميون ۽ ناانصافيون نوجوانن جي مستقبل تباهه ڪن پيون:ثمر جتوئي

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌپبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏيندڙ اميدوارن پاران ڪميشن ۾ ٿيل ظلم خلاف حيدرآباد ۾ ڪميشن آفيس آڏو احتجاج جاري آهي سنڌن حمايت ۾ سنڌهاري ڪاميٽي جي صدر ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي انساني حقن جي اڳوڻي اڳواڻ ماريا ساريو سياسي اڳواڻ سب خاصخيلي ايڊووڪيٽ ڪبيريپل سنڌن حمايت ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي صدر ثمر حيدر جتوئي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5



ٿئون ڳوٺ: آءِ بي اي اميدوارن جو آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي

بدين پوليس ڪارروائي، مقابلي ۾ آئيس ڊيلر مارجي ويو، ٻه اهلڪار زخمي

ڳجهي اطلاع تي پوليس پهتي ته جوابدار ڏسي ڪري مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني

پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب گهربل جوابدار محرم دل مارجي ويو

گوليون لڳڻ سبب ٻه اهلڪار عاشق علي پنهور ۽ ثابت علي گاڏي پڻ زخمي، اسپتال منتقل

بدين (ڊ ر)بدين پوليس جي ڪارروائي دوران پوليس مقابلي ۾ آئيس ڊيلر ۽ سنگين ڪيسن ۾ گهربل جوابدار محرم

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ايم ڪيو ايم پاڪستان جو چيئرمين خالد مقبول صديقي ٽنڊوالهيار پهتو

ايوان ۽ نه ئي اقتدار ايم ڪيو ايم جي طاقت آهي، پر عوام ئي اصل طاقت آهي:خالد مقبول

80سالن کان قابض جاگيردارن، وڏيرن جي قائم حڪمراني واري نظام جو خاتمو ڪيو ويندو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جو چيئرمين خالد مقبول صديقي ٽنڊوالهيار پهتو . ڪارڪنن طرفان وک وک تي گلن جي ورکا سان استقبال خبر موجب ايم ڪيو ايم پاڪستان جو چيئرمين خالد مقبول

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ اي سي جي ڪارروائي ڪڻڪ اسمگل ٿيڻ جي ڪوشش ناڪام

مورو (ن ع) مورو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ فوڊ کاتي جي عملي ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي مورو-دادو روڊ تي رحيم

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: ڪرڪ هيٺيان اچي فوت ٿيل عورت جو لاش پيل آهي

فقيرآباد ۾ هدايت جماڻي ويلفيئر ٽرسٽ پاران مفت ايمبوليئنس سروس جو آغاز

محمد مبين جماڻي ۽ فراز مبين جماڻي پاران عوامي سهولت لاءِ ايمرجنسي سروس شروع

نگريجا ۽ ڀرپاسي جي ڪيترن ئي علائقن جا رهواسي ايمبوليئنس سهولت مان فائدو وٺي سگهندا

فقيرآباد (ن ع) هدايت جماڻي ويلفيئر ٽرسٽ جي باني محمد مبين جماڻي ۽ سندس فرزند، سي اي او فراز مبين جماڻي جي طرفان فقيرآباد نگريجا ۽ ڀرپاسي جي علائقن جي عوام لاءِ مفت ايمبوليئنس

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پاڻي تي ڌاڙي خلاف مظاهرو، پوليس ڪڙڪي پئي، منير حيدر شاهه سميت 25 کان وڌيڪ اڳواڻ گرفتار

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙي ۽ جلال پور ڪئنال خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

جناح چوڪ وٽ پوليس احتجاج ڪندڙ مٿان ڪڙڪي پئي، مظاهرين مٿان لاٺي چارج ڪيو ويو

مرڪزي نائب صدر منير حيدر شاهه، روشن ڪلهوڙو، ناياب سرڪش سميت 25 کان وڌيڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن گرفتار

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙي ۽ جلال پور ڪئنال منصوبي خلاف مرڪزي نائب صدر سيد منير حيدر شاهه جي اڳواڻيءَ ۾ درگاهه قائم شاهه بخاري روڊ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.